# امر راڳي امر گيت

## سرمد سنڌي



مرتب: ڪوثر برڙو

# امر راڳي امر گيت

## (سرمد سنڌي)

(سرمد سنڌي جي ڳايل شاعري)

مرتب

**ڪوثر ٻرڙو**

حق ۽ واسطا پبلشر وٽ هٿيڪا


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : امر راڳي امر گيت (سرمد سنڌي) |
| مرتب | : ڪوثر ٻرڙو |
| صنف | : شاعري |
| ڇاپو پهريون | : 2005ع |
| ڇاپو ٻيو | : جنوري 2008ع |
| پبليشر | : نازش شيخ |
| پروڊڪشن انچارج | : غلام نبي شيخ |
| ڪمپوزنگ | : ايس پنهور |
| ٽائيٽل ڊزائن | : مور ساگر |
| ڇپائيندڙ | : لبيڪ پبليڪيشنز 10 ربي چيمبر حيدر چوڪ حيدرآباد |

قيمت: 250 روپيه

# ارپنا

انهن نوجوان راڳين کي
جيڪي سرمد سنڌيءَ جي اسٽائيل ۾ ڳائي
سندس انداز کي زنده رکيو پيا اچن

۽

انهن لکين پرستارن جي نانءُ
جيڪي سرمد سان پاڻ کان وڌيڪ پيار تا ڪن.

**- ڪوثر برڙو**



سرمد جي ٻارڙن سان مرتب جي تصوير

# سٽاءُ


- پبلشرز نوٽ — 8
- سرمد کي هڪ ننڍڙي پيتا — ڪوثر ٻرڙو — 9
- سرمد سنڌيءَ جي بايوڊيٽا — ڪوثر ٻرڙو — 11
- سرمد رڳو فنڪار ئي نه هو — مهاڳ — ظفر عباسي — 13
- سرمدي سنڌيءَ جو پهريون ريڊيو انٽرويو — ڪوثر ٻرڙو — 17


(سرمد سنڌيءَ جي ڳايل الف بي وار شاعرن جي شاعري)


| | |
|---|---|
| آسي محمود زميني | 23 |
| آڪاش انصاري | 25 |
| آتش | 27 |
| آغا ڳڙهي ياسينوي | 28 |
| آصف | 29 |
| استاد بخاري | 30 |
| امداد حسيني | 43 |
| ابراهيم منشي | 44 |
| اياز گل | 46 |
| ادل سومرو | 50 |
| انور پيرزادو | 53 |
| انور | 55 |
| ايوب گاد | 56 |
| انور قمبراڻي | 58 |
| افضل قادري | 60 |
| افضل سولنگي | 62 |
| ادريس نهڙيو | 64 |
| انور موج | 66 |
| امجد شاهه | 67 |
| اطهر مورائي | 68 |
| اڪبر ڪولاچي | 69 |
| بخشڻ مهراڻوي | 70 |
| بلال اوٺو | 71 |
| سمبل | 72 |
| بخشل | 73 |
| بيدل فقير | 74 |
| تاجل بيوس | 75 |
| پياسي نظر چانڊيو | 77 |
| نظر چانڊيو | 78 |
| جمن دربدر | 83 |
| جمن شاهه جتي | 84 |
| حليم باغي | 85 |
| حسن درس | 91 |
| حميد سبزوئي | 92 |
| حميد ڏاهري | 93 |
| حليم سنڌي | 96 |
| حاجي شاهه | 97 |
| خدابخش آزاد | 98 |
| ڊاڪٽر مشتاق ڦل | 99 |
| ڊاڪٽر ذوالفقار سيال | 104 |
| ڊاڪٽر ناهيد مغل | 106 |
| راشد مورائي | 108 |
| رشيد احمد لاشاري | 115 |
| رفيق شاهه | 116 |
| زاهد شيخ | 117 |
| زخمي چانڊيو | 162 |
| زمان خاصخيلي | 163 |
| زاهد راڄپر | 164 |
| سچل سرمست | 165 |
| سرڪش سنڌي | 166 |

| | |
|---|---|
| سرمد چانڊيو | 167 |
| سميع بلوچ | 170 |
| سائل آزاد | 175 |
| سائينداد ساند | 177 |
| سڪندر شاهه | 178 |
| سرتاج گل | 181 |
| ساگر ڪمبوهه | 182 |
| سانوڻ | 183 |
| سرويچ | 184 |
| شاهه لطيف | 185 |
| شيخ اياز | 194 |
| شيرل گاڏهي | 207 |
| شفيع | 208 |
| شاهده کوکر | 209 |
| شاد | 210 |
| طالب | 211 |
| عبدالڪريم گدائي | 212 |
| عبدالغفار تبسم | 213 |
| عبدالحڪيم ارشد | 219 |
| علي محمد اڏيرائي | 220 |
| علي گل سانگي | 223 |
| عاشق جهنگلاڻي | 225 |
| علي بخش پريالوي | 229 |
| عبدالوهاب | 230 |
| عمر خاصخيلي | 231 |
| عبدالله شيخ | 232 |
| غلام حسين رنگريز | 233 |
| غفور شاهه | 235 |
| غوثل | 236 |
| غلام نبي | 237 |
| فتاح ملڪ | 238 |
| قمر شهباز | 239 |
| قاصر نواز | 240 |
| قادر نوحاڻي | 251 |
| ڪوثر برڙو | 252 |
| ڪرم خان | 254 |
| لوڪ گيت | 255 |
| لاڪو منظور | 261 |
| محمد خان مجيدي | 263 |
| ميهر فقير | 264 |
| منظور خاموش | 265 |
| مير صوبدار سعيد | 270 |
| محمد خان مخمور | 271 |
| منظور مگسي | 272 |
| منصور ميراڻي | 273 |
| مسيحا بلوچ | 274 |
| مومل | 275 |
| مشتاق احمد | 277 |
| محمود جمالي | 278 |
| مقصود شفيع | 279 |
| ممتاز | 280 |
| محفوظ الرو | 281 |
| نثار بزمي | 282 |
| نماڻو سنڌي | 283 |
| ناظم منگي | 285 |
| نجمه نور قلپوٽو | 286 |
| نياز پتافي | 287 |
| نذر محمد سمبل | 288 |
| ناز | 289 |
| نديم | 290 |
| نامعلوم | 291 |
| وحيد هڪڙو | 297 |
| ولي محمد | 298 |
| هادن | 299 |

## پبلشر نوٽ

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

اسان کي اميد آهي ته [illegible] ڪتاب
۽ اوهان کي ضرور پسند ايندو.

ادارو

# سرمد کي هڪ نينڊڙي پيٽا

سرمد سنڌي سنڌ جو اهو لاڏلو ۽ البيلو گلوڪار هو، جنهن کي هر طبقي ۽ هر عمر جي ماڻهن ۾ جيڪا مقبوليت ملي اها شايد ئي ڪنهن فنڪار جي نصيب ۾ آئي هجي. 86ع کان وٺي 96ع تائين واري ڏهاڪي کي سرمد سنڌيءَ جو ڏهاڪو چئجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو. هڪ انسان ۽ هڪ فنڪار جي ناتي سرمد ۾ ڪٿي ڪمزوريون ۽ ڪوتاهيون به هونديون پر مجموعي طور هُو هڪ خوش قسمت ۽ مقبول ترين ۽ هر دلعزيز انسان ۽ فنڪار هو. هُو هڪ ئي وقت لکين پرستارن جي دلين تي راڄ ڪندڙ جادوگر گلوڪار هو، جنهن جي وڇڙي وڃڻ کي ڏهاڪو سال ٿي رهيا آهن پر پوءِ به سندس مقبوليت ۾ ڪا گهٽتائي ڪونه آئي آهي. سرمد سنڌي هڪ ئي وقت قومي ڳلوڪار ۽ رومانوي راڳيءَ جي حيثيت سان مقام ۽ شهرت حاصل ڪئي. سندس ڳايل ڪلامن مان ڪيترائي ڪلام اسان جي سنڌي موسيقيءَ جو انمول سرمايو ۽ بي بها خزانو آهن، جن کي سانڍڻ ۽ سهيڙڻ جي منهنجي پراڻي خواهش هئي، جيڪا اڄ پوري ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ جهڙيءَ ريت استاد منظور علي خان، استاد منو ڪڇي، مصري فقير، ڦوٽو زرداري، جلال چانڊيو ۽ ڪجهه ٻين فنڪارن جو انداز هڪ ”اسڪول آف ميوزڪ“ جي حيثيت اختيار ڪري ويو، اهڙيءَ طرح سرمد سنڌيءَ به پنهنجو هڪ الڳ اسٽائيل ۽ انداز قائم ڪيو، جنهن کي اڄ به ڪيترائي نوجوان راڳي زنده رکيو اچن پيا. گويا سرمد سنڌيءَ کي زنده رکيو پيا اچن. سرمد سان منهنجو تعلق مختلف حوالن سان رهيو. هڪ دوستيءَ وارو تعلق ٻيو پروڊيوسر ۽ فنڪار وارو تعلق، ٽيون ٻڌندڙ وارو تعلق ۽ چوٿون پرستاري ۽ عقيدت وارو تعلق، ۽ هي ڪتاب آئوٽ ڪرڻ ان چوٿين نمبر تعلق جو مظهر، عڪاس ۽ ثبوت آهي. مون جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو آهي ته سرمد جي ڳايل گيتن کي ڪتابي صورت ڏيڻ منهنجي ديرينه ۽ پراڻي خواهش هئي، جيڪا گهڻو اڳ پوري ٿيڻ کپندي هئي پر چاڪاڻ ته هن کان اڳ منهنجا ٻيا چار ڪتاب به آئوٽ ٿي چڪا آهن، ان ڪري هن ڪتاب کي آئڻ ۾ دير ٿي آهي پر سچي ڳالهه اها آهي ته گذريل چئني ڪتابن جي

آئوٽ ٽيڻ جي مون کي شايد ايتري خوشي نہ ٿي هوندي جيتري سرمد جي حوالي سان آندل ڪتاب جي ٿي آهي. سرمد جون ڪيسٽون هٿ ڪرڻ ڪان وٺي آهي اکر اکر ٻڌي ڪاغذ تي رف صورت ۾ لاهڻ ۽ وري فيئر ڪرڻ تائين. واسطيدار شاعرن سان رابطا ڪرڻ ڪان وٺي صحيح تلفظ جي تصديق تائين، وري ظفر عباسي کي ڪيچ مڪران ڪان مواد ڦوٽو ڪاپي ڪري موڪلڻ ڪان وٺي پروفن کي بار بار ڏسڻ تائين، مون کي جيڪا محنت ڪرڻي پئي آهي ۽ وقت ڏيڻو پيو آهي ان جو اندازو قلم ڏٺي ئي لڳائي سگهن ٿا. مون ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪتاب ۾ غلطيون گهٽ ڪان گهٽ هجن ۽ وڌ ۾ وڌ ڳايل ڪلام شامل ٿي سگهن. مان سمجهان ٿو ڪيسٽن ۾ ڳايل سرمد جا 95 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ڪلام هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ڪتاب کي وڌيڪ جامع ۽ ڪارائتو بنائڻ لاءِ مون ڪيترن ئي دوستن سان رابطا ڪيا، بار بار رابطا ڪيا، خط لکيا. فون ڪيا، روبرو گذارشون ڪيون، جن دوستن مثبت انداز ۾ موٽ ڏني، تن جي بہ مهرباني ۽ جن دوستن منهنجي گذارش کي هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏيو انهن جا بہ ٿورا. هي ڪتاب نہ تہ ڪمرشل بنيادن تي ڇپرايو اٿم ۽ نہ ئي ڪو منهنجو ذاتي مفاد آهي پر محض سرمد سان عقيدت جي بنياد تي ۽ هڪ قومي فرض جي ادائگيءَ طور هي ڪم ڪيو اٿم، جيڪو سرمد جي دوستن، گهڻگهرن، پرستارن ۽ پنهنجن لاءِ يقيناً هڪ تحفي ڪان گهٽ نہ هوندو. مان آخر ۾ انهن سڀني دوستن ۽ مهربانن جو تہ دل سان شڪريو ادا ٿو ڪيان، جن ڪتاب "امر راڳي امر گيت" جي ڇپرائيءَ ۾ مون سان اخلاقي ۽ قلمي سهڪار ڪيو آهي.

**ڪوثر برڙو**
**خيرپور ميرس**
10 **ڊسمبر** 2005
Tell: 0243-502544

# سرمد سنڌيءَ جي بايو ڊيٽا

اصل نالو: عبدالرحمان مغل.
فني نالو: سرمد سنڌي.
اصل نالو تجويز ڪيو: هاليجوي بزرگن.
والد صاحب جو نالو: حيات علي مغل.
ڄمڻ جي تاريخ: اصل ستين مئي 1958ع سرٽيفڪيٽن ۾ 7 جولاءِ 1961ع.
ڄمڻ جو هنڌ: پريالوءِ ضلع خيرپورميرس.
ننڍي لاڪون شوق: چنگ وڄائڻ ۽ ترڻ.
تعليم: پرائمري اسڪول پريالوءِ. هاءِ اسڪول پريالوءِ ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور.
ڊپلوما سول: ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور 80-1979ع.
**مجموعي تعليم: بي ٽيڪ**
**پاڻرن ۽ پينرن ۾ نمبر: پنجون.**
اسٽار: ثور. (Tavrus).
شادي سال: 24-12-93ع پاڙي جي سنڌي پٺاڻن مان. ارينج ميريج (جمعو) شادي به جمعي تي ٿي ۽ وفات به جمعي تي.)
اولاد: هڪ نياڻي، هڪ پٽ. نياڻي ماريه ۽ پٽ عزيرالرحمان جيڪو سندس وفات کان ٽي ڏينهن پوءِ پيدا ٿيو.
حج: والده سان گڏ 1993ع.
سکيا ورتائين: استاد سليمان ٻرڙو قائم الدين ڪورڪاٽي، استاد مجيد خان، شاهد بزمي.
ريڊيو ٽي وي تي باقاعده اچڻ: سال 1985ع.
ٽي وي تي سڀ کان پهرين ريڪارڊنگس: او ٻگا لولي، رات آئي وئي ۽ تنهنجي ياد جي وري آ وير.
آئيڊيل فنڪار: منظور علي خان، ڊول فقير، فقير عبدالغفور.
پسنديده فنڪار: محمد يوسف، عابده پروين ۽ منظور سخيراڻي.
پسنديده شاعر: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، ابراهيم منشي،

حليم باغي ۽ زاهد شيخ.
سڀ کان وڏيڪ ڳاتائين: زاهد شيخ.
سڀ کان پهرين ڪيسٽ: توصيف سائونڊ اسٽوڊيو ڪراچيءَ ۾ ٿي.
ڪيسٽن جو ڪل تعداد: 50 کن.
پسنديده ڪمپوزر: ٻيي لهري، فيروز گل، شاهد بزمي، ظهور خان زيبي.
پهريون حادثو: اپريل 1993ع - پير ڳوٺ - سکر روڊ تي نائچن وٽ (اتفاق سان پهريون حادثو به شاديءَ تي ويندي ٿيس ۽ ٻيو حادثو به) ٻيو حادثو (موت جو سبب) 27 ڊسمبر 1996ع برور جمعو علي الصبح.
حادثي جو هنڌ: ٺٽي ضلعي ۾ ديوان شگرمل پرسان.
زندگيءَ جي آخري محفل: هڪ شادي بدين ۾.
زندگيءَ جي آخري محفل ۾ ڳايل آخري ڪلام: او قاتل...
سرمد جي اسٽائيل ۾ ڳائيندڙ راڳي: احمد مغل - ساگر سنڌي - نديم سرمد - سرمد اياز - سرويچ سنڌي - مهراڻ سنڌي - سرور اداس - فياض جويو - نجيب شيخ.
جنازي نماز ڪنهن پڙهائي: مولوي عبدالفتاح ميمڻ.
تدفين: مخدوم اسماعيل رح جي مقبري پرسان قبرستان ۾. پنهنجي والد جي پيرانديءَ کان.

مهاڳ

# سرمد رڳو فنڪار ئي نہ هو

مون کي اهو ياد نہ آهي تہ سرمد سان منهنجي پهرين ملاقات ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي (جڏهن ماڻهو ذات جو حصو ٿي ويندا آهن، تڏهن شايد ائين ٿيندو آهي). اسان ريگيولر بہ نہ ملندا هئاسين (جڏهن وڇوڙي جو احساس ئي نہ رهي تڏهن شايد ائين بہ ٿيندو آهي) پر جڏهن بہ هو حيدرآباد ايندو هو، ملاقات ضرور ٿيندي هئي. توڙي جو مان هن جو مداح هيس ۽ آهيان پر ان جو اظهار هن سان ڪڏهن بہ نہ ڪيو هيم. هن جي سامهون هن تي سخت تنقيد ڪندو هئم "او قاتل بدلو وٺنداسين" ائين ڳائبو آ؟ جو قاتل کي بہ رحم اچي وڃي! وڃي بيدل مسرور کان سک تہ شاعريءَ کي ان جي ڪيفيت آهر ڪيئن ڳائجي؟" هڪ اهڙو فنڪار جنهن کي سڄي سنڌ ۾ تمام وڏي رشڪ آموز مڃتا هجي اهو جيڪڏهن ايڏي ڪڙي تنقيد جي موٽ ۾ بہ "يار پاڻ ڪو فنڪار ٿوري آهيون، اسان تہ ڪارڪن آهيون سنڌ جا، اسان کان تہ اسان جو روح ٿو ڳارائي!" تہ هن جي مهانتا ۾ اجان بہ اضافو ٿي ويندو هو. واقعي هو سنڌ ڌرتيءَ جو هڪ سچو ڪارڪن هو ۽ جي هو رڳو فنڪار ئي هجي ها تہ هو ٻين فنڪارن کي برداشت نہ ڪري ها، پر هتي ائين نہ هو هو پاڻ کان سينئر، پاڻ جيڏن توڙي پاڻ کان پويان ايندڙ فنڪارن جي دل سان عزت ڪندو هو ۽ ساڻن پيار ڪندو هو. منظور سخيراڻيءَ کي هو پنهنجي استاد جيتري ئي پر پٽ بہ حيثيت ڏيندو هو پر منظور سخيراڻيءَ جي اردوءَ ۾ ڳائڻ جي ڳالهہ مارڪيٽ ۾ آئي تڏهن ڪانئس چيڪ ڪرڻ لاءِ پڇيم "اردوءَ ۾ ڳائڻ جو وڏو مارڪيٽ آهي، تون ڪڏهن ٿو شروعات ڪرين؟" تڏهن بہ هن مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو "رڳو پئسو ئي سڀ ڪجهہ ناهي، آءٌ ڪو پئسن لاءِ ٿو ڳايان ڇا؟"

80ع واري ڏهاڪي ۾ حيدرآباد جي گدز ناڪي لڳ فليٽن ۾ ڪوثر ٻرڙو، ناز سهتو ۽ آءٌ گڏ رهندا هئاسين. جوڻيجو دور ۾ ريڊيو جي "نئين طرز نشريات" شروع ٿي تہ ڇڻ ريڊيو اسان جو ٻيو گهر ٿي ويو. آءٌ الاهي بخش ٻانيڻ، شميم ٻانيڻ، ڪوثر ٻرڙو، نجمہ ملاح، سلما ملاح، نغما ملاح (ملاح سسٽرس)، ناز سهتو وغيره ڇڻ هڪ ئي ڪٽنب ٿي ويو. ان دوران اها رٿا غور هيٺ آئي تہ هر مهيني گڏجڻ جو ڪو بهانو ڳولهيون ۽ سڄي گروپ جي ميمبرس جي سالگرهہ جا ڏڻ اهو بهانو بڻيا جو سڀ گڏجڻ لڳاسين، پهرين سالگرهہ پهرين مارچ تي نار سهتو جي ٿي تہ هن سرمد کي

سڏي ورتو ۽ اهو بهانو هن کي بہ پسند آيو. سو هر سالگرهہ ۾ اچڻ جي حامي ڀريائين. ٻي سالگرهہ 2 اپريل تي ٿئي مهيني منهنجي ٿي تہ اچي نڪتو ۽ پوءِ جيسين اهو سلسلو هليو تيسين نڀائيندو آيو.

سندس شاديءَ جو فيمليءَ سان سڏ ڏنائين تہ ڳوٺ وڃي پاڻيجن ۽ ڀائيٽين کي وٺي شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي، موٽي جڏهن سندس ونيءَ سان سندس تصوير اخبار ۾ شايع ڪئي تہ واءُ مينهن ڪري اچي پهتو "مارائيندئو ڇا يار؟! اڃان اسان ايتري ترقي نہ ڪئي آ. منهنجو خير آ، ڳوٺ ۾ منهنجي گهر واريءَ لاءِ سندس توڙي منهنجا مائٽ مسئلو ڪندا. ڏاڍا تيو ائين نہ ڪيو!" سندس ڳالهہ مناسب لڳي ان ڪري مجي تہ رازداريءَ واري انداز ۾ پڇيائين "ڀلا اها تصوير توهان وٽ آئي ڪيئن؟" چيومانس "فيمليءَ سان دعوت ڏيڻ جا ڪجهہ نقصان بہ آهن، خاص ڪري صحافين کي!"

الائي ڪيئن هن کي خبر پئي تہ مون کي پامسٽري ايندي آهي سو هڪ ڏينهن اچي جهليائين ڇئي "منهنجو هٿ ڏس!" منهنجون منٿون تہ "منهنجا دلبر پامسٽري ڏاڍي ظالم شئي آهي، ان ۾ ماڻهوءَ کي پراورا سور بہ پالڻا پوندا آهن. ان ڪري مون ڇڏي ڏني آهي ۽ هاڻ تہ ايڏو ٽائيم ٽي ويو آهي جو مون کان وسري بہ وئي آ." پر هن جو زور تہ "منهنجو هٿ توکي ڏسڻو پوندو!" نيٺ هٿ ڏسي بس ڪيم تہ منهنجي صورت مان ئي هن کي ڪٿڪو ٿي ويو. مون ڪيس مٺاڄريون سموريون ڳالهيون ٻڌايون پر هو منهنجي اندر واري ڳالهہ تائين پهچڻ لاءِ سڀ گر استعمال ڪرڻ لڳو. "ٻيو ڇاهي؟" کان ويندي"سڀ بڪواس، سڀ ڪوڙ" تائين. نيٺ هو منهنجي "سفر ۾ احتياط جي هدايت تي زور" مان اندازو لڳائي ويو تہ ڇا آهي، پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن بنياد تي هو مون کان پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي ئي ويو تہ "هن جو وڃوڙو ڪنهن سفري حادثي ۾ ممڪن آهي ۽ اهو بہ تہ هن جي حياتي ڪا ايڏي ڊگهي ناهي!" هو تہ پامسٽريءَ يا مون تي ڀروسو نہ ڪري، پنهنجي زندگي سکي گهاري پئي سگهيو پر ان ڏينهن کان پوءِ مون هن جي حوالي سان ڏاڍو ڏکيو گذاريو. ڪٿڪو هن کي بہ هيو. جڏهن حج جي ادائگيءَ لاءِ سعوديءَ وڃڻ کان اڳ موڪلائڻ آيو تہ منهنجي بيقراريءَ ۾ اڃان اضافو ٿي ويو. مون هن جا ڪجهہ انٽرويو ۽ تعارف روزاني خادم وطن، ڪاوش شوبز ايڊيشن ۽ ميگزنس ۾ ڪيا ۽ ڇاپيا هئا پر اوچتو هڪ غير رسمي انٽرويوءَ جي خواهش پيدا ٿي پئي. بسترا گهر جي ڇت تي لڳايا. ننڍڙي ٽيپ ۾ سيل ۽ ڪيسٽ وجهي وهاڻي جي ڀرسان رکي هن سان ڪچهري شروع ڪئي. اها اسان جي نج ذاتي ڪچهري هئي، جيڪا هلندي هلندي ادبي،

فني، سياسي ۽ سماجي ٿي وئي. مان نموني سان ڪيسٽ جا پاسا بدلائيندو. ڪيسٽ چينج ڪندو رهيس ۽ جڏهن سڄي ڪچهري پوري ٿي تڏهن مون ٽيپ ظاهر ڪري سندس آڏو هلائي ڇڏي.

"هن ۾ ڪيڏي بڪواس ڪئي اٿئون! اها پڙهڻ ڪا فضيلت آ." هن چيو هو.

"ڪڏهن ڪڏهن اهڙين بي فضيلتائين ۾ بہ ڪيئي ڪم جون ڳالهيون ٿي ويندیون آهن. مان اهي ڪڏهن شايع ڪندس!"

"تون سڌرندين ڪڏهن؟" هن چيو هو.

"جڏهن وقت سڌاريندو!" وراڻيو هيم.

"اهو تہ مشڪل آ، باقي جيئن وڻئي تيئن ڪر!" هو ڇڙئي آرامي ٿيو هو. صبح جو ڪراچيءَ ويو ۽ پوءِ سعوديءَ لاءِ اسهيو هو تہ منهنجا ڪن ۽ اکيون خبرن ڏانهن مرڪوز ٿي ويون هيون، جيسين موٽي آيو هو. (ان ڪيسٽ مان ڪم جون ڳالهيون سرمد جي ورسيءَ جي حوالي سان ماهوار هالار ڊائجسٽ جي ڊسمبر جي ٽيون چوٿون سال اڳ واري پرچي ۾ شايع ڪيون هيون. سندس منهنجو ورتل آخري انٽرويوءَ جي سري سان).

هن ڪيئي ڀيرا چيو هو تہ "ڪو ڪلام ڏي تہ ڳائي وڃانءِ!"

پر مان هر ڀيري ڪيس چوندو هيس "منهنجي شاعري ڳائڻ واري ناهي، اها ڪتابي آهي!" (اهو تہ هاڻ 2005ع ۾ گل حسن لغاريءَ ڳائي احساس ڏياريو تہ اها ڳائي سگهجي ٿي).

ائين سرمد منهنجو ڪو گيت نہ ڳاتو. سرمد جي وڇوڙي ڪان پوءِ اهو احساس شدت سان تيڻ لڳو هو. ۽ هي ڪتاب ڏسي تہ ان احساس ۾ اڃان وڌيڪ شدت آئي آهي تہ ڪاش هو منهنجو بہ ڪو گيت ڳائي ها. پيار وارن ماڻهن جي وڇوڙن تي لکڻ مون لاءِ گهڻ ۾گهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي! هزار چاهڻ جي باوجود مان پنهنجي بابا سائينءَ، پنهنجي محبوبا، استاد بخاري، خيرالنساءِ جعفري ۽ سرمد سنڌيءَ جي وڇوڙن تي ڪو تاثر ناهيان لکي سگهيو. اهو ئي سبب آهي جو انهن مان ڪن جي حوالي سان جڏهن ڪو ڪتاب پڌرو ٿيندو آهي تہ پاڻ تي افسوس ٿيندو آ، لڳندو آ ڄڻ منهنجو ۽ انهن جو رشتو ئي نہ هجي. سرمد جي حوالي سان شايع ٿيل پهرئين ڪتاب ۾ بہ ائين ئي ٿيو ۽ هن ڪتاب ۾ بہ مون ڪي صرف پبلشرز نوٽ ئي لکڻو هيو ۽ هن ڪتاب جو مهاڳ ناز سهتي ڪي لکڻو هيو پر اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مصروفيتن آهر عين ٽائيم تي جڏهن هن معذرت ڪئي تہ ورسيءَ جي ڏڻ تي ڪتاب پڌرو نہ ڪري سگهڻ جي مجبوريءَ تحت ڪتاب جو مهاڳ مون پاڻ ئي لکڻ جو فيصلو ڪيو. (جيڪو شايد منهنجو حق بہ هيو).

جيتوڻيڪ هي مهاڳ ڪان وڌيڪ هڪ تاثر آ. پر جڏهن دلين جون

۽ دلبرن جون ڳالهيون ٿينديون آهن تڏهن لکڻين جا فارميٽ پاڻمرادو جڙندا آهن يا تبديل ٿي ويندا آهن. ان ڪري مون کي بہ جيئن من ۾ ايندو ويو لکندو ويو. آهيان ۽ سرمد جي حوالي سان مان اهو بہ سمجهان ٿو تہ هو جيڏو منهنجو ويجهو هو ايڏو ئي سندس سڀني چاهڻ وارن جي ويجهو هو ۽ مون سميت اهي سڀ بہ هن کي ايڏا ئي ويجها هوندا هئا.

هن راڳ کي هڪ پيغام جي صورت ۾ سنڌ واسين تائين رسايو، جنهن ۾ وطن جي غدارن سان مهاڏو اٽڪائڻ کان وٺي سماج جي ناسور ڪردارن خلاف آواز اٿارڻ تائين ڪيئي سنيها هئا. بيشڪ ان پورهئي ۾ انهن سمورن شاعرن جي اکين جا اوجاڳا، دلين جا درد ۽ من جون مرادون بہ شامل آهن پر انهن کي روح جي گهراين سان ڳائڻ جو جذبو تمام گهٽ فنڪارن کي نصيب ٿيو آهي، انهن تمام ٿورڙن فنڪارن ۾ سرمد سنڌيءَ جو نالو بہ هڪ آهي. سرمد هڪ ذميوار ۽ اپريل محبِ وطن سان گڏ هڪ مڪمل انسان ۽ هڏ ڏوڪي ماڻهو بہ هو جنهن کي هر ماڻهوءَ جي اهنج ۽ ايذاءَ تي اهڙو ڏک ٿيندو هو جهڙو پنهنجي اهنج ۽ ايذاءَ تي.

موجوده دور ۾ اهو بہ تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ڪنهن ٻئي جي باري ۾ ڪتاب شايع ڪرايو وڃي پر ڪوثر ٻرڙي ڪي جس آهي جنهن پنهنجي دوستيءَ جو حق ادا ڪندي هيءَ خوبصورت پيٽا سرمد کي ارپي آهي. اسان وٽ هونءَ بہ ريسرچ جو ڪم گهٽ ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ جو ان ۾ وڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي، شارٽ ڪٽ اسان جي ٻين شعبن جيان ادب ۾ بہ گهڙي آيو آهي پر ڪوثر ان جي ابتڙ ڪم ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ ڪمٽمينٽ هجي تہ ڪو ڪم ڏکيو نہ آهي. هي ڪم ڪيترو ڏکيو آهي، ان جو اندازو ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان پوءِ ئي پئجي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو پري کان تہ اهو چوڻ آسان آهي تہ "سرمد جي ڪنهن فئن وٽان ڪيسٽون هٿ ڪري اتارڻ ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي؟" پر اصل ڪم آهي انهن سمورن ڪلامن جي ترتيب، اتارڻ، تلفظ، پروف، سيٽنگ وغيره. پر اهڙي راءِ رکندڙن لئہ اها گذارش ڪافي آهي تہ اهي ڪنهن ٻئي فنڪار جي ڳايل شاعريءَ کي تہ ترتيب ۾ آڻي ڏيکارين؟! ڪوثر ٻرڙو جو هن کان اڳ وارو ڪتاب "تنهن عشق کي شاباس" بہ تحقيقي ڪم هيو ۽ ان بہ سنڌ ۾ وڏي مڃتا ماڻي هئي ۽ اميد تہ سندس هيءُ ڪتاب بہ پنهنجي حوالي سان ضرور مقبوليت ماڻيندو.

**ظفر عباسي**
**15 .12 .2005**

گفتگو: ڪوثر ٻرڙو

# سرمد سنڌيءَ جو ريڊيو انٽرويو

ڪوثر: سرمد! توهان کي ريڊيو جي اسٽوڊيوز ۾ اچڻ تي دل جي گهراين سان ڀليڪار چئون ٿا. سڀ کان اول دل کولي پنهنجي ٻڌندڙن کي پنهنجو مڪمل تعارف ڪرايو.
سرمد: توهان جي تمام گهڻي مهرباني، توهان هر وقت منهنجي همت افزائي پئي ڪئي آهي. منهنجو نالو عبدالرحمان مغل منهنجو ڳوٺ ڀريالو ضلع خيرپور ميرس ۽ منهنجو پيدائشي شهر به ڀريالوءِ آهي.
سوال: توهان جي تعليم ڪيتري آهي؟
سرمد: مان ٻهرين ڊپلوما ڪيو. ان کان پوءِ بي ٽيڪ ڪيم. پوءِ بي ٽيڪ آنرز ڪيم. هينئر اسسٽنٽ انجنيئر جي پوسٽ تي. ڪي ڊي اي ۾ ڪم ڪيان پيو. شروع ۾ سب انجنيئر هوس ۽ هاڻي تازو ئي پروموشن ٿيو آهي.
سوال: هڪ طرف انجنيئرنگ جي تعليم ۽ ٽيڪنيڪل تعليم پوءِ فن جي دنيا طرف ڪيئن لاڙو پيدا ٿيو؟
سرمد: شوق ته ننڍپڻ کان تمام گهڻو هو پر گهر جو ڪجهه ماحول اهڙو هو ڇو ته مذهبي گهراڻو هو ۽ سيئي گهر وارا ڳائڻ وڄائڻ کي ڏاڍو بُرو سمجهندا هئا پر ڇاڪاڻ ته مون ۾ اها قدرتي ڏات اندر ۾ موجود هئي. ننڍپڻ ۾ جيڪو به گانو ٻڌندو هوس اهو جهونگاريندو رهندو هوس ۽ ڪنهن فنڪار کي ڳائيندو ڏسندو هوس ته وڃي ان جي ڀرسان چپ ڪري ويهي توجهه سان راڳ ٻڌندو هوس ته اهو فنڪار ڪيئن ڳائي ٿو. ڪيئن آلاپ ٿو هڻي. ائين وقت شوق ۾ گذرندو رهيو. ميٽرڪ به پاس ڪري ورتم. ان کانپوءِ ٽيڪنيڪل ڪاليج خيرپور ۾ داخلا ورتم، اتي شاگرديءَ وارو فري ماحول مليو. هاسٽل ۾ رهندو هوس. دوستن جو حلقو پيدا ٿيو. اتي مان ٿورو ٿورو ڳائڻ لڳس. ٻهريان چند دوستن جي محفل ۾ ۽ پوءِ گهڻن دوستن جي ميڙاڪن ۾ ڳائڻ لڳس. دوستن همت افزائي ڪئي جن ۾ اوهان به شامل آهيو.
سوال: ان ٽائيم ۾ جڏهن فنڪشن ٿيندا هئا. ڪجهه فنڪشن اسان پاڻ به

ترتيب ڏنا پر ان وقت اوهان شوقيہ ڳائيندا هئا. ايڏو سنو نہ ڳائيندا هئا.
فن ۾ پختگي ڪڏهن کان آئي؟
سرمد: مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳس تہ تمام سٺن فنڪارن جي صحبت اختيار ڪيم. جيئن منظور سخيراڻي، استاد محمد يوسف آهي. آهستي آهستي ماحول بہ مليو. ڪجهہ محنت طرف توجهہ بہ ڏنم. خدا جو شڪر آهي ڪجهہ آئٽم ريڪارڊ ڪرايم جن کي ماڻهن تمام گهڻو پسند ڪيو.
سوال: پوءِ مڪمل احساس ڪڏهن کان ٿيو تہ اوهان واقعي فنڪار آهيو؟
سرمد: مون جڏهن ٽي ويءَ طرف رخ رکيو. اتي مونکي سميع بلوچ صاحب وٺي ويو. هن آڊيشن لاءِ هارون رند صاحب اڳيان پيش ڪيو. ان کي چيائين تہ سائين توهان هن فنڪار کي ٻڌو. پسند اچي تہ موقعو ڏيوس نہ تہ بس. هارون رند منهنجا ڪجهہ گانا ٻڌا ان کي بيحد پسند آيا.
سوال: تہ ٽي ويءَ جي پهرين پروگرام مان اوهان کي مڪمل فنڪار هئڻ جو احساس ٿي ويو؟
سرمد: نہ بلڪل نہ! مون پهرئين پروگرام جي ريڪارڊنگ ۽ وري ڊبنگ ڪرائي تہ مان ان وقت بيحد ڪنفيوز هوس ڇو تہ زندگيءَ جو پهريون موقعو هو پر هارون رند صاحبؒ تمام گهڻي محنت ڪرائي. ان کانپوءِ ٽي مون کي فنڪشن ملڻ لڳا. ماڻهو مون کي اوڏانهن وٺي ويندا هئا، اتي مختلف ماڻهن سان ملاقات ٿيندي هئي. جيڪي چوندا هئا تہ تون سٺو ٿو ڳائين تہ ان وقت مون کي اهو احساس ٿيڻ لڳو تہ مان پهرئين ڏاڪي ۾ پير رکي چڪو آهيان.
سوال: ان جو مقصد اهو ٿيو تہ اوهان پهريان ٽي وي تي آيا. ريڊيو تي بہ ٽي ويءَ واريون ريڪارڊنگس هلن پيون تہ اجان تائين ريڊيو تي نہ اچڻ جو ڪو خاص سبب آهي؟
سرمد: ڪو سبب ڪونهي نہ ئي ان ۾ ريڊيو وارن جو ڪو قصور آهي. دراصل مون کي پاڻ تي اعتماد ڪونهي. منهنجي خيال ۾ ٽي ويءَ جي مقابلي ۾ ريڊيو تي ڳائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ان ڪري چوان ٿو تہ ٽي وي ۽ اسٽيج تي ڳائي پاڻ ۾ مڪمل اعتماد پيدا ڪري پوءِ ريڊيو تي اچان.
سوال: سڀ کان پهريون ڪلام ڪهڙو ڳايو؟
سرمد: منهنجي پهرئين ڏينهن ٽي ويءَ تي ريڪارڊنگ ٽن گانن جي ٿي هئي. لولي. ٻيو تنهنجي ياد جي وري آ وير ۽ ٽيون ڪلام شيخ اياز جو

هو رات آئي وئي تون نہ آئين کھي. انھن مان مون کي لولي سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪري ٿي ڇو تہ ان ۾ فوڪ شامل آهي. فوڪ شيون مونکي وڌيڪ پسند ايندڙيون آهن. تلھي ليکي ائين چوان تہ مون کي پنهنجا اڄ تائين ڳايل سڀ گانا پسند آهن.

سوال: لوليءَ کي وڌيڪ پسند ڪرڻ جو ڪو خاص پس منظر آهي ڇا؟

سرمد: دراصل اسان جي پاڙي ۾ پريالوءِ ۾ هڪ ماڻهو رهندو هو. اهو ڪڏهن ڪڏهن ڏوهہ بہ ڪندو هو. اهو رات جو لولي جهونگاريندو هو. مونکي ان جي پُـر اثر ادائگي، لفظ ڏاڍا وڻندا هئا. هڪ ڏينهن مون کيس چيو تہ يار! هي ٻول مون کي ڏاڍا وڻن ٿا. اها شاعري ڪنهن جي آهي؟ تہ ان همراهہ وراڻيو تہ هڪ رات مان ڏوهہ ڪرڻ جي خيال سان ڪنهن گهر ۾ گهڙيس اهو جتن جو علائقو هو. ان گهر پرسان رات جو هڪ ماءُ پنهنجي ٻار کي لولي ڏئي ننڊ ڪرائي رهي هئي. مون چوريءَ جو ارادو ختم ڪيو ۽ لوليءَ جا ٻول ياد ڪرڻ ويٺس. اها ڳالهہ ان همراهہ ٻڌائي پوءِ مون کانئس لوليءَ جا ٻول لکرايا ۽ پوءِ ان کي موسيقيءَ جي روپ ۾ ڳايم.

سوال: سرمد! جڏهن اوهان ريڊيو تي پنهنجو آواز ٻڌو ٿا، اسڪرين تي پاڻ کي ڳائيندي ڏسو ٿا تہ ان وقت ڇا احساسات هوندا آهن اوهان جا؟

سرمد: جڏهن ائين ٿيندو آ تہ مان خوش تہ ٿيندو آهيان پر دل ۾ سوچيندو آهيان تہ مونکي وڏائي نہ ڪرڻ گهرجي. غرور نہ ڪرڻ گهرجي. مان محنت ڪيان ٿو، ڪوشش ڪيان ٿو تہ جيئن اجان بہ وڌيڪ وڏو ۽ مقبول آرٽسٽ بڻجي سگهان.

سوال: هونئن عام زندگيءَ ۾ مغرور آهيو ڇا؟

سرمد: ها سائين! انسان آهيان، ڪڏهن ڪڏهن ڪاوڙ اچي ٿي. مغروري ڪونہ ايندي آهي. ٿورڙو بہ ڪڏهن اهڙو احساس ٿيندو آهي تہ ضمير زندهہ ٿي پوندو آهي ۽ پاڻ سنڀالي وٺندو آهيان.

سوال: ان جو ڪهڙو سبب آهي تہ "ڪافي" اوهان گهٽ ڳائي آهي؟

سرمد: ان ڳالهہ جو مون کي احساس آهي ۽ هينئر مون ڪجهہ ڪافيون ڪمپوز ڪيون آهن. انشاءَ الله جلد ماڻهو ٻڌندا.

سوال: اوهان جو پسنديده ڪمپوزر ڪهڙو آهي؟

سرمد: پسنديده ڪمپوزر هڪ ڪونهي، گهڻا آهن. ٻيءِ لهريءَ جا فاسٽ ميوزڪ وارا گانا مونکي گهڻو وڻندا آهن. ٻيا بہ انڊيا جا ڪمپوزر پسند آهن.

سوال: ڳائڻ ۾ آسان صنف ڪهڙي لڳندي اٿو؟
سرمد: آسان تہ ڪا بہ شئي ڪونهي. هر صنف کي ڳائڻ ۾ وڏي محنت ڪرڻي ٿي پوي پر جيستائين سولائيءَ جي ڳالهہ آهي تہ لوڪ گيت ڳائڻ ۾ آسان آهن ۽ انهن ۾ بہ وري لولي.
سوال: توهان کي مختلف شاعرن جو ڪلام ڏئي ڳائڻ لاءِ چئجي تہ اوليت ڪهڙي شاعر کي ڏيندؤ؟
سرمد: سڀ کان پهريان تہ لطيف سرڪار، جيڪو اسان سنڌين ۽ سنڌ جو سرتاج آهي. شاعرن جو سرتاج آهي. ان کانپوءِ شيخ اياز آهي. ابراهيم منشي آهي. اهي منهنجا پسنديده شاعر آهن. نوجوان شاعرن مان ادل سومرو آهي. ٻيو اسان جو ڳوٺائي شاعر آهي زاهد شيخ ان جا ڪلام بہ مان ريڪارڊ ڪرائڻ گهران ٿو.
سوال: سرمد اوهان جي گائڪيءَ ۾ اداسي ڇو هوندي آهي؟ عام زندگيءَ ۾ بہ اوهان اداس ۽ گم ٿيل محسوس ٿيندا آهيو ڇو؟
سرمد: هر ماڻهوءَ سان مسئلا ۽ پريشانيون لاڳو رهن ٿيون، جن جو عام زندگيءَ تي گهرو اثر پوي ٿو. في الحال مون تي جيڪو اثر آهي اهو منهنجي والد صاحب جي وفات جو آهي، جيڪو پنج ڇهہ مهينا اڳ وفات ڪري ويو آهي. ان ڪري ڳائيندي ڳائيندي بہ بابو سائين ياد اچي ويندو آهي. ان ڪري اداسي غالب ٿي ويندي آهي.
سوال: فن جي دنيا ۾ ڪو يادگار واقعو؟
سرمد: واقعا اسٽيج تي تمام گهڻا پيش ايندا آهن. هڪڙو ناخوشگوار واقعو مون سان پيش آيو، جيڪو مان ٻڌائڻ پسند نہ ڪندس.
سوال: پسنديده فنڪار ڪهڙو آهي توهان جو؟
سرمد: استاد منظور علي خان منهنجو پسنديده فنڪار آهي. عابده پروين، محمد يوسف، منظور سخيراڻي بہ آهن.
سوال اڄڪلهہ سنڌي موسيقيءَ جو جيڪو معيار آهي. هڪ فنڪار. هڪ ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ اوهان جي ڇا راءِ آهي؟
سرمد: اڄڪلهہ انڊيا جي ڌنن تي جيڪي گانا ريڪارڊ ڪرايا وڃن ٿا تہ ڪاروبار ۽ ڪيسٽ جي دنيا ۾ اهي ڪيسٽون گهڻيون وڪامن ۽ مقبول ٿين ٿيون. پڙهيل لکيل طبقو نواڻ چاهي ٿو. هيٺيون طبقو، معني عام ماڻهو هاري ناري وري سطحي ۽ عام شاعريءَ کي تمام گهڻو ٻڌن ۽

پسند ڪن ٿا. حالانڪ مونکي اهڙي عام شاعري ۽ انڊيا جي ڌنن تي ڳائڻ ۾ مزو ڪونہ ايندو آهي پر ڇا ڪجي روزيءَ جو مسئلو بہ آهي.

سوال: اوهان جي ڄمڻ جي تاريخ ڪهڙي آهي؟

سرمد: ستين مئي 1958ع.

سوال: ڪجھ ذاتي سوال پڇڻ جي اجازت آهي؟

سرمد: موزون سوال هوندا تہ مونکي جواب ڏيڻ ۾ عار ڪونهي.

سوال: شادي ٿيل آهي؟

سرمد: نہ شادي ڪونهي ٿيل. هينئر ڪرڻ جو ارادو آهي.

سوال: ڪراچيءَ مان ڪا لو ميريج ڪندئو يا پريالوءِ مان پنهنجن مان؟

سرمد: نہ لو ميريج نہ ڪندس. حالانڪ ڪراچيءَ ۾ تمام گهڻا اتيا وينا آهيون پر اڃان اسان جو ذهن ڪراچيءَ واري ماحول کي قبول ڪونہ ٿو ڪري. ان ڪري شادي پنهنجي ڳوٺان پريالوءَ مان ڪندس.

سوال: ڇو ڀلا ڪراچيءَ ۾ رهڻ جي باوجود اتان جي ماحول کي پسند ڪونہ ٿا ڪيو. ڪو خاص سبب؟

سرمد: ڪراچيءَ جي ماحول ۾ مصنوعيت گهڻي آهي. اسان ٻهراڙيءَ جا سادا ماڻهو اسان خلوص جا عادي آهيون.

سوال: ريڊيو ٻڌندا آهيو؟

سرمد: بلڪل ٻڌندو آهيان.

سوال: تہ پوءِ ڇا ٿا سمجهو تہ اوهان جي عوامي مقبوليت جو وڏو ڪارڻ ۽ ذريعو ريڊيو آهي يا ٽي وي؟

سرمد: ريڊيو ذريعي منهنجي وڏيڪ عوامي پذيرائي ٿي آهي. خاص ڪري اوهان منهنجا تمام گهڻا گانا هلايا آهن. سامعين بہ اهي ٻڌن ٿا ۽ انهن کي پسند ڪن ٿا ۽ مون کي خط لکي پنهنجي راءِ جو اظهار بہ ڪن ٿا. ان لاءِ ريڊيو جو ٿورائتو آهيان.

سوال: آخر ۾ ٻڌندڙن لاءِ پيغام ڏيڻ چاهيو ٿا؟

سرمد: هو جتي بہ آهن محنت ڪن. محنت سان ئي پنهنجو مستقبل روشن ڪن. اسان محنت ڪنداسين تہ هن تيز رفتار دنيا سان قدم ۾ قدم هلائي سگهنداسين.

(هي انٽرويو سرمد سنڌيءَ جي فن جي شروعات وارن ڏهاڙن ۾ ورتو ويو. جڏهن هن جي اڃان شادي ٿيل بہ نہ هئي.)

بسم الله الرحمن الرحيم

زندگيءَ جي ٿورين خوشين مان،
هڪ وڏي خوشي آهي،

# وهـــــانءُ

اسانجا پيارا ڀاڳ، جو
عرصي پڄاڻان، اهڙي خوشي
اسانجي اڱڻ تي راسو ڪيو آهي
۽ اها خوشي تڏهن اچا وڌندي
جڏهن اوهان وٽڙ ڪري
اسان جي پيارءُ

## سرمد سنڌي (عبدالرحمان مغل)

جي وهانءَ ۾ اسان سان ٿهڪن ۾ گڏجندؤ.



آسائتا
مظهر علي مغل
امتياز علي مغل
عبدالله مغل

سڌ سماءُ:
فون: پريالوءِ 07096-637
ڪراچي 021-467836
هنڌ: ارباب پاڙو، پريالوءِ
خيرپور ميرس، سنڌ.

۲۴ ڊسمبر ۱۹۹۳ جمع ڏينهن
وليمو ———— ۱۲ وڳي منجهند
راڳ رهاڻ ———— ۸ وڳي رات
(سنڌ جا ناميارا فنڪار)

يوپٽ پريس خيرپور فون: 4853

سرمد سنڌيءَ جي شادي ڪارڊ جو عڪس

## آسي محمود زميني

□

ٻڌو آهي مون ساهيڙين ۾ تون،
منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين.

ڏندن جي هيٺان ڏئي
پوتيءَ جون تہ ڪُندون- منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين

پنهنجي منهن سان چئہ ڪٿي
ها ها چئہ تون هون- منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين

پوئي پنهنجي پيار جون
سپنن مالهائون- منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين

آءُ تہ آمهون سامهون
ويهي ڪي اوريون- منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين

## آسي زميني

□

او مؤذن ٿورو آهستي
هن مسجد جي پرپاسي ۾
ڪنهن پورهيت جا ڪي پيٽ بکيا
مس هاڻي آهن ٻار سُتا
ڏس متان کو جاڳي پئي
۽ پنهنجي ٿريل چلهه ڏسي
ڪنهن جيجل جو پئي جيءُ جهُري
او مؤذن ٿورو آهستي...

ڏس ڏور ڪٿي ڪنهن مل منجهان
آواز اچي پيو ٿو گهنڊ جو
۽ دونهون پري ڪان چمنيءَ جو
پيو مونکي پنهنجي طرف چِڪي
او مؤذن ٿورو آهستي...

هي گهنڊ مقدس آ مون لاءِ
جو منهنجي بک مٽائي ٿو
۽ پنهنجي چلهه جي ٻارڻ لاءِ
مان چڻنگ وٺان ٿو چمنيءَ مان
او مؤذن ٿورو آهستي...

## آڪاش انصاري

□

جڏهن ڪنهن ٻه بادل ولهاريون وسايون
الائي ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون
جڏهن چنڊ چوڏس ڪيون چلولايون
الائي ڇو اوهان جون اڪيون ياد آيون

جڏهن ڪنهن ٻه ڪوئل اسُر ويل ڳايو
تڏهن ولهه ويتر وڇوڙو وڌايو
جڏهن ماڪ مڪڙيون پنيءَ جون پچايون
الائي ڇو اوهان جون...

جڏهن ڪيت ۾ ٻاجهرين سنگ واريا
جڏهن چيٽ ۾ قول ڄاڻيپي ڦلاريا
جڏهن ٿر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون
الائي ڇو اوهان جون...

جڏهن توسان نيڻن جو ناتو ڇنو هو
تڏهن ڏور آڪاش ڪيڏو رنو هو
جڏهن جيءَ جهورڻ ڪي آيون جدايون
الائي ڇو اوهان جون...

□

پنڪي پنهنجو دڳ ويو جيئن ڪو پکيئڙو منجهہ گگن
نہ ڪوئي جنهن جو آ هيرو نہ آشيانو ۽ چمن
مان بہ پنهنجي ديس ۾ آهيان اڪيلو اوپرو
جلاوطن· جلاوطن- مان ڪيئن رهان جلاوطن

نہ ڪوئي منهنجو ماڳ آ نہ ڪوئي آ منهنجو مڪان
نہ ڄڻ هي منهنجي ڌرتي آ نہ ڄڻ هي منهنجو آسمان
نہ ڄڻ هي منهنجي نگري آ نہ ڄڻ هي منهنجو آستان
ڄڻ هجان تاريخ جي مان لاش جو ميرو ڪفن
مان ڪيئن رهان جلاوطن...

جا مرڪ مون کان وئين ڪسي تنهن مرڪ جو آهي قسم
جيجل جي منڙيءَ ٿڃ جي هر سرڪ جو آهي قسم
مان رت رنس جو ظالمو هر لڙڪ جو آهي قسم
پلئہ ڪندس پلئہ ڪندس اي وقت توسان آ وچن
مان ڪيئن رهان جلاوطن...

روز ٿو زهر پيئان- مران جيئان، جيئان مران
ڄڻ ڪلاچيءَ ڪُن ۾ ٻڏان تران ترا ٻڏان
ديودل جي ديپ جيان اجهان ٻران ٻران اُجهان
ڄڻ صليب تي ٽنگيل مان هجان ڪو سرد بدن
مان ڪيئن رهان جلاوطن...

سنڌ تان سر قربان هزارين ٿي ويندا
روز نوان اعلان هزارين ٿي ويندا

وستيءَ وستيءَ نگر نگر ۾ نيٺ ڪڏهن
دولهه درياءَ خان هزارين ٿي ويندا
روز نوان اعلان...

تنگ نه ڪيو آزاديءَ جي متوالن کي
نادانو- نقصان هزارين ٿي ويندا
روز نوان اعلان...

آتش تنهنجا گيت مچائن آتش تا
آگ مٿي اعلان هزارين ٿي ويندا
روز نوان اعلان...

## آغا ڳڙهي ياسينوي



گهاوَ مونکي لڳا ڏس اڪيلي گهڻا
ساٿي ڪيڏا هئا- گڏ هئا ڪيئي ڄڻا

زخم سيني جا منهنجا اول سڀ ڳڻيو
پوءِ ڳالهيون ڪري ڏيو پلي مهڻا
گهاوَ مون کي لڳا...

جن جوڏن پڳا ڏنگ ديوار جا
تن دولهن جا هن گيت جهونگارڻا
گهاوَ مون کي لڳا...

لفظ ڪان بم بارود جو ڪم وٺي
ڍوهه جا ڪوٽ ڪيئي آهن ڍاهڻا
گهاوَ مون کي لڳا...

اي ستارا توهان پڻ ڏجو شاهدي
لڪ لوئي بچائڻ هليا لالڻا
گهاوَ مون کي لڳا...

□

آ دنيا دوکيبازن جي مان پيار جي ڳولا ۾ آهيان
دل ورهين کان ويڳاڻي آ، دلدار جي ڳولا ۾ آهيان

ها جيڪا سونهن نماڻي آ ۽ راڻين جي پيي راڻي آ
ان سونهن جي خوشبوءِ ملڻي آ، مهڪار جي ڳولا ۾ آهيان
آ دنيا دوکيبازن...

تا راهن ۾ شعلا ڀڙڪن ۽ ڏور آ چانوَ محبت جي
مان پير جلائيندو ويندس، ڏڪار جي ڳولا ۾ آهيان
آ دنيا دوکيبازن...

جت قرب ونڊي ٿو هر ڪوئي، مان ديس ٿو ڳولهيان اهڙو ئي
جنهن پار ڏي جيءَ جيءَ بولي آ، ان پار جي ڳولا ۾ آهيان
آ دنيا دوکيبازن...

جيڪو ماڻهو مننار هجي ۽ عظمت جو مينارهجي
سو دلبر گهرجي ٿو آصف، ان يار جي ڳولا ۾ آهيان
آ دنيا ڏوکيبازن...

## استاد بخاري

□

هونئن تہ مٽيءَ جي چپٽي آهيان
جيئي ديس تہ ذرتي آهيان

تاريخ آهيان قوم قويءَ جي
نہ تہ مرقد جي مٽي آهيان
جيئي ديس تہ...

ڏاڍ ڏنگايون ڏاري ڄاڻان
مظلومن جو مددي آهيان
جيئي ديس تہ...

آجو پيار ملي پوءِ پيارا
سولو ويندو سرچي آهيان .
جيئي ديس تہ...

سانگين سان گڏ سالگرھ ۾
وچڙي ويس تہ پوءِ ورسي آهيان
جيئي ديس تہ...

آزادي استاد تنواري
ماڻهن جي مان مرضي آهيان
جيئي ديس تہ...

## استاد بخاري

□

ناحق جو نينهن اڙيو- دلڙي لڇي وئي
پيار وڏا خون ڪيا- دلڙين جا دلڙين جا

ساهه منجهي ٿو ڪجهه نه وڻي ٿو
جنهن دم تون مونکي ياد اچين ٿو
روز وينو راهه تڪيان- تو لاءِ قيد ڪٽيان
قافلا ڪيئي لڇي ويا دلڙين جا- دلڙين جا...

باغ آ اجڙيو دل به ڪومائي
بيچين ڪوئل رڙي پڪاري
جي نه ٽڙيا گل پرين باغبان لڇي ويو
ناحق ڪي ڪوس ٿيا دلڙين جا- دلڙين جا...

هن ڌرتيءَ تي هر روز ڪيئي
دلڙين ڪي ڌاڙا لڳن ٿا
ڪنهن ڪي ٿا محب ملن- ڪنهن ڪي سور ملن
لاش لڙهندا ٿا رهن دلڙين جا دلڙين جا...

قرب جي آڌو ڪنڌ جهڪائي
ڪونڌر هزارين هليا ويا
جوٽيندي جوت ويا- چڙهندي هو چوٽ ويا
ڪرندي ڪن پنڌ پڇيا دلڙين جا دلڙين جا...

## استاد بخاري

سورن سندي سڪرات آ سهڻل ڪي ٻڌايو
منهڙو ڏسي مان دم ڏيان پوءِ لاشي ڪي لٽايو

ان ڏينهن پئي گجگوڙ تي بادل ٻه روئي پيو
ويندڙ ڪکر رڪجي پيو- مون تي ٿيو تماشو
منهڙو ڏسي مان دم...

ڪانڌي هلو هوريان هلو ڏيو دل ڪي دلاسو
چڱو ٿيو هر ڪنهن چيو مان نينهن نڀايو
منهڙو ڏسي مان دم...

ڏينهن ٻه ٿي جيڪي مليا سورن ۾ گذاريا
ڪونهي مزو سنسار ۾ هر ڪنهن آ ستايو
منهڙو ڏسي مان دم...

## استاد بخاري

جي تون اچين تہ منهنجي محفل مچي پوي
دل هيءَ درد ورتي جهومي نچي پوي

هڪ حور منهنجي هنج ۾ فردوس منهنجو گهر
ڪو خواب مون ڏٺو هو سو تي سچي پوي
**جي تون اچين تہ...**

ٿو عشق جو سفر ٿئي ريتيءَ تتيءَ مٿان
هن پنڌ ۾ ٿو هر ڪو ٿڪجي پچي پوي
**جي تون اچين تہ...**

انڪار تنهنجو منهنجي دل تي ڪريو ائين
جيئن ڪڙڪ جي ڪري تي بجلي اُچي پوي
**جي تون اچين تہ...**

آ شهر ۾ پچار تہ مشتاق ٿو مري
جي سونهن ساٿ ڏي تہ بخاري بچي پوي
**جي تون اچين تہ...**

## استاد بخاري

□

آءُ ڪيئن سيج سمهان، منهنجا مارُوئڙا پڊري پٽ سمهن
ليما- انب- نمون- ٽالهيون باغن ۾
توسان ڪيئن ڪريان ڳالهيون باغن ۾
آءُ ڪيئن ڇانوَ ويهان- منهنجا مارُوئڙا بينا ڳاھ ڳهن
آءُ ڪيئن سيج سمهان...

تنهنجي ميزن تي طرحين طعام اچن
ڪائن ڪانگ ڪتا جُونا جام بچن
آءُ ڪيئن لوڻ چکان- منهنجا مارُوئڙا روزو روز رکن
آءُ ڪيئن سيج سمهان...

تو وٽ خوب خوشيون- عيدون وهانوَ
ريشم ويس وڳا ڏينهون ڏينهن نوان
آءُ ڪيئن سينڌ ڏکيان- منهنجا مارُوئڙا ننگي انگ گهمن
آءُ ڪيئن سيج سمهان...

## استاد بخاري

□

راتِ جو ہر چريا ڏينهن جو ٿو ٻرين
ٻاڻ وٽ ہر منا- لاٽ وٽ ٿو ٻرين

قرب ڏي قوم کي شرط ہر گم نہ ٿي
موٽ مهراڻ ڏي ڍنڍ ڏي ٿو ڏرين
هي ڇا ٿو ڪرين...

ماڻ ميدان کي ڪو ڇڏي سيج کي
تاڻ تلوار ڏي- هار ڏي ٿو ورين
هي ڇا ٿو ڪرين...

تون نہ منهنجو سڄڻ ٿو سڏائين وڏو
منهنجا دشمن ڏسيو نيٺ ڇو ٿو ڏرين
هي ڇا ٿو ڪرين...

ريشمي ريشمي تنهنجا ڳاڙها ڳٽا
روئي تن تي منا پرت وينو پرين
هي ڇا ٿو ڪرين...

پيار سان جي نهين ها نہ استاد جي
سوچ ڪر سادڙا خار سان ٿو ڪرين
هي ڇا ٿو ڪرين...

□

اهي نيڻ تنهنجا ٻئي اياڻا اياڻا
سلهاڙي چڙيائون سياڻا سياڻا

ٻئي نيڻ تو لاءِ ٻاريا گهڻا مون
اهي ڄاڻ هاڻي اڄهاڻا اڄهاڻا
اهي نيڻ تنهنجا...

صفحو سونهن تنهنجيءَ جو ڏاڍو ڏکيو آ
پڙهڻ ۾ ٿا پون ٿاڪاڻا ٿاڪاڻا
اهي نيڻ تنهنجا...

تون جن سان من هاڻي گڏجي گهمين ٿو
انهن کي گهڻو مان سڃاڻان سڃاڻان
اهي نيڻ تنهنجا...

محبت ۾ استاد مون کي پتو آ
گهڻا گهوٽجي ويا گهراڻا گهراڻا
اهي نيڻ تنهنجا...

# استاد بخاري

□

منهنجي دل جي تمنا جيئاري ڇڏيو
مون کي مارڻ گهرو ٿا ته ماري ڇڏيو
ماري ڇڏيو- مون کي ماري ڇڏيو...

پل ته محفل مچي روشنائي ٻچي
منهنجو خون ڪري تيل ٻاري ڇڏيو
ماري ڇڏيو.....

جي مان آهيان ڳرو مونکي ٻوڙي ڇڏيو
منهنجي ٻيڙي بهرحال تاري ڇڏيو
ماري ڇڏيو.....

ڇڻ ته ڇائو نه هئس جڳ ۾ آيو نه هئس
منهنجي نالي مٿان ليڪ واري ڇڏيو
ماري ڇڏيو.....

ڪو ٿو مومن چوي ڪو ٿو ڪافر چوي
ڇو ٿا استاد جو نانءُ ڪاري ڇڏيو
ماري ڇڏيو.....

# استاد بخاري

□

رنو گهٽو ٿم- لڇو گهٽو ٿم- سَنو گهٽو ٿم زيان جاني،
سموندٻ منهنجو گواهہ ٿيندو زمين ڏيندي بيان جاني.

جلي جلي ٿو ڪيان اجالو- لڇي لڇي ٿو ڇوان جمالو،
ڪلي پچين ٿو تہ ڪيئن هلان ٿو- جيئن هلي ٿو جهان جاني.

عظيم آهين ڪمال وانگي- حَسين سهڻي خيال وانگي،
تڏهن تہ تنهنجو جمال جلوو- جڏهن ڪڏهن آ جوان جاني.

تتي ٿڌيءَ ۾ ڏکي بخاري- سڄي حياتي سڪي بخاري،
ٻچي ٻڏي ڪي يقين ٿي ويو- اڃان بہ توکي گمان جاني.

## اُستاد بخاري

ڇا قوم تي لکان مان ڇا حُسن تي لکان مان
افسوس زندگي هڪ آ پورو نہ ٿو پوان مان
هيڏانهن عدو کهن ٿا، هيڏانهن پرون کهن ٿا
هي سر اٿم اڪيلو- ڪاٽي ڪُسي ڪسان مان
ڇا قوم تي لکان مان...

مظلوم ٿو پڪاري- محبوب پيو نهاري
ڪيڏانهن ڀڄي ڀڄان مان- ڪيڏانهن ڊڪي ڊڪان مان
ڇا قوم تي لکان مان...

هيءَ قوم پئي ٿي ڦٿڪي- هيءَ دل پئي ٿي تڙپي
هن قوم تي روئان يا هن حال تي روئان مان
ڇا قوم تي لکان مان...

هو وقت ٿو سڏي پيو هي يار ٿو اچي پيو
ترسان، وڃان ڪيان ڇا- وينو ٻڏان تران مان
ڇا قوم تي لکان مان...

هي راه ڪارزار آ- هي واٽ پيار ئي پيار آ
آڏو اٿم ٻہ واٽون- ڪيڏي لڙي لڙان مان
ڇا قوم تي لکان مان...

استاد فيصلو ڪر- هي قوم هي حُسن آ
اي حسن تنهنجي سر لاءِ ٿو قوم کي ڪٺان مان
ڇا قوم تي لکان مان...

□

جي هي دلبو هو جي هي ڏوکو هو،
اعتبار مونکي ڇو ڏنئي، ايڏو پيار مون کي ڇو ڏنئي.

هن شهر ۾ کوڙ املهه ماڻهو
يوسف جي شڪل جا تُل ماڻهو
موتئي ۽ گلاب جا گل ماڻهو
اک بند ڪري، ايڏو پنڌ ڪري، اهو هار مونکي ڇو ڏنئي
ايڏو پيار مون کي ڇو ڏنئي...

منهنجو توکي آهي پورو پتو
مان تاسو تر ۽ توڙ تتو
هت سوچ کي تئي وسڪار ڪتو
ڪٺهار ڪري، ڦوهار ڪري- ڇڻڪار مون کي ڇو ڏنئي
ايڏو پيار مون کي ڇو ڏنئي...

اڻ ڇاتو پيار جتائي وئين
استاد جي آڳ ڏڳائي وئين
رڳ رڳ ۾ جوت وڌائي وئين
اهو تحفو ڏنئي يا صدمو ڏنئي- انتظار مونکي ڇو ڏنئي
ايڏو پيار مون کي ڇو ڏنئي...

□

مٺا ماٺو روءُ نہ
روئڻ ۾ ڪجھ ڪونہ

ڪنڌين ۾ ڪُرڙيون ڦٽڪن پيون
ٽانڊڻ تي ڦرڙيون پڄرن پيون
ڏنيپ سنا هڪ ٽو نہ
مٺا ماٺو روءُ نہ...

سهٽي سينو ساهي تي پئي
سسئي ڪوهين ڪاهي تي پئي
دل ڪر تون دودو نہ
مٺا ماٺو روءُ نہ...

نس نس نغما ڳارائي ڇڏ
دل مان اڌما ڀڙڪائي ڇڏ
واڪا ڪر وووو نہ
مٺا ماٺو روءُ نہ...

## استاد بخاري

□

وڪ وڪ ٻڪ ٻڪ تان ٻلهار
رم جهم رم جهم مينگهه ملهار
چانو چمڙا ڪارا اڇڙا- ٽڏڙيون هيرون ٻت ٽي ٽڏڙا
ٽر ٽر ڪپڙا تر تر انگڙا- ڦوهه جوانيون پيار ڦوهار

رم جهم رم جهم...

چاهت جي چوڏيل چڙهان ٿي- پريت رسيءَ تي پينگهه لڏان ٿي
هلڪا لوڏا چوها لوڏا جهولو ٻڻجي جهولان يار

رم جهم رم جهم...

پياري پي پي، پي پي پياري- ڌوم مچي وئي آڌيءَ ڌاري
هوش هٽي ويا، جوش ڪٽي ويا، چوٽ چڙهي ويا ڪيپ خمار

رم جهم رم جهم...

□

اسان روئي روئي ڪلايو ٿي جن کي
اڪيلا جي ٿيندا ته روئندا ته هوندا

اسان جن کي چاهيو اسان جن کي پوڄيو
ڏيئن سان سڄي رات جلندا ته هوندا
اسان روئي روئي...

جتان پاڻ وڇڙيا هئاسي اتان اڄ
ڪيئي هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلندا ته هوندا
اسان روئي روئي...

ڪلهي تي رکي ڪنڌ جيڪي ستا سي
اهي ننڊ ۾ ڇرڪ لهندا ته هوندا
اسان روئي روئي...

جتي گڏ يناسي ۽ رانديون رهيون سي
انهيءَ شهر تي مينهن وسندا ته هوندا
اسان روئي روئي...

## ابراهيم منشي

کتيون ڪيئي ياد ۾ گذريون- ڇڱو ڇيٽن ۾ ملنداسين
سرنهن پيلا جهليندي گل- انهن کيتن ۾ ملنداسين

اتر جا واءَ جڏهن ورندا- اڇا سَر ڪانهه سنگ ڪڍندا
لهنديون ڪونجون جتي ڪُرڪي انهن ڪيٽين ۾ ملنداسين
ڪتيون ڪيئي ياد...

ويندو درياءُ ڇڏي دهشت- بنائي ٻيٽ ٻيلائيون
چڙهي ڪنهن ناوَ ننڍڙيءَ تي انهن ٻيٽن ۾ ملنداسين
ڪتيون ڪيئي ياد...

پرين جي پيار پنهنجي تي لڳا پهرن مٿان پهرا
تہ لڪ لانگها جهلي منشي- اڪ ٿيٽن ۾ ڪلنداسين
ڪتيون ڪيئي ياد...

□

هلبو هاڻي لڏي لڏي
بي قدرن کي ڇڏي ڇڏي

موتي مور نہ هاڻي اڃبو
ٽڪجي پوندؤ سڏي سڏي
هلبو هاڻي لڏي لڏي...

پيار جو جتڙي پاڇو ملندو
جهوپو ڇڏبو اڏي اڏي
هلبو هاڻي لڏي لڏي...

لڙڪ وني مان مرڪ ڏيانءِ
آءُ اسان جي تڏي تڏي
هلبو هاڻي لڏي لڏي...

جيون سارو پاڻ ڇڏيوسي
گيتن سان گڏ گڏي گڏي
هلبو هاڻي لڏي لڏي...

## اياز گل

□

توڪان ٿيندي ڌار- ڪلندي ڪلندي يار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.......

توڪان پوءِ ڪير اسان جي
سپرين لهندو سار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.......

رات ڪٽي ۽ باک ڦٽي پئي
جنهن پل ويڙهيئي وار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.......

پاٽي تي جڻ ليڪا هئا
ڌنهنجا قول قرار
لڙڪ لڙي پيا لار ڪري.......

□

تو تائين پهتا- منهنجي نيڻن جا
سارا تڪ لهي ويا . . .

تنهنجو نانءُ لکي ڏنم
منهنجي هٿڙن جا

سارا تڪ لهي ويا . . .
تون جي آئين شهر ۾
سيني رستن جا
سارا تڪ لهي ويا . . .

تنهنجي چُنريءَ ۾ اچي
راڻي رنگن جا
سارا تڪ لهي ويا . . .

هڪڙي ڀاڪر ساڻ ئي
وسريل وعدن جا
سارا تڪ لهي ويا . . .

□

سنڌ اوچي آ- سنڌ اوچي آ

هن سورج چنڊ ستارن کان
هر منظر کان مهڪارن کان
دريائن کان وڏڪارن کان
۽ ساوڻ مند ملهارن کان- سنڌ اوچي، آ...

هر ڪرسيءَ قلم ڪتابن کان
سڀ مستين ڪيف حجابن کان
ها ٻلڙن گل گلاب کان
۽ تنهنجي منهنجي خوابن کان- سنڌ اوچي آ...

تو پارن کان مون پارن کان
ها ٻنيءَ ونيءَ ۽ ٻارن کان
هر جانيءَ جان ۽ يارن کان
۽ هن جي گهر جي چارن کان- سنڌ اوچي آ...

اسان کي او سهڻا وساري نہ ڇڏجو
ڏئي پيار دل مان ڌڪاري نہ ڇڏجو

جڏهن قرب جي ڪا وجو ناوَ ڪاهي
خدارا اسان کي ڪناري نہ ڇڏجو
اسان کي او سهڻا...

اوهان پنهنجي گهر جي ڪشادي پڌر مان
پرين جي پکين کي اڏاري نہ ڇڏجو
اسان کي او سهڻا...

ڪلڻ جي تہ عادت اوهان ئي وڌي آ
روئي پاڻ مون کي روئاري نہ ڇڏجو
اسان کي او سهڻا...

اوهان مرڪ پنهنجيءَ سان خوشبو پکيڙي
نهاري، جيئاري پوءِ ماري نہ ڇڏجو
اسان کي او سهڻا...

## ادل سومرو

مرڪندڙ پيارا مسافر
چار ڏينهن ترسي لڏي
تون هليو وئين اوچتو....

روئي راتين جو اٿي
ڪوئي توڪي تو سڏي
تون هليو وئين اوچتو....

ريشمي راهون وٺي
خواب هت سارا ڇڏي
تون هليو وئين اوچتو....

درد جو سيني دلين ۾
ڳوٺ هڪڙو نئون اڏي
تون هليو وئين اوچتو....

لڙڪ ها تنهنجو وڇوڙو
گل ها تنهنجي تڏي
تون هليو وئين اوچتو....

## ادل سومرو

پينگهہ تي او پوپري تنهنجو لڏڻ
ڪيئن ٿو وسري سگهي تنهنجو ڪلڻ

ڪنهن جهڙالي شام جو توکي ڏٺم
هر طرف هو سونهن جو سيلاب چڻ
پينگهہ تي او پوپري....

روز سپنن ۾ ڪڇهريون ٿي ڪرين
ساڀيان ۾ شال ٿئي تنهنجو ملڻ
پينگهہ تي او پوپري....
نيڻ واٽن تي سدا ٻرندا رهيا
پر نہ ٿيو پلجي ڪڏهن تنهنجو اچڻ
پينگهہ تي او پوپري....

## انور پيرزادو

□

اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجانءِ...

جنهن رات ۾ تو تي بيت چيا
سا رات اڃان پِي جاري آ
۽ سِڄ ڏنگايون ڪو نہ ڇڏيون
هي پنڌ پري جو واري آ
مان ڪنهن سان پنهنجا سور سليان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجانءِ...

اڄ رات رنو آ رت ڦڙو
هي تارا سُور .پيئڻ تا پيا
هي سانجهي سڏڪي روئي ٿي
۽ سوريءَ گيت چڙهن تا پيا
توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجانءِ...

هي ماڻهو تنهنجي بيتن کي
ڏرتيءَ کان ڌار ڇني ٿا ڪن
هي وايون تنهنجون وار پٽن.
هي سُرڙا تنهنجا اوسارن
هي ارهي سَرهي دانهن ڏجانءِ
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ...

ڪنهن انڌوڪار انڌا ڪيا هن
ٿا ماڻهو توکي شاهه چون
۽ تنهنجي راڳ رسالي کي
ٿا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن
تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ...

مان تنهنجي ذات ڏيا مان اڄ
آ هڪڙو ڇُڪڙو چاهه چکيو
ويڙهاند سندو ويراڳ سکيو
هر ماڻهوءَ کي مون ياءُ ڪيو
ٿي وايون تنهنجون آءُ وڙهان
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ...

مون تنهنجي راڳن جي سر ۾
جا سنهڙي سيند وڇائي آ
هر ماڻهوءَ پيند هنئين آهي
هر گهر گهٽي ڇڻ ڦاهي آ
هن ڪرٽن جيئن کا ڪوڪ ڪجانءِ
اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ...

□

كات منهنجي كنڌ تي آهه كلندو اچان
جيئي سنڌ جيئي سنڌ آهه چوندو اچان

هجن گوليون سامهون آهه وڙهندو اچان
سور جيجل سنڌ جا آهه سهندو اچان
كات منهنجي كنڌ...

سائينءَ جي سالگرهہ تي آهه نچندو اچان
سي گهرائي جهمريون پائي آهه كڏندو اچان
كات منهنجي كنڌ...

ور ور ڏئي هوشو ٻڌجي آهه ورندو اچان
انور انهيءَ آس تي آهه جيئندو اچان
كات مُنهنجي كنڌ...

ي چنڊ پرينءَ کان آءُ پڇي ڇا توکي ننڊ ب ايندي آ
جنهن ڏينهن رٺي هوءَ مون کان آ، تنهن ڏينهن کان دلڙي ماندي آ

هر رات جي سانت جي سڏڪن سان تو نيٽين نير وهايان مان
ڇا هوءَ به راتين جون راتيون مون وانگي ويهي روئيندي آ
اي چنڊ پرينءَ کان آءُ پڇي....

ڪالهه رات به مون هو توکان پڇيو- پر توکي ڪوئي قياس نہ پيو
ڏس! چنڊ ڏوراپا مون وانگي ڇا هوءَ به توکي ڏيندي آ
اي چنڊ پرينءَ کان آءُ پڇي....

ڪنهن ياد کي ڪوري ڪپي ڪيڻ ڪو ايڏو سولو ڪم ناهي
ايوب جي نانوَ ٻڌڻ تي هوءَ ڇا ويٺي چرڪ پرينڌي آ
اي چنڊ پرينءَ کان آءُ پڇي....

□

مٿيون مائٽيون آزمائي ڏٺيون سين
سڀيون پائپيون آزمائي ڏٺيوسين
مصيبت ۾ ڪو يار همدرد ڪونهي
ڪيون دوستيون آزمائي ڏٺيوسين
پڪو ٿي پيو آن ڀڪو ٿو ستائين...

تڪو آهين شايد جهڪو ٿو ڳالهائين
پرين پيار ڪان مان رهان ڪيئن پالهو
ڏنل ڳنڍ ڪي ڇو ڇڪي ٿو ڇنائين
پڪو ٿي پيو آن...

مڃان ٿو تہ سهڻو نہ مان وڌ توکان
مگر تون بہ سهڻو ٿو مون ڪان ڇوائين
پڪو ٿي پيو آن...

ڏکيءَ ۽ سکيءَ ۾ ڏنم ساٿ توسان
اڃان بہ ايوب ڪي پيو آزمائين
پڪو ٿي پيو آن...

## انور قمبراڻي

□

جڏهن هن دنيا مان گذاري وينداسين
گهڻن کي اسان به روئاري ويندا سين

گهڻن جي هٿن مان ڪري ٽانوَ پوندا
گهڻن جا ته يارو ڇڇي هنياوَ پوندا
پٽر جون دليون به پگهاري ويندا سين
جڏهن هن دنيا مان...

ڪرڻ عذر خواهي ايندو آڙو پاڙو
انهيءَ مهل هوندو رڳو روڄ راڙو
خوشيون پاڻ سان گڏ ٻهاري ويندا سين
جڏهن هن دنيا مان...

جيئري اسان جو قدر ناهي ڪنهن وٽ
ڏڪاري ڇڏي ٿو وجون ٽا جنهن وٽ
انهن جا جگر به ڏاري ويندا سين
جڏهن هن دنيا مان...

مرڻ کان پوءِ چوندا چڱو هو ويچارو
قمبراڻي انور ماڻهو هو موچارو
اسان ڳالهه پنهنجي ويهاري ويندا سين.
جڏهن هن دنيا مان...

## انور قمبراڻي

مين رو رو مر نہ وڃان
اتلا نہ روئا جاني
هڻ واپس آ جاني

ڪهڙي محموري تئي جو ول نہ ڪيتئي ڦيرا
ميں سڄڻ سڀا هووان تہ بہ چاوان تيڏا پيرا
الاتي ڪيڏي تيڪون چاڳئي وڇوڙي دي هوا جاني
هڻ واپس آ...

مت مائٽ سيئي سنگتي ميڪون تنها ڇوڙ ڳئي
ڇوڦير ميڏي دل ڪون هڻ درد وڪوڙ ڳئي
مين پاڳل ٿي ويسان هڻ تينڪون سوا جاني
هڻ واپس آ...

نہ سلام نہ ڪو نياپا نہ ڪا خط دي آئي ولدي
پهلون ڪيوين آکين پيا مين ول آسان جلدي
ڪر ياد اهي وعدي ول واسطي خدا جاني
هڻ واپس آ...

جنهن ڏينهن ڪنون مڪلا تون راهي ٿئين جاني
تنهن ڏينهن ڪنون ڏاڍا بيمار پئي قمبراني
انور دي جنازي ڪون آ ڪلها ڏيوا جاني
هڻ واپس آ...

## افضل قادري

اڄ ڪيئن ويڄ ڪيون، لنوي مٽان لهن ڪيون
اي مياڻي تنهنجي ماس کي، اڃان ڳجهون پٽن پيون

ڪالهه هو جو ڪوس ٿيو، خبر اٿئي سو ڪنهن ڪيو
پينروڻ پنيور جون ڏس ته ڪيئن ڪسن پيون
اي مياڻي تنهنجي...

رات ڪيئن ڪٽي پلا ۽ باک ڪيئن ڦٽي هتي
روز ٿيون نيون نيون سازشون نهن پيون
اي مياڻي تنهنجي...

اڄ به ساڳيو انڌ آ ۽ روشني تي قيد آ
ڏاهيون تنهنجي ڏيهه جون ڏاگهه تي چڙهن پيون
اي مياڻي تنهنجي...

## افضل قادري

واءُ کو اهڙو وڇوڙي جو گهليو
اوچتو ئي اوچتو تون وئين هليو

•

ڇا ٿيو جي مان ڀلا ڀلجي پيس
هر کو انسان ڪٿي نہ ڪٿي هوندو ڀليو
اوچتو ئي اوچتو...

تو تہ پنهنجي دل جي ڏئي فتويٰ ڇڏي
ڪيئن مان اهڙو قبوليان فيصلو
اوچتو ئي اوچتو...

جنهن جو مقصد ئي نہ ڪي منزل هجي
پيار ڇو اهڙو ڀلا دل ۾ پليو
اوچتو ئي اوچتو...

# افضل سولنگي

شهر ۾ دهشتگردن ماريا ٻهراڙين جا مور
سنڌيئڙا شهزور- منهنجا ماروئڙا شهزور...

ديس ڌڻين جا گهرڙا ساڙيئون
بي ڪفنا ڪري مارو ماريئون
ڪنهن نہ لڌي پرگهور- منهنجا ماروئڙا شهزور...

فوج پوليس پئي گهر ۾ ڪاهي
ننگن جا نگران ٻَڌائي
ڪنهن نہ لڌي پرگهور- منهنجا ماروئڙا شهزور...

ڀڙڪائيندا جهنگن جهرن کي
افضل مارو ڪوٽ ڪڙن کي
ڀڄي ڪندا اڄ ڀور- منهنجا ماروئڙا شهزور...

## افضل سولنگي

پرديس وارا سپ آيا
تو ڏاڍا ڏينھڙا لايا

سڄو ساوڻ توکي ساريم
تنھنجون راھون روز نھاريم
روئي آب اکين مان ھاريم
ڪيئي راتيون غمن جون گھاريم
ڪيئي ڏينھن ڏکن جا ڏاريم
تنھنجين سڪ ۾ سال گذاريم
تنھنجون ڳالھيون روز پچاريم
تنھنجي سوز ۾ سڄڙا اياريم
مون روئي حال وڃايا- تو ڏاڍا ڏينھنڙا لايا...

تنھنجي تانگھ ۾ ويڙو اونھارو
وري واپس آيو سيارو
ڪيو مھڻن مون تي مارو
آيو تنھنجو ڪونہ ڪو وارو
آھين ڏاڍو يار ويسارو
ڪيڏو رات جو پيو پئي پارو
تہ بہ تنھنجو تڪيو مون چارو
پيو اپري صبح جو تارو
مون روئي حال وڃايا- تو ڏاڍا ڏينھنڙا لايا...

چوي افضل ساھ سيباڻا
مل راضي تي تون راڻا
تنھنجي سوز ۾ تيا سَنڌ ساڻا
آھين ڇا ڪان رنو نہ تو ڇاڻان
پيا من ۾ ٻرن مانڌاڻا
آھيون تو وٽ يار وڪاڻا
اڄي ڪاءِ مڪڻ جا ڇاڻا
ايڏا محب نہ ڪر تون ماڻا
مون روئي حال وڃايا- تو ڏاڍا ڏينھنڙا لايا...

## ادريس نهڙيو

□

منٺڙي ماني ڏيوان وچ ڪانگل اڏر وڃ
وڃي پرينءَ ڪون آک ملي مين نال جلدي وڃ

مين اٿان پرين پريالوءِ هي
هي دعا سدا خوش هو وي
منٺڙي ماني...

مين اٿان پرين بدين هي
ڪندا ياد هي ميڪون يقين هي
منٺڙي ماني...

مين اٿان صنم سجاول ۾
رهي ڪٿي بہ هي ميڏي دل ۾
منٺڙي ماني...

مين اٿان پرين ڄامشوري
ماريا ادريس انھ دي وڇوڙي
منٺڙي ماني...

## ادريس نهڙيو

آوين اڱڻ ميڏي جي تون جاني
مين تي تيسي تيڏي مهرباني

ويڇوڙي دا وڏا سور هي
انهن کون جنهن دا سڄڻ دور هي
آوين اڱڻ ميڏي...

جگر ميڏا چير ڏيکين
لکا سهڻا تيڏا نانءُ هوسي
آوين اڱڻ ميڏي...

ادريس کر دا عرض نماڻي
نہ کر نهڙي نال ماڻي
آوين اڱڻ ميڏي...

## انور مؤج

انتظاري اوهان نہ ٿا چاهيو
بي قراري اوهان نہ ٿا چاهيو

حسن ۽ عشق جي جدائيءَ ۾
آهہ زاري اوهان نہ ٿا چاهيو
انتظاري اوهان...

ڪيئن تنها گذاربي آهي
عمر ساري اوهان نہ ٿا چاهيو
انتظاري اوهان...

ڳالهہ الفت، وفا، محبت ۽
پيار واري اوهان نہ ٿا چاهيو
انتظاري اوهان...

مؤج مستيءَ ڀريل نگاهن جي
ضرب ڪاري اوهان نہ ٿا چاهيو
انتظاري اوهان...

## امجد شاهہ

□

سڪڙا وني تون ڏڪڙا ڏئي وڃ- توسان ڪهڙا ليڪا هن
منهنجو سارو چين ڪٺي وڃ- توسان ڪهڙا ليڪا هن

الفت جي اونهي ساگر ۾ جيون توڪي ارپيان تو
مون ڪي ٻوڙي پاڻ تري وڃ- توسان ڪهڙا ليڪا هن....

پيار جي هن ناڪاميءَ جي ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڳالھ ڪرين
مون تي سڀ الزام هٽي وڃ- توسان ڪهڙا ليڪا هن....

تنهنجي ڏسڻ جي قابل ناهيان پوءِ بہ امجد اهو ٿو چاهيان
مونکي نفرت سان ئي ڏسي وڃ- توسان ڪهڙا ليڪا هن....

## اطهر مورائي

□

ڏينهن تنهنجي خيالن ۾ گذر ٿيندو آ
رات جو چنڊ تارن سان سفر ٿيندو آ

مونکي محجوب نگاهن سان نہ ڏس لوڪ اڳيان
هن دنيا ڪي رقابت جو زهر ٿيندو آ
ڏينهن تنهنجي خيالن....

عشق ۾ هوش ڪٿي معاف ڪجانءِ اي پرين
هي تہ جذبن ۽ خطائن جو شهر ٿيندو آ
ڏينهن تنهنجي خيالن....

زهر پنهنجي ئي هٿن ساڻ پيتو آ اطهر
ذات ۾ درد جو ئي روپ امر ٿيندو آ
ڏينهن تنهنجي خيالن....

# اڪبر ڪولاچي

□

ڇا ٻڌايان حال مان دردن ڀريو بيان آ
بي درد بي وفا اڳيان روئڻ اکين جو زيان آ

ڪهڙي سبب پلا پرين هر روز آزمائين ٿو
شايد تہ منهنجي پيار تي توکي اجان گمان آ

بي درد بي وفا...

دلڙي ڏئي خطا ڪيم ناحق مان پاڻ سان
اجڙي ويو نصيب آ دشمن سڄو جهان آ

بي درد بي وفا...

اڪبر ڪولاچي ڇا ڪيان ناهي اثر ڪو آهہ ۾
مجبور دل تي ڊانهن ڏئي ڪنهن جو نہ ان تي ڌيان آ

بي درد بي وفا...

# بخشڻ مهراڻوي

□

تون ملين جو مٺا ڇڻ مليو حوصلو
ڇڻ جڳن کان پوءِ ڪو جڙيو سلسلو

هر قدم تي هئا بس رڳو حادثا
جنگ جيون جيءَ ۾ هُيس هيڪلو
تون ملين جو مٺا....

تنهنجو پيار پرين تنهنجو قرب مٺا
دل جي رڻ جي مٿان ڇڻ وسي وڏ ڦڙو
تون ملين جو مٺا....

آءُ برکا سندي رت موٽي پئي
آءُ وَٽي جي هوا من آماندو ڪيو
تون ملين جو مٺا....

توڙ تائين پڄي جوڙ پنهنجو سدا
آس جي ناوَ تي پيار جو قافلو
تون ملين جو مٺا....

## بلاول اونو

ادا ڙي ويندڙ ڙي وجي ڇڄجانءِ يار ڪي وعدو ڪيو ٿي آءُ وري
وعدو ڪيو ٿي آءُ وري- دلڙي منهنجي ٿي آ ڇري

عشق اماڙي آ ڏني باهه بدن ۾ وئي ٻري
طعنا، ٽنڪا لوڪ جا منهنجي مٿي جي ٿي آ پري
ادا ويندڙ...

چولو ڪارو ليڙ ٿيو- ڪين لڳي ٿي ڪا ڇتي
رويو رويو حال ويو- وڃان ڪٿي نه مان مري
ادا ويندڙ...

سوچ ۽ سور ۾- آ حياتي وئي ڳري
آسري ۾ ڏئي ويا- دلڙي پيئي آ ڏري
ادا ويندڙ...

ڪاٿي آ ۽ ڪيئن ٿيو ناهي حقيقت ڪا ذري
هن جي وئي آهي سري- ڪو نه بلاول جي سري
ادا ويندڙ...

مونکي سورن ڇڏيو ساڙي
روئي راتيون گذاريان ٿو
وينو واٽون نهاريون ٿو

دنيا جي نظارن ۾ مون توکي گهڻو ڳولهيو
تون ڪاٿي لڪل آهين جڳ سارو آ مون ڪوليو
ڇو مون کان خفا آهين مان توکي پڪاريان ٿو
روئي راتيون گذاريان...

تون جي مون سان ملين ڪاٿي حال توکي ٻڌائيندس
مان توکان سواءِ سهڻا ڪيئن عمر گذاريندس
مان تنهنجي محبت ۾ توکي دم دم پيو ساريان ٿو
روئي راتيون گذاريان...

ٻڌ منهنجي صدا سنگدل زخم ڪنهن کي ڏيکاريان مان
ڪيئن جيئرو رهي بمسل وينو دل کي جلايان مان
ڏس تنهنجي جدائيءَ ۾ وينو ڳوڙها وهايان مان
روئي راتيون گذاريان...

## بخشل

□

او جاني مون توسان پيار ڪيو آ
اعلان اِهو اڄ مان سرِ بازار ڪيو آ

ماڻهن مونکي الائجي ڇا سمجهيو
تو پنهنجي دل جو آ مور سمجهيو
ماڻهن سان اڄ مون يار وڏو تڪرار ڪيو آ
او جاني مون توسان...

مونکي سڄڻ تنهنجي سر جو قسم
توتان فدا آهي جان ۽ جسم
توسان منا مون اڄ اهِو اقرار ڪيو آ
او جاني مون توسان...

آءُ تہ پرين دنيا کي جلايون
قرب ڪيو آ تہ دل وندرايون
بخشل توکي دل سندو دلدار ڪيو آ
او جاني مون توسان...

□

اڇي لڳي توسان ياري
جنهن ٻاهه برهه جي آ ٻاري

آهون دانهون سڻ تون مُـئيءَ جون
دوست ڏجانءِ دلداري
جنهن ٻاهه برهه جي آ...

ڏتئي پيالا محبت والا
نينهن نشو ٿيو خماري
جنهن ٻاهه برهه جي آ...

مهر مولا جي آ ٻاجهه ٻيدل تي
صاحب ڪئي آ ستاري
جنهن ٻاهه برهه جي آ...

## تاجل بيوس

سمجهي پير وڏاءِ
هن ڌرتي جي جوڏن سان- تون کهرو ڪين ڳالهاءِ
سمجهي پير وڏاءِ...

پونگا ڊاهي لاهي پاهي- پل پيو ڪوٽ اڏاءِ
منهنجون ڳالهيون انب ۽ ٿاليون- مون کان ڪين ڪساءِ
سمجهي پير وڏاءِ...

هر ڪا ڇولي لولي جا ٻٽبي وارو ونجهه هلاءِ
او وٽجارا بيڙيءَ وارا- هڪڙو گيت تہ ڳاءِ
سمجهي پير وڏاءِ...

باهه ٻري آ منڊ ڇري آ ٻيجل تند تپاءِ
سر جي سين هڻڻ کان اڳ ۾ پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ
سمجهي پير وڏاءِ...

جهمريون پائي پير هلائي- ڇير وري ڇمڪاءِ
ٿر جي ڄائي ٻاگهل ٻائي بيوس ڪين ٻناءِ
سمجهي پير وڏاءِ...

## تاجل بيوس

□

هن قوم جي سلجهيل سائيءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ
هر عاشق جو اوشاقيءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ

مون خالي هٿن ۾ ٿانءُ کنيو- هُن سنڌ جو منڙو نانءُ کنيو
سو عشق، عقل استاديءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ
هن قوم جي سلجهيل...

هر پاڻي، ٽوئي، ڪاسي ۾- دادوءَ جي اوسي پاسي ۾
سو ڪيت پکل سگداسيءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ
هن قوم جي سلجهيل...

جو پيار ڪرڻ تي ڪاري ويو جو ڏياڻيون ڏيئا ٻاري ويو
سو شاعر شيشو ماکيءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ
هن قوم جي سلجهيل...

مون ڳاٽ ڏنو ڳوڏي جو مون دوست ڏٺو آ دودي جو
سو بيوس جو هر پاڻيءَ جو استاد بہ آ مشتاق بہ آ
هن قوم جي سلجهيل...

# پياسي نظر چانڊيو

عمر اباڻي پار ڏي اڄ جُهڙ ٿو جهمريون پائي
موڪل ڏي تہ ملير وڃان منهنجو ٿر وسي پيو آهي

ڪارونجهر جي ڪور مٿان- ڪو مور پيو ٿو ڳائي
موڪل ڏي تہ ملير...

نير وهن پيا نيڻن مان- منهنجو ساهہ سنون ٿو ڪائي
موڪل ڏي تہ ملير...

ڏکڙا مليم ڏاج ۾ مون ڏوهہ ڪيو ڪو ناهي
موڪل ڏي تہ ملير...

پياسي نظر پنهوارن جي لاءِ روز پئي واجهائي
موڪل ڏي تہ ملير...

## نظر چانديو

تنهنجي دل مون سان منهنجي دل توسان
لوڪ جلي ٻل ٻيو جلي، پر توسان منهنجو سر لڳي

سهڻا توکي سنڌي ٽوپي پارايان
تنهنجي ڪلهن تي اجرڪ اوڍايان
مل اچي مون سان ڳلي
توسان منهنجو سر لڳي...

پنهنجو سهڻو شاهه ڀٽائي
ڪندو ڀٽائي سنڌ جي سڻائي
ڏک جا وڄبا ڏينهڙا ڪٽي
توسان منهنجو سر لڳي...

نظر چانڊئي جو تون آن جاني
تنهنجو ناهي ڪو مٽ ثاني
پيڙو توکي تو سڏي
توسان منهنجو سر لڳي...

پاند پسي پيا پانڌيئڙا
وري ياد آيا اڄ ماروئڙا

سال ڏني ٿيا سڪ آ ستايو- ڪونہ پرينءَ جو ڪاغذ آيو
منهنجو هي پيغام ڪٽي وڃ قرب ڪري تون ڪانگلڙا
پاند پسي پيا...

جيءُ جلي ٿو جوين سارو- گردش ۾ آ منهنجو ستارو
راهہ ملڻ جي ڪونہ ڪو چارو سال ڏني ٿيا سانگيئڙا
پاند پسي پيا...

سورن مونکي آهي ستايو- جهوريءَ اهي جيءُ جلايو
آس اٿم هو نيٺ تہ ايندا جاني منهنجا جهانگيئڙا
پاند پسي پيا...

## نظر چانڊيو

پرڃي آب اکڙين ۾ آيو
هيل ياد تنهنجيءَ تڙپايو
ديس ۾ تون ٿو خوش رهين
پرديسي ڪاڏي وڃي
نہ ٿو خط پٽ ڪوئي لکين
نہ ڪڏهن حال ٿو پڇين
پاڻ ٿيو تون پڪو آن يا ڪنهن جي چئي آهين يار لڳو
هيل ياد تنهنجيءَ...

سور سنو آ مون هيڪاندو
من منهنجو آ تو لاءِ ماندو
ٽپالي روز ٿو اچي
ٻين کي خط ڏيون وڃي
مان ڪڏهن ان کان ٿو پڇان
نهہ ۾ ورندي ٿو ڏئي
پاڻ ٿيو تون پڪو آن يا ڪنهن جي چئي آهين يار لڳو
هيل ياد تنهنجيءَ...

تون ضد تان چو نہ لهين ٿو
گهاون جي گهاٽي ۾ پيڙين ٿو
ايڏو سنگدل نہ ٿي صفا
وفا جي بدلي ڏي وفا
ڏار دل ۾ ٿورو رحم
مونکي ايڏو نہ ڏي تون غم
پاڻ ٿيو تون پڪو آن يا ڪنهن جي چئي آهين يار لڳو
هيل ياد تنهنجيءَ...

نظر پياسي راهون نهاري
تنهنجي اچڻ جا ڏڳ ٻهاري
وساري چا تہ مليو ٿئي
ڏکن ۾ چو تہ ڇڏيو ٿئي
اڳي تہ مرڪي هئين ملندو
هاڻي چو پاڻ پليو ٿئي
پاڻ ٿيو تون پڪو آن يا ڪنهن جي چئي آهين يار لڳو
هيل ياد تنهنجيءَ...

## نظر چانڊيو

□

سر دا سائين منا ميڈا سک بہ تيڈي لڳي اي
تيڈي ميڈي سنگت سهڻا- سچي اي تي پڪي اي

تون آوين تي خوشيان مناوان- گل چڻاوان- ڳليان سجاوان
گيت وي ڳاوان- جهمريا پاوان- تين تون اپڻي جان لٽاوان
ساري جڳ دي وچ وو جاني- ميڈي تيڈي نال پتي اي
تيڈي ميڈي سنگت...

تون جي آسين- مين نال ملسي دشمن جلسي
ميڈي قبول کرو مهماني- تيڈي مجيان يار احساني
مين نال يار نباءِ ياراني- جان حوالي تيڈي جاني
سجڻ تيڈي دردان ميڈي ساڙ کي دلڙي سٽي اي
تيڈي ميڈي سنگت...

ماٹهو اجايان ڳالهيان کريندن- ياري چنيندن
غير تي هردم غير هي رهسين- کوڙي دلاسي تينکون ڈيسن
تيڈي نہ ٿيسن- مور نہ آسن- تينکون او سب ڀلا چوڙيسن
لوکان کون مين کوڙا آکيا- تين نال ميڈي پڪي اي
تيڈي ميڈي سنگت...

نظر چانڊئي کون نہ ڀلاوين- تون نہ ڀلاوين
ميڈا هين تون ميڈا رهسي- ڈک سک دي وچ ساهہ جا ڈيسي
اپڻي وعدي تي پيا آسي- راز هي دل دا کنهن کون نہ ڈيسين
مين تي يار پروسا کرين- جي هڻ سنگت رکي اي
تيڈي ميڈي سنگت...

هونداسين اڪيلا ته ڪهڙي عيد ڪنداسين
ايندين جي پرين پوءِ ته ٻئي عيد ڪنداسين

منٺار تنهنجي پر ۾ ويهي عيد ڪنداسين
ڪو پيار سندو گيت چئي عيد ڪنداسين
هونداسي اڪيلا...

ماڻهو ٿا چون عيد آهي عيد گاهه ۾
پر منهنجي منا عيد آ تنهنجي نگاهه ۾
سيني سان لڳايو ته ملي عيد ڪنداسين
دل کي اچي ناريو ته ڪِلي عيد ڪنداسين
هونداسي اڪيلا...

هن سال ۾ توکي منهنجو هڪڙو سوال آ
اچ يار ملي وڃ ٿيو جيئڻ جنجال آ
توساڻ منا رات رهي عيد ڪنداسين
اچ پيار وني پيار ڏئي عيد ڪنداسين
هونداسي اڪيلا...

پياسي آ پرين پيار ۾ تنهنجو ئي ديوانو
هن پيار پنهنجي تي پرين جلندو آ زمانو
غيرن جي اڳيان توسان گهمي عيد ڪنداسين
ها تنهنجي ئي ڇهري کي ڏسي عيد ڪنداسين
هونداسي اڪيلا...

□

وني هر هر جنم وربو، منا مهراڻ ۾ ملبو
ختم اونداهه ٿي ويندي، چٽيءَ چانداڻ ۾ ملبو.

پنهنجي جا جنگ آ جاري، سا ٿيندي نيٺ سوڀاري
مري ويندا سيئي ماري، سچيءَ سرهاڻ ۾ ملبو
وني هر هر جنم وربو...

ٿيا جي قوم تان قربان، انهن جا نام هن احسان
شهيدن جي ريٽي رت سان رتيءَ لالاڻ ۾ ملبو
وني هر هر جنم وربو...

هجي يورپ يا لبنان، جتي ماريو ويو انسان
انهيءَ ساٿهوءَ سندي ارمان ۽ رت ڇاڻ ۾ ملبو
وني هر هر جنم وربو...

وري ورندا ته وسڪارا، وسي پوندا هي پَٽ سارا
مارو ٿيندا ته موچارا، ميـنهن مانداڻ ۾ ملبو
وني هر هر جنم وربو...

رمز ۾ رام ريجهايان مان
ساڌو سنت سڏايان مان

ٽڪي ٽڪاٽي پڇن ڪيان مان
نانڪ نيڪ چوايان مان
رمز ۾ رام...

گنگا جمنا جل تي جاوا
پينو تلڪ لڳايان مان
رمز ۾ رام...

جمن شفا تو جيڻو ڪفر جو
پِرپُو پاڻ جو آهيان مان
رمز ۾ رام...

## حليم باغي

□

ڪم ظرف جي ويڪوءَ فطرت تي احساس ملامت ڪئي هوندي
چانديءَ جي چمڪ تي وڪجي ويو ضمير عدالت ڪئي هوندي

زنجير جو ڪڙڪو چپ تي ويو توڪي ته اجان پر ڏڪڻي آ
پڪ چاڻ تو جهڙي ڪنهن ماڻهوءَ قانون جي اطاعت ڪئي هوندي
ڪم ظرف جي ويڪوءَ...

رت جنهن ڪي ساندي سوچين ٿو ۽ هارڻ ڪان لهرائين ٿو
او رت پڇارا توڪي به ڇٽي ڪنهن ماءُ سخاوت ڪئي هوندي
ڪم ظرف جي ويڪوءَ...

او ساٿ ڏٺي جي واڳ وٺين ۽ واڳ وٺي جي واٽ وٺين
هت ڇوڙاڻن تي چند ڪڙيا- جي ڪنهن به ارادت ڪئي هوندي
ڪم ظرف جي ويڪوءَ...

اڄ دار جي پاران دز اڏي منصور، وري ڪو دار چڙهي
ڪنهن جي ته سسيءَ هڻ وقت ميان موسم تي عنايت ڪئي هوندي
ڪم ظرف جي ويڪوءَ...

رُت ڦرڻي آ سا ڦرندي پئي هڪ ڳالهه ته ماڻهو ڄاڻن ٿا
تاريخ ڦري يا پل نه ڦري باغيءَ ته بغاوت ڪئي هوندي
ڪم ظرف جي ويڪوءَ...

□

ڇڻ نظر لڳي ويئي هن گهر جي بهارن کي
کو نانگ سراپي ويو نت نينهن نظارن کي

هن راهه تي جي رميا رولاڪ ئي سمجهن ٿا
ڳري رات مٿن گذري سا ساک ستارن کي
ڇڻ نظر لڳي ويئي....

نت نيريءَ سانجهيءَ جو اڄ روهه ۾ رڻ جهڻ آ
کو سانگ کان کيئن روکي کونجن جي قطارن کي
ڇڻ نظر لڳي ويئي....

هوءَ ڇوليءَ ڇوليءَ ساڻ هڪ ناءُ رواني تي
چنڊ چمندو اڄ ناکئا کينجهر جي کنارن کي
ڇڻ نظر لڳي ويئي....

بادل بہ هٽي ويندا پڻ باک ڦٽي پوندي
تون مرڪ ڇنڊي منهن تان کڻ کارن وارن کي
ڇڻ نظر لڳي ويئي....

جيئنداسين پري جڳ لئہ جيئڻ جا جتن ڏيندي
مٺاسين تہ ڏئي ڇڏبا هي روڳ هزارن کي
ڇڻ نظر لڳي ويئي....

## حليم باغي

□

جي جيون تو ۾ سنڌ نہ آ- پوءِ منهنجي توکان ڏُوري آ
هي جيون جيون آهي ڇا- ڪٽ جيل زهر ڪٽ سوري آ

هن ڪاڪ منڊل ڪي ڏاهيندي ڪنهن آس نگر جا ساٿ سٿيون
اُس ڪان تہ اجهو ٿو گهرجي هي سنسار تہ تپنڊڙ ڪوري آ
هي جيون جيون...

قاتل جي هٿ ۾ لرزش آ خنجر بہ سنڀالي ڪير ڀلا
هي منهنجي خون جو تقدس ٿيو جلاد جي لئہ مجبوري آ
هي جيون جيون...

اڄ ڌرتيءَ ماءُ جي ڳل لڳي هر باغيءَ پٺي ٿي هيئن چيو
مان ڪسجان تنهنجي راهن ۾ منظوري آ منظوري آ
هي جيون جيون...

## حليم باغي

اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي پرين ڪجي ڇا تنهنجو شهر آ
چين جي رقّٽي هتي جرم آ- اکين جي ڪينچل هتي ڏمر آ

لڦن جي لالي ڀري ترين ۾- گسن جي مٽي ذري اکين ۾
هلي هلي بس ٿڪي پياسين- گهٽو ٻڌايو اجان سفر آ
اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي...

اسان تہ سَنڌ سَنڌ زخم سنا سين- اسان لٿياسين اسان ڪناسين
طبيب ڪن تا حڪيم ڪن تا- اسان جي جندڙي سڄي زهر آ
اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي...

تنهنجي اکين ۾ اداسي ڇا جي اڙي او شاعر اڙي او باغي
اڃان تہ ڪوڙين ڪليون ٻہ ٽڙنديون- سنڌوءَ جي مٽي نہ ٿي ڪلر آ
اکيون ٻہ باندي رڳون ٻہ باندي...

## حليم باغي

رت ديس تنهنجي راهه ۾ جي ڦڙو ڦڙو ٿي وهي وڃي
منهنجو نصيب نهي وڃي تنهنجو بہ قرض لهي وڃي

گلن جا سر ڪٽي ڇڏيو وڻن جا ٽـڙ سڻي ڇڏيو
ڪلي ڪلي لتاڙيو متان ڪسر ڪا رهي وڃي
رت ديس تنهنجي...
مبارڪون وڏيندڙؤ ڪـُهڻ جي رُت اچي وئي
هتي پيو ڪو ڪسي وڃي هتان پيو ڪو ڪهي وڃي
رت ديس تنهنجي...

اڏائي ڏوڙ راهه جي اڄ هلئون تہ هيئن هلون
جو اسان جي شهر ڏي ورڻ جي واٽ ئي ڊهي وڃي
رت ديس تنهنجي...

## حليم باغي

□

هن لال لهوءَ سان او لالڻ ڪي ڀاڳ ڀلارا ٻڌجي ويا
ٺوڙهيءَ وارن جي دم سان ڪي وارا ٻه نيارا ٻڌجي ويا

ڇڏ ڪنهن جو ناهي جيءُ جهريو هي ڪارو قتلِ عام ڏسي
هر ماءُ رنو ٽٽي ڀار ڪڍي ڪنڌ بندوقن جي لام ڏسي
هر ڀيڻ جي دل بيروت بڻي هي وڪ وڪ تي ويٽنام ڏسي
او پير وڏا او مير وڏا پر تنهنجي هٿ ۾ جام ڏسي
هر سنڌيءَ جا ڏند ٽڪي پيا ٽاندا تارا ٻڌجي ويا
ٺوڙهيءَ وارن....

هي هيڏا پيا تا ڪيس ٿين پر توکي ڪو ويچار نہ آ
هي وسيل ويڙها اجڙي ويا پر توتي ڇڻ تہ ميارُ نہ آ
جي هاڻي ڪجهہ بہ نہ ويچاريئي پوءِ تو جهڙو غدار نہ آ
ڇا توکي ڇئجي هڪ جيڏا غدار جهڙي ٻي گار نہ آ
غدار تہ سورهيہ قوم جي لاءِ گند جا ڪارا ٻڌجي ويا
ٺوڙهيءَ وارن....

اٿ سانباهو ڪر مقتل ڏي ٿو ساري رت شهيدن جو
هو ڪارونجهر جي ڪور مٿان آ ايريو سج اميدن جو
هن ڌرتيءَ تان ڌوڪار ڪبو ها پاڙو ڇاڻ پليدن جو
اولاد لڏائي ڇڏٿو آ ٻي لڄ يارن ٻي ڏينن جو
جوءِ جا وارث جاڳي پيا ۽ ديس دلارا ٻڌجي ويا
ٺوڙهيءَ وارن....

## حسن درس

ڦاسيءَ جي جهولي ۾ هُن کي ننڊ اچي وئي

شوخ هوا جي شوڪارن ۾ ڪنهن نہ موڙيو گل ڳچيءَ جو
خوشبوءِ ڪا نہ رڃي وئي
هُن کي ننڊ اچي وئي....

اس بہ پنهنجا انگ ڦٽا ڪيا سج قتل ٿيو سنڌوءَ تي
ڪاري رات بچي وئي
هُن کي ننڊ اچي وئي....

موسم پنهنجو ماڻو ماٽيو- هُن بہ ڪائي معنيٰ پاتي
نگري نيٺ نچي وئي
هُن کي ننڊ اچي وئي....

# حميد سبزوئي

□

اڃي آهي ڪڙيو ڦهر زندگيءَ جو
۽ ويران ٿي ويو شهر زندگيءَ جو

جڏهن رات ديويءَ پنهنجا پر پکيڙيا
تڏهن من اوڳاڇيو زهر زندگيءَ جو
۽ ويران ٿي ويو....

ڪٿي نيڻ پنهنجا جڏهن تو نهاريو
سو ڪيڏو هو پيارو پهر زندگيءَ جو
۽ ويران ٿي ويو....

جتي پيار جي بوند برسي نہ شايد
صدين کان اجايل ڏهر زندگيءَ جو
۽ ويران ٿي ويو....

## حميد ڏاهري

مٺي ڪانپوءِ مٺا منهنجي قبر تي ايندين تہ ڇا ٿيندو
ٻڌي جي موت جو منهن پنهنجي روئندين تہ ڇا ٿيندو

جڏهن منهنجي جنازي کي لٽي ڪانڌي تڏي ورندا
ڏسي ڪٿ خالي واري جي وسائيندين تہ ڇا ٿيندو
مٺي ڪانپوءِ مٺا...

خوشيون تنهنجون ۽ غم تنهنجا نہ وسرڻ جا سڄڻ آهن
مٺي ڪانپوءِ ڪلهي ڪانڌي اچي ٿيندين تہ ڇا ٿيندو
مٺي ڪانپوءِ مٺا...

ڪئي تو لاءِ حميد آ ٠سهٺا هيءَ زندگي برباد
جدائيءَ جا پلا تون سور ساندييندين تہ ڇا ٿيندو
مٺي ڪانپوءِ مٺا...

## حميد ڏاهري

□

وڃ صنم نام خدا مون سان ملي هن رات ۾
دل اٿم تو وٽ مگر هي ساهه آ سڪرات ۾

ڪانگ تنهنجي لاءِ اڏاريان تو ته ڪا گفتار ٿئي
راهه ۾ اکڙيون وڇايان تو ته ڪو ديدار ٿئي
ڏينهن سارو تو گذاريان وصل جي فڪرات ۾
دل اٿم تو وٽ...

تنهنجي نظرن جو ڀلا گهايل هيئنر ڪاڏي وڃي
تنهنجي الفت جو سڄڻ سائل هيئنر ڪاڏي وڃي
تون اچين جيسين ڇلو- موڪل سڄڻ سوغات ۾
دل اٿم تو وٽ...

ڏاهري ڏک ۾ تو گهاري- توسواءِ تنهنجو حميد
مل تون مئڪش سان ته ڪو سک جو ٿئي موقعو سعيد
حسن جا حاڪم سڏي ڪو خير ڏي خيرات ۾
دل اٿم تو وٽ...

## حميد ڏاهري

اڄ منهنجي اڱڻ تي پيارا- تولاءِ ويس ڪياتم ڪارا

توسان پيار پڪو آ منهنجو- چو پاڻ پليو تي پنهنجو
منهنجا جاني جيءَ جيارا- تو لاءِ ويس ڪياتم ڪارا

ڇا لاءِ رنو تون آهين مون ساڻ نہ تو ڳالهائين
او دوست منا دلدارا- تولاءِ ويس ڪيا تم ڪارا

تون گل گلاب جوُ آهين- ٿو سارو چمن مهڪائين
تون چنڊ پرين پيا تارا- تو لاءِ ويس ڪيا تم ڪارا

هلي آءُ حميد جا سائين- چو ٿو ڏاهريءَ ڪان شرمائين
ڪر مون ڪان ٿون نہ ڪنارا- تو لاءِ ويس ڪيا تم ڪارا.

چاهہ جي چٽنگ ۾ عشق جو ڪو الو جان منهنجي جلائي تہ مان ڇا ڪيان
منهنجا سهڻا سڄڻ منهنجا پيارا پرين ياد تنهنجي ستائي تہ مان ڇا ڪيان

مان تہ ڪاريهرن کي بہ ڪيري وڌو- ڪوڙ واسينگ واٽن تي ڊاهي وڌا
عام نانگن کي مارڻ سٽائو مگر- نيهن جو نانگ ڪائي تہ مان ڇا ڪيان
منهنجا سهڻا سڄڻ...

سمجهہ ۾ ڳالهہ مونکي اچي ڪا نہ ٿي جو حوصلا سڀ هتي هار ڪائي ويا
حسن هلچل مچائي تہ مان ڇا ڪيان برهہ بيخود بنائي تہ مان ڇا ڪيان
منهنجا سهڻا سڄڻ...

مونکي روئيندو ڏسي پوءِ بہ افسوس آ موٽ ۾ هن چڙي هيئن چيو اي حليم
ڪوئي ماٺهو جي مدهوش ۽ مست ٿي حال پنهنجا وڃائي تہ مان ڇا ڪيان
منهنجا سهڻا سڄڻ...

## حاجي شاهه

□

عمر مون تا وسرن ويڙهيچن جا واڙا
ٻچي ٻور ٿيندئي ڪنجيون ڪلف ڪڙا

ڪاهڙ ۾ ڪجي ٿو مينهن مند جا آئي
ڪٿون هنڌ هندورا وڄهان ڏوڙ ڇائي
سنڌ، اءُ ڪوٽ ۾ رهئان روز ڏاڙا
عمر مون نہ ٿا وسرن...

تنهنجون محل ماڙيون بنگلا بيماريون
اسين قيد ڪوٽن ۾ گهڙي ڪين گهاريون
پٽن جي پرن ۾ پهنوارن جا پاڙا
عمر مون نہ ٿا وسرن...

عمر ڪر عدالت پائو ٿيءُ نہ پورو
حاجي شاهہ چئي هردم ٿئي مئيءَ تي تورو
وسايون اکين سان اڙين جا آواڙا
عمر مون نہ ٿا وسرن...

اسان تہ سمجھو بھار آئي ڪٺي اسان لئہ گلن جون جھوليون
بھار آئي ڪٺي اسان لئہ گلن جي بدران ھزار گوليون

سندم اڱڻ تي ھزار ڪليون گلن تيئن ڪان اڳي ڪومائيون
رسي ويون سب ٿڌيون ھوائون ورائي ويون گلن کي انڌيون
اسان تہ سمجھو…

ڪٿي خبر ھئي ڪا رات راڻي مرڪ ھاڻي وڃائي ويھندي
لھوءَ جو ڳاڙھو ڪفن سجائي لڙڪ اسان لاءِ لڪائي ايندي
اسان تہ سمجھو…

اڳي تہ موتيو مرڪ سجائي پرينءَ جي مرڪ جيان پئي مرڪيو
معصومڙن جو لھو ڏسي اڄ ظلم جي رڪ ۾ سدا لاءِ اجڙيو
اسان تہ سمجھو…

آڪاش ڏنو روئي ڇا ٿي ويو ستارن کي
خاموش فضا ۾ ڪو ڳهائي ويو بهارن کي

مهراڻ جي واديءَ ۾ بي پردي گهمين ڇو ٿي
ڇا ٻاهه لڳائيندينءَ ڪينجهر جي ڪنارن کي
آڪاش ڏنو روئي...

ٻڌي بانگ جڏهن مجنونءَ چوطرف منارن مان
ليليٰ ڇئي ڇوريندو هو تسبيح جي داڻن کي
آڪاش ڏنو روئي...

نانگڻ جيان ڏنگي وينا هر شهر جي ماڻهوءَ کي
سمجهايو اوهان سهڻا اکڙين جي اشارن کي
آڪاش ڏنو روئي...

مشتاق جي پارت تو متان گيت نئون ڇيڙيو
ٽوڙي نه وجهي ٻيهر دلڙيءَ جي ديوارن کي
آڪاش ڏنو روئي...

□

مصريءَ جي ڳنڍي وانگي
سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي
ڏاڍو پيارو لڳندو آهين

تنهنجو چاهه ڇپي ٿو دل ۾
ترڇي تکي ڪنڊي وانگي
سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي...

ڦر جيئن ڳوٺاڻي ڪا ڇاري
ڪڇ ۾ ٻارڙي ننڍي وانگي
سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي...

آءُ اتر جي واءَ سان ڳڌجي
ٿر ۾ ڇر جي ڇنڊي وانگي
سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي...

ويئي دل مشتاق جي اڙجي
ڪلف ڪنجي ۽ ڪُنڍي وانگي
سنڌ جي ڳاڙهي جهنڊي وانگي...

## مشتاق ڦل

منهنجي دل تي چوي پيار هر ڪو ڪري
۔ چاهه ڪنهن جي چمن جو نہ ڪوئي ڦري

جوان جذبا هجن سونهن چوليون هٽي
گيت منڙو زبان تي ڪو بيهر ٻري
منهنجي دل تي چوي...

هت امن جي پکين جون اڏارون هجن
ياءُ ڪنهن پيٽ جو مفت ۾ نہ مري
منهنجي دل تي چوي...

ڪوڪ ڪوئل سنديءَ تي نہ پهرو هجي
ڪو بہ هت غمزده ٿي نہ سڏڪا ڀري
منهنجي دل تي چوي...

ديس مان دهشتون وحشتون دور ٿين
اک نہ آلي هجي دل نہ ڪائي ٻري
منهنجي دل تي چوي...

اهڙيءَ رُت ۾ پرين پنهنجي مشتاق ڪانَ
شال وڇڙين نہ تون شل نہ تئين تون پري
منهنجي دل تي چوي...

## مشتاق ڦل

ڇنڊ مون ڪان نه پڇ آءُ ڇو ٿو روئان

رات جي سانت ۾ منهنجو تڙپي اٿڻ
منهنجا سڏڪا پرڻ منهنجو روئي پوڻ
ڇا ٿا معنيٰ رکن...

گهور ڪنهن جيءَ مونکي گهاوَ گهرا ڏنا
ڪير مون تي ڪليو ڪير مون لاءِ رنا

ڇا ٿا معنيٰ رکن...
پيار مشتاق من ۾ پکيڙي ويو
راڳڻي کو مڌر ڪيئن ڇيڙي ويو
ڇا ٿا معنيٰ رکن...

سڏڪا سارون سارون تولاءِ هينئڙو ڦارون ڦارون تو لاءِ...

مون تي ڪاوڙ منهنجا سائين- رهندي آخر ڪيستائين
سارو ڏينهن ٻچارون نولاء- هينئڙو ڦارون ڦارون تولاءِ...

ڪو نہ پرين پرچاڻي ڏيندو- منهنجي ننڊڙي گهر ۾ ايندو
پنهنجي منهن بہ ٻچارون تو لاءِ- هينئڙو ڦارون ڦارون تولاءِ...

دل جو ڪونئرو ڪوئي ماڻهو وينو نيڻ تہ روئي ماڻهو
لاڙي لڙڪ قطارون تو لاءِ- هينئڙو ڦارون ڦارون تولاءِ...

رهجي ويا مشتاق سمورا- منهنجا ساڳيا خواب اڌورا
آلا نيڻ نهارون تو لاءِ- هينئڙو ڦارون ڦارون تولاءِ...

□

ياد تنهنجي تري آئي من تي وري
تون نہ آئين پرين لڙڪ پيا هن لڙي

نيڻ توکي تکن تون نہ آئين اجان
تو لاءِ صديون ڪليل منهنجي دل جي دري
ياد تنهنجي تري...

تو سوا اي صنم ذات مون کي ڏنگيو
جهير آهن گهٽا دل پئي آ جُهري
ياد تنهنجي تري...



١

# ذوالفقار سيال



اوهان کان اوهان کي کس تو مان چاهيان
توسان پيار اهڙو ڪرڻ تو مان چاهيان

زماني سڄي جي نظر کان بچائي
اکين ۾ لڪائي ڇڏڻ تو مان چاهيان
اوهان کان اوهان کي....

وساري ڇڏين تون پنهنجو پاڻ کي ٻه
توکي پيار ايڏو ڏيڻ تو مان چاهيان
اوهان کان اوهان کي....

مان چاهيان تو محبت جو معيار ٻڌجي
سڄي جڳ سان گڏجي هلڻ تو مان چاهيان
اوهان کان اوهان کي....

تو اڃڻ جي نہ ڪئي مند آئي وئي
آس موٽي وئي هير ڪانہ گھُلي
من پنهنجو سڙيو- جيءُ پنهنجو جهُريو
اسان توکي سڏيو اسان توکي سڏيو

ڪوئي سج نہ ٻٽي ڪوئي چنڊ نہ ٻٽي
زندگي مينهن ڪٽي ڇا مان ڇا آ ٻٽي
من ماڻي ٽيو- جيءُ پنهنجو جهريو
اسان توکي سڏيو...

هُو جي سپنا هئا وقت سارا لٽيا
سڪ تنهنجن لڦا- ڪٽ ڪائي نہ ڪٽ
ٽانڊاٽو ٻجهيو- جيءُ پنهنجو جهريو
اسان توکي سڏيو...

سا پڪيئڙن جي لات- من جي توسان بات
لڳي ڏکن جي ڏات- من اونداهي ڪا رات
چنگ ڪوئي ڇُريو- جيءُ پنهنجو جهُريو
اسان توکي سڏيو...

پنهنجا واعدا پرين سي وساري ڇڏين
آس پيدا ڪري خون تنهن جو ڪرين
اسان ڪجھ نہ چيو جيءَ پنهنجو جهريو
اسان توکي سڏيو...

## ڊاڪٽر ناهيد مغل

□

تنهنجي تند تنوار تي- دل جا در کڙکيو پون
تون نہ وڄاءِ بانسري- تون نہ وڄاءِ بانسري

تنهنجا ٻول ٻڌي منا- من ۾ مچ مچيو پون
تون نہ وڄاءِ بانسري...

سر سسئي سُر مارئي نہ ڇيڙ- ڇپر اکين جا ڇٽيو پون
تون نہ وڄاءِ بانسري...

ملهار جي ڀڻ منڊ ۾-چاڪ اندر جا چڪيو پون
تون نہ وڄاءِ بانسري...

## راشد مورائي

□

اڄ وري ڇو ڀلا منهن لٿل تو لڳين
رات ڪاٽي هئين جو ٿڪل تو لڳين

سنڌ جو باشندو يا فلسطين جو
پنهنجي ڌرتيءَ تان بي دخل تو لڳين
اڄ وري ڇو ڀلا...

توکي ڀيٽيان هماليہ جبل سان تہ
جو ارادن ۾ پنهنجي اٽل تو لڳين
اڄ وري ڇو ڀلا...

جنهن کي پڙهندي پون ٻت ۾ سياندڙا
سچ تہ راشد جو اهڙو غزل تو لڳين
اڄ وري ڇو ڀلا...

## راشد مورائي

□

مون ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽي جا واٽ آ ٺاهي
ان واٽ تان گذرين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر

ڪٽڪو نہ هجي ڏينهن جو يا رات جو الڪو
بي خوف ٿي نڪرين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر
مون ڏاڍ جا ڏونگر...

هر گهاوَ مٿان گهاوَ سهي اف نہ ڪئي مون
جي ويڙهہ ۾ ڦٽجين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر
مون ڏاڍ جا ڏونگر...

پنهنجا بہ جڏهن توسان رکن وير ۽ ڪينو
ڪنهن سورڪان سڏڪين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر
مون ڏاڍ جا ڏونگر...

اي واٽ مسافر تون ڪڏهن منهنجي قبر ڪان
پلجي بہ جي نڪرين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر
مون ڏاڍ جا ڏونگر...

جو سبق سچائيءَ جو ڏنو آهہ مون راشد
سو سبق جي سمجهين تہ مونکي ياد ڪندو ڪر
مون ڏاڍ جا ڏونگر...

## راشد مورائي

□

آ پهچ سگهو دلدار ڏي آڌار وڇوڙو ماري ٿو

رات بہ روئي توکي پڪاريم ڦٽڪي ڦٽڪي ڪيم فرياد
شاد هجين آباد هجين منٺڙا دانهن جو ڪر ڪو داد
تا وڏندا وڃن آزار او منٺار وڇوڙو ماري ٿو....

هيٺي من جو حال ڏسي وڃ آهي ضعيفي زور
تون ئي منهنجي طاقت آهين توريءَ مان ڪمزور
ڪيئن جيئندس مان بيمار توکان ڌار- وڇوڙو ماري ٿو...

آءُ وري هڪ وار ڏئي ڪا دلداري دلدار
موت جدائيءَ ۾ ٿيو منهنجو سهندين لوڪ ميار
ٻڌي راشد جا اشعار ڪر ويچار- وڇوڙو ماري ٿو...

## راشد مورائي

□

وعدو آ پڪو، ڪنڌ توڙي لٿو
تنهنجي سر سان ڪڏهن نہ غداري ڪبي
عشق آهي سچو برچشم هر ڏچو
گهر ڪي ٻاري بہ تو لاءِ ڏياري ڪبي- وعدو آ پڪو...

او پرين او پرين ڇڏ تہ ڇا ٿو گهُرين
خون ۾ جي تُرين توکي توري وٺان
ساٿ سچ جو ڏبو، تڙ نہ ڦٽي ٿيو
دور دلبر سندءِ بيقراري ڪبي- وعدو آ پڪو...

وقت جو وهڪرو جوش ۾ جيترو،
شوق ۾ ايترو هوش جو حوصلو
جيڏو ماضي مُنو حال ڪيڏو ڪُنو
وقت ايندڙ لئہ ايڏي تياري ڪبي- وعدو آ پڪو...

لاڙ توڙي وچولي اتر ولولو
ٿر ڪاڇي ۾ ساڳيو ئي آ سلسلو
لوچ جيئڻ ئي زماني جي وڌندي رهي
سوچ پنهنجي بہ تئين ئي سگهاري ڪبي- وعدو آ پڪو...

ڏات ڏاهپ ڏني حق ونبو ڇني
ڪنهن بہ پورت ڪٺي ڪا نہ آهي ڦني
روڪ ۽ ٽوڪ لاهي وٺون لوڪ تان
نوڪ راشد قلم جي ڪناري ڪبي- وعدو آ پڪو...

# راشد مورائي

نہ سي نہ سي نہ سري
منهنجي توريءَ ک نہ سري

پونئرن کي خبر ڪهڙي- پرواني جي پيڙا جي
سيڪو نہ سگهي ٿو ٻري
منهنجي توريءَ ڪا نہ سري...

جي عشق سچو آهي سڀ سور سهي وڃبا
ڪا ڳالهہ نہ آهي ڳري
منهنجي توريءَ ڪا نہ سري...

ڪو منهنجي پرينءَ کي هي پيغام نہ پهچائي
ويو راشد رات مري
منهنجي توريءَ ڪا نہ سري...

# راشد مورائي

دل جي ويران رڻ تي ڪڪر بانورا- ٿورڙو ئي وسين ها تہ ڇا ٿئي ٿيئي
سانورا تون گهڙي ڪن سڙيءَ دل مٿان ڇانورو ٿي رهين ها تہ ڇا ٿئي ٿيئي

منهنجي پوڄا ڏسي ديوتا ٿي وئين، پنهنجي پوڄا ڪندڙ ڪان جدا ٿي وئين
مان بہ ماڻهو هيس منهنّجي دلجاءِ لئہ- تون بہ انسان ٿئين ها تہ ڇا ٿي ٿيئي

هو ارادو پڪو مون ڪيو مرڻ جو- شوق جاڳي پيو آ وري جيئڻ جو
مون ٻڌو آ تہ اڄ هو پڇڻ ٿو اچي- موت ٽارو ڪرين ها تہ ڇا ٿئي ٿيئي

ڪيترا حسرتن جا ڦٽن گوئيڄ ها- ڪوڙ آسن جون مکڙيون ٽڙي پئي سگهيون
منهنجي دل جي گلستان ويران جو باغبان ٿي رهين ها تہ ڇا ٿئي ٿيئي

ٿون ڪلين ٿو تہ ڇڻ گل ٽڙي ٿا پون- مات تنهنجي خزان گل ڇڻي ٿا پون
تو جي راشد ڪي روئندي ڏنو هو پرين ٿورو مرڪي پوين ها تہ ڇا ٿئي ٿيئي

□

سنڌڙيءَ جي تہ سڳنڌ جا پونئرا- ظلم ڏسي گهبرايو ڇو تا؟
پيار ڪري پڇتايو ڇو تا...؟

پوئر نہ تيو بلبل نہ تيو اي جيجل جا نوجوانو
سنڌ شمع تي اڇو پچڻ لاءِ سنڌيت جا پروانو
جي تا ڏڇو تہ جيئي سنڌ جو لفظ لبن تي آيو ڇو
پيار ڪري پڇتايو ڇو تا...؟

ڪاتيءَ هينان ڪنڌ هجي تہ بہ نينهن جا گونجن نعرا
جي نہ سهايو سر تہ سگهو ئي نينهن نہ لايو پيارا
جنهن ڪي جان پياري آهي مقتل ۾ سو آيو ڇو؟
پيار ڪري پڇتايو ڇو تا...؟

روئڻا تون ٿي روانو راهہ وٺي راهگيرن سان
آزاديءَ جو نعرو هڻندي جي ٿو ڏڇين زنجيرن ڪان
راشد پوءِ بغاوت جو تو گيت آ اهڙو ڳايو ڇو
پيار ڪري پڇتايو ڇو تا...؟

منهنجو آهي پنهل سان پيار اديون
سازيان سيج پلنگ ۽ سينگار اديون

ڪيچي ڪيچ ويا ويئي ويل ٽري
اڇي شهر ڀنڀور ڪي باهه لڳي
ويا هنج هلي آيا ڪانگ وري- ٿيندا غير ڪٿي غمخوار اديون
منهنجو آهي پنهل سان...

نه ڪا مون ڪي جهلي نه ڪا سور سلي
پنهنجو پاڻ پلي نه ڪا ساڻ هلي
ويندس ڪيچ ڪهي پلي جان جلي- پلو عشق سندو آزار اديون
منهنجو آهي پنهل سان...

## رفيق شاهہ

□

ڳالهہ ڪئي دل جي لبن سنڌ آ منهنجو وطن
عرض هيءُ منهنجو ٻڌو اڄ ڪيو مون سان وچن

اڄ مران، پوءِ مران، مان جڏهن فوت ٿيان
ها ڪجو مان ٿو چوان سنڌ ۾ مون کي دفن
ڳالهہ ڪئي...

غسل جنهين وقت ڏيو، هيءَ تڪليف ڪجو
آب سنڌوءَ مان ڪٽي ڌوئجو منهنجو بدن
ڳالهہ ڪئي...

عرض هي ياد ڪجو، هن وصيت کي ٻڌو
سهڻي اجرڪ جو ڏجو وارثو مون کي ڪفن
ڳالهہ ڪئي...

ڌاريا ڪل ڌار ڪري سنڌ آزاد ڪري
پل مري پوءِ رفيق خوش ڏسي پنهنجو وطن
ڳالهہ ڪئي...

# زاهد شيخ

□

اسان جي سڏ ۾ آ سک سهڻا وٹئي ته وهوا ڪندو هليو آ
هي دل لڳي آ لڪي نه سگهندي وٹن ۾ واڪا ڪندو هليو آ

جهلي نه سگهبي ڪڏهن جواني بڻاءِ آزاد زندگاني
لڳا تي جوين تي جيل جيڪي سي ڪوٽ ڪاٽا ڪندو هليو آ
اسان جي سڏ ۾...

رسي ويو ذرتيءَ ڪان ياڳ آهي انڌيرو سارو سماج آهي
سچن ڪي سيني سان لائي سائين پڳن ڪي ٽانا ڪندو هليو آ
اسان جي سڏ ۾...

برو مري پل بچڻ نه گهرجي عذاب اڳتي اچڻ نه گهرجي
دلين جي دشمن مٽان دڳن ۾ وڏا ڌماڪا ڪندو هليو آ
اسان جي سڏ ۾...

جي حسن زنده ضمير ٿيندو ته عشق زاهد امير ٿيندو
جڏهن به توکي چوان ته جاني تڏهن تون ها ها ڪندو هليو آ
اسان جي سڏ ۾...

## زاهد شيخ

کو بہ نہ آيو ڏينھن تتي ۾
ٻٽجي سايو کوبہ نہ آيو
ڏينھن تتي ۾ کو بہ نہ آيو...

بي قدري کي دل ڏئي مون
اميدن کي کالھہ کُھايو
ڏينھن تتي ۾ کو بہ نہ آيو...

رھجي ويئي ڇاتي آتي
کنھن بہ نہ سيني سان لڳايو
ڏينھن تتي ۾ کو بہ نہ آيو...

کندن جون پائي پوشاکون
پيار جون راھون پوءِ پڇايو
ڏينھن تتي ۾ کو بہ نہ آيو...

پنھنجا ڳوڙھا پيئندي پيئندي
زاھد روئندن کي ريجھايو
ڏينھن تتي ۾ کو بہ نہ آيو...

## زاهد شيخ

□

جيئڻو تو پوي- جيئڻو تو پوي

ساھڙا سج ۾- اج ئي اج ۾
زندگي رُج ۾ جيئڻو تو پوي
جيئڻو تو پوي...

ڪانہ پيئي ڪٽي- گھـٽ آھي گھٽي
ساھ ٽڏڙا ڪٽي- جيئڻو تو پوي
جيئڻو تو پوي...

پيار تنھنجي ڪري سار سڏڪا ڀري
ھيل توڪان پري جيئڻو تو پوي
جيئڻو تو پوي...

## زاهد شيخ

□

قرب منهنجي کي ڏني تو موٽ آ تڪرار ۾
ڪو فرق سمجهيئي نہ جاني جنگ ۾ ۽ پيار ۾

ياد تنهنجي دم بدم ٿم- بيو نہ ٿم ڪو ڪم صنم
هر گهڙي گذري ٿي منهنجي يار تنهنجي سار ۾
قربَ منهنجي کي ڏني...

منهنجي هر تخليق تنهنجي نانوَ سان منسوب آ
ذڪر تنهنجو فڪر تنهنجو منهنجي هر اظهار ۾
قرب منهنجي کي ڏني...

نفرتن جي شهر ۾ ٿيو بدنصيبن جو جنم
زندگي زاهد ملي پر عمر پر آزار ۾
قرب مِنهنجي کي ڏني...

## زاهد شيخ

ساقي تنهنجي مئخاني ۾ دل وندرائڻ آيو آهيان
دنيا ڏاڍا درد ڏنا هن درد گھٽائڻ آيو آهيان

ڇڻنگ ٻري هئي هوريان هوريان مچ مچي ويو آهي من ۾
جام جي ڍڪ ڍڪ سان اندر جي آگ اجهائڻ آيو آهيان
ساقي تنهنجي مئخاني ۾...

هڪڙو سهڻو گل جگر کي ڏاڍا گھاوَ ڏئي ويو آهي
يادن جي ڪاغذ تان ان جو نانءُ مٽائڻ آيو آهيان
ساقي تنهنجي مئخاني ۾...

دل وارن جيَ لاءِ تہ ساري دنيا دوزخ جهڙي آهي
آويءَ جهڙي جڳ ۾ زاهد پاڻ پچائڻ آيو آهيان
ساقي تنهنجي مئخاني ۾...

## زاهد شيخ

ڪندن وارا چپن چارا دڪن جا ڏير ڏگ ۾
اجهو عاشق هليا آهن اسان جا پيراڳ اڳ ۾

اندر ۾ عشق جا آهن وڏا آڙاهه ايري پيا
لڳو آ نينهن لڳ لڳ ۾ چريو آ چاهه چڳ چڳ ۾
ڪندن وارا چپن...

جلايو يا جسم جهوريو برهه جي بـُوءِ رهڻي آ
پرين سان پيار جا رشتا رچيا رت ساڻ رڳ رڳ ۾
ڪندن وارا چپن...

مرڻ وارا مري ويندا امر انسان ڪي آهن
جنين جڳ کي ڏنا جلوا اهي جيئرا تہ جڳ جڳ ۾
ڪندن وارا چپن...

ڪڏهن ڪينجهر ڪڏهن منڇر اتر ۾ لاڙ ۾ زاهد
پهنوارن ڪان پري ناهيان ويٺل وانگين سان وڳ وڳ ۾
ڪندن وارا چپن...

## زاهد شيخ

□

پٽڙ آ جگر تنهنجو تون پيار مان ڇا ڄاڻين
بي سمجهه اٿئي ديدون ديدار مان ڇا ڄاڻين

تو عشق ڏٺو ناهي تو قرب ڪيو ناهي
تو چير ٻڌي ناهي چمڪار مان ڇا ڄاڻين
پٽڙ آ جگر تنهنجو...

تون ساڪ بنا سڪڻو احساس بنان اٿيو
تون پاڻ نه آن پنهنجو سنسار مان ڇا ڄاڻين
پٽڙ آ جگر تنهنجو...

تو ٺهڪ ٻڌا آهن تو ٺهڪ ڏٺا آهن
تون آلين اکڙين جي اظهار مان ڇا ڄاڻين
پٽڙ آ جگر تنهنجو...

وهه ڳالهين ۾ اوتي ٿو آڇين زاهد کي
تون ميٺ محبت جي گفتار مان ڇا ڄاڻين
پٽڙ آ جگر تنهنجو...

## زاهد شيخ

شال گذري وجي پيار ۾
زندگي
پيار ۾ زندگي شال گذري
وجي

چاھ جي راھ تي- رقص بيني ڪري
پيار ۾ زندگي...

جيستائين جيئون تيستائين
رهي
پيار ۾ زندگي...

آءُ تہ زاهد ملي- هر گهڙي
گهارجي
پيار ۾ زندگي...

## زاهد شيخ

□

پيار منجهاران پينگهو لوڏي لولي ڏيانءِ
لولي آ منڙي لولي ڏيانءِ...

پرهه ڦٽيءَ جو ويلو ٿيڙو
بابل تنهنجو هر تي ويڙو
ڀريان ڪرٽا سج سٽي ٿو
بابل تنهنجو ٻج ڇٽي ٿو
ساري تونْ سٽندو ويجهان- لولي آ منڙي لولي...

ڪوڏر ڪلهڙي پارا ڀريان
بابل تنهنجو پاڻيءَ پويان
پوک پچي وئي آ واري تي
بابل تنهنجو لاباري تي
ساري تون سٽندو ويجهان- لولي آ منڙي لولي....

ڪَت ۾ پنهنجا لڳ ٿو لوئي
بابل تنهنجو ول ٿو ڊوئي
ڏينهن تتو اڄ ڏاڍو آهي
بابل تنهنجو ڳاهه ٿو ڳاهي
ساري تون سٽندو ويجهان- لولي آ منڙي لولي....

داتا ويا ڪل ڏوتا ڪائي
بابل تنهنجي ڳالهه ٻڌائي
ڏاڍن جي هيءَ آهي مرضي
بابل تنهنجو زوريءَ قرضي
ساري تون سٽندو ويجهان- لولي آ منڙي لولي....

## زاهد شيخ

☐

تو سوا ڏينهن ڏکيو رات زهر جهڙي آ
هيءَ جدائي بہ تہ قاتل جي قهر جهڙي آ

تنهنجو هر انگ حسين لفظ آهي شاعر جو
سونهن تنهنجي بہ ڪويتا جي بحر جهڙي آ
تو سوا ڏينهن ڏکيو...

تو ۾ اميدون رکي پيار جون ويٺا آهيون
تنهنجي ڪاوڙ بہ قيامت جي قهر جهڙي آ
تو سوا ڏينهن ڏکيو...

منهن موڙي تون مروڙي ٿو ڪڍين ساهہ مٺا
شوخ نيڻن جي اڇل ڳاٽ ڳهر جهڙي آ
تو سوا ڏينهن ڏکيو...

اڄ ڏسڻ جهڙو رهيو آ نہ اوهان لاءِ زاهد
دل جي حالت ڪنهن برباد شهر جهڙي آ
تو سوا ڏينهن ڏکيو...

# زاهد شيخ

آءُ اسان جي ساهہ تان لاهہ ڏکن جا ڏوجهرا

تنهنجون تنوارون لڙڪن جون لارون لارن مٿان
روح ڪڍي وڃ روح مان، لاهہ ڏکن جا ڏوجهرا...

ڪيئي ندوربون جوڀن ڪي جهوربون جهوري ويون
چند گهڙين جي چاهہ سان- لاهہ ڏکن جا ڏوجهرا...

سيءُ سيارا، آڙهہ اونهارا آيا ويا
آس ۾ زاهد آ اجان، لاهہ ڏکن جا ڏوجهرا...

چمسان چمسان ول ول چمسان
مين تيڏي هٿ پير- هووي تيڏي خير...

ڪرم ڪريسو يا نہ ڪريسو
ڪتلي تائين وڇڙي رهسو
روسان روسان رڙ رڙ روسان- آئت ڏيسي ڪير
هووي تيڏي خير...

ڪوئي پروسا ڪونهي دم دا
تئين بن جيون کهڙي ڪم دا
ملسان ملسان تئين نال ملسان- ويري رکسن وير
هووي تيڏي خير...

عمر گذر ڳئي يار نہ آيا
زاهد اپڻا آپ جلايا
دکساڻ دکسان دم دم دکسان- دوست ڪيتئي ڪيون دير
هووي تيڏي خير...

# زاهد شيخ

□

اج تہ ناهين اتي
آءٌ ٻولهيان کٿي

رات جو سوچيان
سچ ايري مٿي
آءٌ ٻولهيان کٿي...

ساهہ جي هر گهڙي
سور ويئي سٽي
آءٌ ٻولهيان کٿي...

برهہ باهيون ٻريون
جهيريل جان تي
آءٌ ٻولهيان کٿي...
تنهنجو زاهد پيو
گيت چوندو وتي
آءٌ ٻولهيان کٿي...

## زاهد شيخ

ماروئڙا، جهانگيئڙا دلدار ٻه منهنجا
ڪردار ٻه منهنجي گيتن جا
ماروئڙا..................
هي جهوپا جهوپا ڪينجهر تي
شل مينهن وسن ڪارونجهر تي
منهنجون مرڪون- منهنجون خوشيون- منهنجا هينئڙا
ماروئڙا..................
هي جيڪو منهنجو اندر آ
ڪشمور ڪان ڪيٽي بندر آ
جيون سارو- هي ساٿيئڙا- منهنجا ٿيڙا
ماروئڙا..................
هي موهن جا آثار ۽ لا
آ منهنجي ڪل چمار الا
هن زاهد جي ڪل ذات جا هي ڏيئڙا
ماروئڙا..................

هيءَ ڪنهن جي عزت ڇو نہ ٻڌجي،
هيءَ نچڻي، نچڻي ڇو آهي.

ڪو هن جو آخر ياءُ بہ آ،
هي نيٺ تہ ڪنهن جي ماءُ بہ آ،
ڪو هن کي غم جو گهاءُ بہ آ،
هر دلي هٿ جو داءُ بہ آ.
پر ننگ ڪنهن جو بہ ناهي- هيءَ ڪنهن جي عزت...

هيءَ عزت پنهنجي لوئي تي،
پر پنهنجي ڪئي تي روئي تي،
هوءَ مجبورين کي ڏوئي تي،
هن سر تي پوتي سونهين تي.
ويو ڪير اٿس لوئي لاهي، هيءَ ڪنهن جي عزت...

هيءَ محلئون سڏجي منڊي ڇو،
هي رهزن گهر جي رنڊي ڇو،
هيءَ هٿ هٿ آهي ونڊي ڇو،
باقي انصاف جي جهنڊي ڇو،
ڇڏ ان آئين کي دفنائي، هيءَ ڪنهن جي عزت...

مجبور ڪيو هن کي مردن،
جن کي گهربو تئي مال ۾ ڏن،
جي پاڻ ڪمائي ڪين سگهن
تن لاءِ وڪاڻو هن جو تن.
ڪو آهي جو سچ ڳالهائي- هيءَ ڪنهن جي عزت...

# زاهد شيخ

□

اسان هجئون نہ هجئون شل اوهان کي ياد هجئون
رکو جي روح ۾ راڻا تہ ڪائي ڳالھ ڪيون

اسان جي دهل جو ڏڏڪو بہ دانهن بڻجي ويو
ڪٿي ڪا جان جلي آ- اتي آ آھ اٿئون
اسان هجئون نہ هجئون...

اسان جو درد آ دوزخ جي باھ کان ٻيڻو
اوهان جو سور تہ ساڙي- ڪڙهي ڪڙهي تا ڪيئون
اسان هجئون نہ هجئون...

ٻڌو اسان کان تہ ٻولي آ قرب جي حاضر
ٻڌايو پيار جون ڳالهيون تہ بار بار ٻڌئون
اسان هجئون نہ هجئون...

جي زندگي تا وڻو وقت کان خوشي بہ وڻو
ٻڌو نہ گيت رڳو ميت منا زاهد ڪئون
اسان هجئون نہ هجئون...

## زاهد شيخ

پاپي آ پاپي آ- ڏاڍي دنيا مولا تنهنجي پاپي آ
دنيا مولا تنهنجي پاپي آ- ڪري ظلم اجان نه ڍاپي آ

ڪو زنجيرن ۾ جڪڙيل آ- ڪوئي ڦاسيءَ تي لٽڪيل آ
ماڻهن جا هٿ بم ۽ گوليون- مائن جون ٿيون خالي جهوليون
نوٽن تي انسان ٿو وڪجي- اندر جو ايمان ٿو وڪجي
ڌرتي ڪيڏي سهڻي آ پر سُورن منجهه حياتي آ
پاپي آ پاپي آ...

انسانن جي پيار تي ڪاتي جذبن جي اظهار تي ڪاتي
هن ڌرتيءَ جون ڪيئي نياڻيون- گهر جي ڪوليءَ ۾ قيدياڻيون
جيڪا ڪچندي ماري ويندي- بي ڏوهي تي ڪاري ويندي
رسمن جي ڪوٺن مان روئندي- پاتي نيڻن جهاتي آ
پاپي آ پاپي آ...

زاهد جيسين زنده آهيان- جنت جهڙو جڳ ٿو چاهيان
منهنجون سوچون ٻيڙيون آهن- ٻڏندڙ ڪي ٿيون پار پڄائن
مون ڪنهنجو رت نه هاريو ناهي- جنهن تنهن کي پيئاريو ناهي
مون دل وارن جي ذهنن ۾- سوچ سفر جي تاتي آ
پاپي آ پاپي آ...

## زاهد شيخ

□

جتي هجو سڪيا هجو اسان جي آ دعا اها
ڪڏهن ڪڏهن ملي وجو آ درد جي دوا اَها

درن جي اوٽ مان ڪڏهن درين جي ڳلڪڙين منجهان
ڏسو ٻہ تا لڪو ٻہ تا عجيب آ ادا اها
جتي هجو سڪيا هجو...

اچو تہ شوق سان اچو ملو تہ قرب سان ملو
ڪلو تہ روح سان ڪلو ڪيو خوشي عطا اها
جتي هجو سڪيا هجو...

اسان ڪان چاهتون وٺو اسان کي چاهتون ڏيو
وري وري اندر منجهان اچي پئي صدا اها
جتي هجو سڪيا هجو...

رڳو پئي ڏسڻ گهريم اچڻ وڃڻ ڇڏيو نہ ها
ڏسڻ تہ ڏوهہ ڪو نہ هو ڏيو نہ ها سزا اها
جتي هجو سڪيا هجو...

□

سوجي وڏيون سرتيون وڙهنديون ويرين سان
بختاور جون پينرون- بختاور جون پينرون

هاجا پسي هيترا- ماٺ رهن چا ڪاڻ الا
بختاور جون پينرون...

گهونگهٽ پائي گهر ۾- رهٽيون ناهن هاڻ اَلا
بختاور جون پينرون...

هڪ نہ هئي ڪا مارئي- ماڳ سڄو مهراڻ اَلا
بختاور جون پينرون...

سوريءَ سچا بول چئي- ڪين مڃينديون آڻ اَلا
بختاور جون پينرون...

زاهد پينر ظلم سان- جوٺينديون جنداڻ اَلا
بختاور جون پينرون...

□

دل دل ۾ هت درد هزارين
سنڌ سنڌ ۾ سو سور الا...

جهوپن اندر جلندي جلندي
جيئڙا تي ويا جهور آلا

دل دل ۾ هت درد هزارين...

ور وسڪارا وانگيئڙن ڏي
ڏک تر جا ڪر ڏور آلا

دل دل ۾ هت درد هزارين...

زاهد پنهنجن زخم ڏناسي
سور بڻيا ناسور آلا

دل دل ۾ هت درد هزارين...

□

هٿن ۾ ڏاٽا- ڪلهي تي ڪوڏر- ڇپن تي مرڪون سچا سپاجها
اهي تہ منهنجا منا اباڻا- اهي تہ منهنجا پرين پيارا

محبتون عشق پيار جن وٽ- پريت جو پنڌ پار جن وٽ
نہ عيب جن ۾ نہ عار جن وٽ- نيائي ڇاڻن تا نينهن نيارا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا...

اٿن تہ اوپر- هلن تہ هوشو- ڏسن تہ ڏاها عظيم ڏسجن
سڏيو تہ جيءُ جيءُ ڪندا بہ ايندا- وڏا ڪندا وير هيل وارا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا...

ڏکن بکن ۾ رهيا صدين ڪان- پري سکن ڪان اجان بہ آهن
هڪل ڪري اڄ هليا حقن لئہ ڇڏيندا ساڙي هي سُور سارا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا...

انهن سان آ منهنجو پيار زاهد- انهن سان منهنجي زندگي آ
هي جيڪي جالن تا جهوپڙن ۾- اهي وطن جا وڏا سهارا
اهي تہ منهنجا پرين پيارا...

## زاهد شيخ

□

ويندا سور لهي منهنجا ايندا ماروئڙا
روئندا نيڻ رهيا- من جي مرڪ وئي
منهنجا ايندا ماروئڙا...

هينئڙو تن کي ساري- پل پل منجهه پڪاري
آهيان جن جي آري- ايندا نيڻ اوتاري
اڄ ويندا رات رهي رهي- منهنجا ايندا ماروئڙا...

هينئڙي اندر جهوري- لونءِ لونءِ ۾ آ لوري
منڙن ماروئڙن تان- جندڙي مون آ گهوري
سک ويندا سڄڻ ڏئي ڏئي- منهنجا ايندا ماروئڙا...

وڃڙي ويا جاکون- تانگهيان ويني تاکون
هر هر لات لنوين ٿو در تي ڪانگ ڪلها ڪون
اڄ قربن سان ڪهي ڪهي- منهنجا ايندا ماروئڙا...

## زاهد شيخ

بنا اجهي ڀٽڪندا وتن ٿا
لٽن تي ڏهه ڏهه چتيون هڻن ٿا
ڳڀي ٽڪر لاءِ اداس آهن
اهي سيئي ٻار منهنجا پيارا... بنا اجهي ڀٽڪندا...

نه پيءُ جيئرو نه ماءُ جڳ ۾
جنين جو ڪوئي نه ياءُ جڳ ۾
گهڙيءَ گهڙيءَ جن لاءِ گهاءُ جڳ ۾
پنن اٿي جوتا پاءُ جڳ ۾
رکي هٿن تي رکي ٿا کائن...اهي سيئي ٻار...

ڪي جهار هڪلن- ڪي مال چارن
ڪي گهور وارا ڪي ڏڳ ٻهارن
گهٽا گهٽا ٿا غمن ۾ گهارن
مگر نه ٿا جيڪي هنيانءَ هارن
ٻڌيءَ جون ڳالهيون پيا ٻڌائن... اهي سيئي ٻار...

دلين ۾ اميد جا خزانا
چپن تي انصاف جا ترانا
ننڍن هٿن ۾ هٿوڙا پانا
اهي ئي بدلائيندا زمانا
هي نئون صبح ڪو ڏسڻ ٿا چاهين... اهي سيئي ٻار...

اي يار زاهد ڏکن جا شاعر
ڏکاريلن جي ٻڪن جا شاعر
اجاڙيلن جي مڪن جا شاعر
اي آئيندي جي سکن جا شاعر
بغاوتن جا ٿا گيت ڳائن... اهي سيئي ٻار...

# زاهد شيخ

□

پيار منهنجي کي سمجهي سگهيو آن نہ تون
مون سان ڪوڙيءَ محبت جون ڳالهيون نہ ڪر

عشق اوکو اٿئي- چنڊ ڏوکو اٿئي
چنڊ سان ويهي چاهت جون ڳالهيون نہ ڪر
پيار منهنجي ڪي...

هن حياتيءَ جي تذڪار ڪان تون پري
ڇو رهڻ ٿو گهرين پيار ڪان تون پري
پريت جي ريت ۾ تي ملي هر خوشي
رڻ ۾ ويهي تون راحت جون ڳالهيون نہ ڪر
پيار منهنجي ڪي...

محل- دولت سان جوڙي ٿا سگهجن پرين
جاءِ ڪنهن دل ۾ آ ناهڻ ڏکي
قرب ۾ ڪنڌ منهنجو آ حاضر مگر
ڪنهن بہ فرعوني طاقت جون ڳالهيون نہ ڪر
پيار منهنجي ڪي...

پاڪ جذبن تي هر روز پٿراءُ آ
دل جي هر آس ۾ گهاوَ تي گهاءُ آ
نااهل سان جي زاهد نيائڻ گهرين
زهر پي وڃ شڪايت جون ڳالهيون نہ ڪر
پيار منهنجي ڪي...

# زاهد شيخ

ڏکڙيا ڏينهنڙا ڏوري وڃبا
سونهن ڏي پيرڙا سوري وڃبا

سڏڪن جي سنسار ۾- ٿهڪن کي ٽيڙيون آلا
ڏکڙيا ڏينهنڙا...

ٻوٽن واريون ٻالهڙيون- ڪنيون ڇونہ ڪيون آلا
ڏکڙيا ڏينهنڙا...

ساهہ کي گهُرجي سوجهرو- پنهنجي ڪا ٻاريون آلا
ڏکڙيا ڏينهنڙا...

زاهد ساري زندگي گوندر ڇو گهاريون الا
ڏکڙيا ڏينهنڙا...

## زاهد شيخ

□

او قاتل بدلو وٺنداسين
هر خون جي قطري قطري جو

جاڳيا آهيون جاڳيا آهيون- تون چور اسان ياڳيا آهيون
هن ديس ڌٽين جي ننڍڙن ننڍڙن ٻچڙن جا قاتل
بدلو وٺنداسين...

تون خون وهايو بي ڏوهي- او ڏوهي ڏوهي او ڏوهي
موري- ميهڙ ۽ ٺوڙهيءَ جي منٺارن جا قاتل
بدلو وٺنداسين...

هيءَ سنڌين جي ٻولي ٻولي- ٻٽبي تو لاءِ گولي گولي
هن ڌرتيءَ جي مظلوم سمورن سنڌين جا او قاتل
بدلو وٺنداسين...

جنهن سوليءَ منهنجا مور چڙهيا- تنهن سوليءَ تنهنجو وارو آ
هوشوءَ هيمونءَ جهڙن پيارن دلدارن جا او قاتل
بدلو وٺنداسين...

سٺڪا ڦٽڪا ته سهي سگهبا پر زاهد حق وڙهي وٺبا
قانونن جا انصافن جا انسانن جا قاتل
بدلو وٺنداسين...

## زاهد شيخ

جي مڙس ڄوان تي لڄ مران- بابو بہ سڌي هن کي نہ سگهان
ور پنهنجي ٻيءُ ڏنو مونکي- ور پنهنجي ياءُ ڏنو مونکي

هي رنگ مُڇن کي لائي تو، پيو اڃا وار لڪائي تو
هي ڪيميرا رول گهرائي تو،- ڦوٽو مون سان ڪڍرائي تو
مان هر هڪ نڪتل ڦوٽوءَ ۾- تي ٻيءُ سان بيٺل ڏسيءَ ڏسان
ور منهنجي ٻيءُ...

مان ماٺ رهان ڳالهائي تو- مان روئان تي پرچائي تو
هي بچڙا هٿ وڌائي تو- مان سمجهان تي ڄڻ ڪائي تو
پئي پل پل سورن منجهہ سڙان- تي روز پڇان پر ڪيئن ڪڇان
ور منهنجي ٻيءُ...

هي محل ڏسي پائر سرکيا- پئي سوٽ رنا ڇاڇا پٽڪيا
ٻئي پير ابي ٽاڏي مرڪيا- پئي نوٽ جتي ڳاڙها مُرڪيا
تو ساھ وڪامي عورت جو- هٿ ساون ساون نوٽن سان.
ور منهنجي ٻيءُ...

ڇو آخر پاڻ وڪامون ٿيون- ڏيون وينيون روز غلاميون ٿيون
منهن پنهنجي پڇرون ڪامون ٿيون- سڀ گڏجئون سرتيون سامهون ٿيون
ڪل گڏجي سڏجي او پينر- ڪو ڳولهيون ڏک جو حل ڪٿان
ور منهنجي ٻيءُ...

## زاهدِ شيخ

□

ويجهو هوندي توکان ڏور
سنڌڙي تنهنجو آهي سور

تنهنجي جيءَ جياپي ڪارڻ
مرڻو مون کي آ منظور...

ڪارا چنبا ڦهري ڪانيون
ڏوڙ ڪنداسين هي دستور...

ڌرتيءَ جي دل ۾ اميدون
وڻ وڻ جهليو آهي ٻـور...

جن جي آس گهٽن کي زاهد
ايندا اهڙا ڏينهن ضرور...

## زاهد شيخ

ها مان توکي وسارڻ گهران ٿو مگر
چا ڪيان مان وساري سگهان ئي نٿو
او پرين! تو سوا زندگي
هيڪلي مان گذاري سگهان ئي نہ ٿو

سج لٿي ڪان وٺي تنهنجون ساروڻيون
صبح تائين ٿيون منهنجي صحن ۾ رهن
تنهنجي يادن ۾ نيڻن ڪي لوليون ڏئي
رات جو مان سمهاري سگهان ئي نہ ٿو
او پرين او پرين...

جي لڪان ٿو تہ دوزخ جي ڪا رات هان
جي ٿو سڏڪان تہ ساوڻ جي برسات هان
روز اکڙين جا بادل ٿا پرجي اچن
مان تہ بوندون بيهاري سگهان ئي نہ ٿو
او پرين او پرين...

□

پياري پياري رات آ- پهرين ملاقات آ
ڇڏيو غم جون ڳالهيون- ڳڏجي گيت ڳايو
جهومو ۽ جهومايو...

ساز کو ڇيڙي ڇڏيو- ٺهڪڙا تيڙي ڇڏيو
محبتن جي موڄ تي هينئڙا هيري ڇڏيو
جهومو ۽ جهومايو...

چاهتون ئي چاهتون راحتون ئي راحتون
ساهہ چاهن ٿا سيئي سڪن واريون ساعتون
جهومو ۽ جهومايو...

□

نيڻن جا ڪڪر برسيا هوندئي- سڏڪن ۾ تہ ساريو هوندئي
مون کي نہ وساريو هوندئي...

مان سمجهان ٿو پچري پچري پل پل ۾ پڪاريو هوندئي
مون کي نہ وساريو هوندئي...

ها شام جڏهن ٿيندي هوندئي
ڪا ياد. منهنجي ايندي هوندئي
پنهنجي در تي بيهي خالي رستن ڏي تہ نهاريو هوندئي
مون کي نہ وساريو هوندئي...

جيئن مان تنها تڙپان ٿو پيو
تيئن تون تنها تڙپي هوندينءَ
هر پل وڇوڙي جو ظالم سورن ۾ گذاريو هوندئي
مون کي نہ وساريو هوندئي...

احساس جي ڪائي ديد ڪٿي
پرچاو جي ڪا اميد ڪٿي
ڪو قاصد پنڌ پيو هوندو يا ڪانگ اڏاريو هوندئينءَ
مون کي نہ وساريو هوندئي...

ڪو تنهنجي پر ۾ زاهد هو
سو توکان وڇڙي ڏور ويو
ان سوچ ۾ الهڙ جوانيءَ کي ڳڻتين منجهہ ڳاريو هوندئي
مون کي نہ وساريو هوندئي...

# زاهد شيخ

تون اچين ٿي تہ منهنجي اڱڻ جي اڱيان
چنڊ تارا بہ جهومي لهي ٿا اچن
تون وڃين ٿي تہ منهنجي حياتي منجهان
روشني جا اجالا هليا ٿا وڃن
تون اچين ٿي تہ...

تنهنجي گفتار مان گل ڇڻن ٿا پيا
تنهنجي ڪردار مان ٿيون وفائون ٻڪن
تنهنجون ساريون ادائون اکين تي رکي
ناز تنهنجا سيئي ساهہ ۾ سانڍجن
تون اچين ٿي تہ...

پنهنجي شاهي محل تي رکي پيرڙا
منهنجي اجڙي ويل جهوپڙيءَ ۾ تہ ڏس
تنهنجي يادن جون هڏڪيون ستائن پيون
۽ ٽڏا ساهڙا تڙپندا ٿا رهن
تون اچين ٿي تہ...

شال رسمن جا سڀ ڪوٽ ڏاري اچين
پنهنجا احساس جي تون جيئاري اچين
جيئن جذبن جي دنيا نئين جوڙجي
پيار جي پنڌ جا پيچرا ناهجن
تون اچين ٿي تہ...

پيار سان روح کي ٿيون ملن راحتون
پيار سان ئي ٿيون زاهد جڙن جنتون
پيار وارا جتي ٿي جدا ٿا پون
ڪيئي دوزخ اتي ئي ٺهي ٿا پون
تون اچين ٿي تہ...

## زاهد شيخ

كهڙو نانءُ سڏيانءِ او ساجن
دنيا جا سڀ سهڻا نالا پوئي پارايانءِ او ساجن
كهڙو نانءُ سڏيانءِ...

اجڙيل دل جي آس ۾ آهين
منهنجي هر احساس ۾ آهين
آءُ خيالن ۾ ڏينهن اندر جون اوريانءِ او ساجن
كهڙو نانءُ سڏيانءِ...

تنهنجي هڪ تصوير بڻائي
سوچن ۾ ڪل سونهن سمائي
پنهنجن ڏڏڙن ساهن ۾ پيو ساريندو آهيانءِ او ساجن
كهڙو نانءُ سڏيانءِ...

آءُ اسان ڏي پيار ڪٺي آ
ڳالهين جا پندار ڪٺي آ
ماکيءَ مصريءَ جهڙا مٺڙا- سهڻا ٻول ٻڌانءِ او ساجن
كهڙو نانءُ سڏيانءِ...

# زاهد شيخ

□

او امان او امان تون نہ پنهنجو ڪجان
جي وطن جا هو ويري نہ ماري اچان
او امان او امان...

ڳاٽ جلاد جو جي نہ ڳاري اچان
او امان او امان...

جنگ مهراڻ جي جي مان هاري اچان
او امان او امان...

ٻاٽ ۾ لاٽ مان جي نہ ٻاري اچان
او امان او امان...

ڏاڍ زاهد وڃي جي نہ ڏاري اچان
او امان او امان...

□

اصول پيار جا ڪنهن ڪان سڄڻ سکيو آهين
عجيب ڳالهه آ هاڻي هڻڻ سکيو آهين

اسان جي آڏو اجايو هڪو ٻڪو چو آن
چوڻ جي ڳالهه چو دل ۾ رکڻ سکيو آهين
اصول پيار جا...

رسڻ ۾ آهي مزو جيڪو سو ٻه پرچڻ سان
تون هيل اڳوڻو يار رسڻ سکيو آهين
اصول پيار جا...

جواب کهڙا خطن جا لکان ٻڌاءِ ڪٿي
سوال ابتائي ابتا پڇڻ سکيو آهين
اصول پيار جا...

ڏسي تون راهه ۾ زاهد کي منهن مٽائين ٿو
مان کهڙي منهن سان ڏسان منهن ڏکڻ سکيو آهين
اصول پيار جا...

# زاهد شيخ

مارو منهنجا سنڌڙي پنهنجي سورن ۾ الا
سانت نہ تي سونهين

موٽو موٽو نہ چئو موٽڻ آ مهڻو
وک وڌائي واٽ تي راڻا آ رهڻو
سنڌڙي پنهنجي...

ويهو ويهو نہ چئو ويهڻ ڪين جڳائي
جاڳي پئو هن جوءِ جا جوڳي پنهنجي جاءِ
سنڌڙي پنهنجي...

پاڙا پاڙا نہ چئو پاڙي ناهيون پاڻ
پنهنجو موهن جو دڙو ساڻي آهہ سڃاڻ
سنڌڙي پنهنجي...

□

عضوا ڪٽي ڇڏيو، ٻُترا ڪري ڇڏيو
جند جان ڌرتيءَ کي آباد ڪنداسين

ڪوڙن جو هيءَ دؤر نہ هرگز رهڻو آ
ظلم جو ڪارو ڪوٽ تہ آخر ڊهڻو آ
غمگين هر مظلوم جي دل شاد ڪنداسين
آباد ڪنداسين...

رئيس سندو اولاد ڇو موجون ماڻي ٿو
پورهيت ٻار ڇو آب اکين ۾ آڻي ٿو
آخر تہ خوش مظلوم جو اولاد ڪنداسين
آباد ڪنداسين...

عزم اسان جو آهي زاهد فولادي
واندي ٿيندي ويرين کان وادي وادي
هن ديس جا دشمن سڀئي برباد ڪنداسين
آباد ڪنداسين...

## زاهد شيخ

آيل رهجان آس ۾ تون نہ ڏجانءِ ورلاپ
هيل بہ عيد آ جيل ۾ هيل بہ عيد آ جيل ۾

ڏور گهٽو گهر گهاٽ- پر ۾ قاسي گهاٽ
هيل بہ عيد...

لوڏي لوڏي لاهبو- پنهنجن متان هي پاپ
هيل بہ عيد...

زاهد زير نہ ٿيو ڪڏهن ڳورو پنهنجو ڳاٽ
هيل بہ عيد...

□

كيڏان ڪيئن مان رانديون جيجل ڪيڏان ڪيئن مان رانديون
منهنجي ديس ڪي ويڙهي ويون انڌيارن جون آنڌيون

بابل جن جا بند ڪولين ۾- سي پٽ ڪيئن سمهن جهولين ۾
آهين تون نہ اڪيلي آيل- مائر ڪيئي مانديون
جيجل ڪيڏان ڪيئن...

منهنجي پائن ڪوڙا ڪائي نئين آهي تاريخ لکائي
ذهن ضمير ڪي سيني لائي اڇليون سونُ ۽ چانديون
جيجل ڪيڏان ڪيئن...

درد وندي ۽ ڌرتي ۽ سان دل آ- آيل منهنجي نند قتل آ
جيسين ويرين ڪان نہ ڪرايان شهر ۽ وسنديون وانديون
جيجل ڪيڏان ڪيئن...

زاهد جي زندان بہ ملندا- پختا پنهنجا پير نہ هلندا
منهنجي ذهن ۾ اهڙيون سوچون ڪنيون ٿيون هيڪانديون
جيجل ڪيڏان ڪيئن...

## زاهد شيخ

□

ڏور ڏاڍو وئين دل آ تو لئہ يري
پرديسي پکي آءُ موٽي وري

مهل موقعو ملئي- وک نہ رکجانءِ ڍري
پرديسي پکي...

درد ۾ ڏاهي دل تي پئي آ چري
پرديسي پکي...

هڏڪين سِير مان دم ويو آ تري
پرديسي پکي...

زندگيءَ جي بچي آهي زاهد ذري
پرديسي پکي...

# زاهد شيخ

□

هر ويڙهي ۾ ويو هـُل هلي هوءَ ڪاري هئي
پر بي ڏوهي ويچاري هئي

ڪنهن پاڙس ڪي هو پڙڪايو
جنهن غيرت ڏيهه ڏيکاري هئي.
هوءَ ڪاري هئي...

هڪ پيءُ ڇيو جلنديَ پچنديَ
هوءَ ڇوري ڇپ هچاريَ هئي
هوءَ ڪاري هئي...

هوءَ پيار جو پوتر جذبو هئي
هوءَ نازڪ سندر ناري هئي
هوءَ ڪاري هئي...

پٽ پاپيءَ هـِن هـُن جي چئي تي
پـَرُ ماءُ بہ پنهنجي ماري هئي
هوءَ ڪاري هئي...

## زاهد شيخ

□

پنهنجا ڏسي ميل- هُلي ويون هيل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

پاڳين هوندي پونءِ جي- هيءَ ڇو هيڏي پيل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

جهاڳي وجبا جيت لئه- جبل توڙي جيل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

مارُوئڙن جي ماڳ تي وردين جا هي ويل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

ڪٿي اڄ ڪٿايون- ڪوٺن جا هي ڪيل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

زاهد باغيچي ٿڙيا- مڪڙين مان رابيل
ڳالهيون هر ڪنهن ڳوٺ ۾

□

بدن بدن کي باھ ٻڻائي
لڳ لڳ پنھنجو لوھ جو ناھي
سارو سورھيہ راڄ سڏائي- پنھنجا ويڙھو ھٿ وڏائي
سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون- سنڌ بچائڻ نڪتا آھيون

ھاءِ ڪراچيءَ جون ھي ڪيھون
ڪيسين وھُ جا قطرا پيئون
رڳ رڳ رت ۾ ريھون ريھون
پر تا جيجل ڪارڻ جيئون
تن تن ڪوريءَ منجھ تپائي- سنڌ بچائڻ نڪتا...

سنڌ سنڌ سنڌ جو سورن سيڪيل
روح روح تنھنجو رت سان ريٽيل
ڳليءَ ڳليءَ ۾ لاشو ليٽيل
وک وک ورديءَ وارو ويڙھل
گھر گھر ينيٽ پڙڪيو آھي- سنڌ بچائڻ نڪتا...

ڪيڏي ڪھري رات ڪني آ
ڏرتين کي مون دانھن ڏني آ
زاھد منڙي موٽ ملي آ
جھانگيئڙن جيءَ جيءَ ڪئي آ
تر بر لاڙ اتر اٿلائي- سنڌ بچائڻ نڪتا...

□

هي ٻالڪ ٻالڪ هاريءَ جو- ڪانئر اک ۾ ڪنڊو آ
ننڍڙي ننڍڙي هٿڙي ۾ اڄ ڳاڙهو ڳاڙهو جهنڊو آ

تن اگهاڙي تي پاڙا سي ٻار غريبن جا سارا
بيمارين ۾ گهاري ويا ڪل سيارا ڪل اونهارا
هي سمجهه پريا تي پيا هاڻي ويرين تي ڪندا ناهي وارا
هي ٻالڪ ٻالڪ...

هن ڳوٺ وڏيري جي قدمن ۾ پنهنجو هاري پيءُ ڏٺو
آ لڄ بچائيندي پنهنجي اڄ ماءُ کي ننڍڙيءَ ڏيءَ ڏٺو
ٻهراڙي جي ٻارن آهي جهرندو پنهنجو جيءُ ڏٺو
هي ٻالڪ ٻالڪ...

هي مزدورن جا ڄڻيا ڪل- تنظيم جي ليکي ڳڻيا ڪل
هي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندي مهراڻ کي آهن وڻيا ڪل
ڪلهه هڪڙو هيمو ڪالاڻي- اڄ هيمو آهن ٻڻيا ڪل
هي ٻالڪ ٻالڪ...

هي زاهد ذاتين جا باغي تا سنڌي قوم جي ڳالهه ڪرن
هي جڳ جڳ جيئن موتيئڙا هن ڌرتيءَ کي آزاد ڏسن
هي روشن آئيندي جي اندر ۾ تا سندر آس رکن
هي ٻالڪ ٻالڪ...

## زاهد شيخ

□

هوءَ نيٺ تہ اڇٽي آ- رت ڇاڻ جي هولين ۾
ڪا موڄ تہ مچٽي آ- مهراڻ جي ڇولين ۾

هر قوم زماني جي سچ ڪي آ سجاڻي وئي
مظلوم اٿيا ميڙي ٻاڪار آ ٻولين ۾
هوءَ نيٺ تہ اڇٽي آ. . .

اڄ ٻار تا ٻنڌڻن ۾ امڙين ڪان پڇن روئي
ملندي تہ ڪڏهن ملندي سمجهايو تہ لولين ۾
هوءَ نيٺ تہ اڇٽي آ. . .

آواز اسان جي ڪي ديوار ڇا روڪيندي
جي جسم رهيا پنهنجا قيدي بند ڪولين ۾
هوءَ نيٺ تہ اڇٽي آ. . .

ڪو ساز نہ تو گهرجي گيتن ڪي سندم زاهد
تو لاءِ ماڻ ڳائيندس طوفان سان گولين ۾
هوءَ نيٺ تہ اڇٽي آ. . .

# زخمي چانديو

ڏاڍو سارينديون- منهنجي مئي ڪانپوءِ تون

اخبارن ۾ تعزيتون- ڏھ ڏھ ڏيارينديون
منهنجي مئي ڪانپوءِ تون...

جيئري قدر ڪو نہ ڪيئي-ڳوڙها ڳاڙينديون
منهنجي مئي ڪانپوءِ تون...

زخميءَ لاءِ ماتم ڪري- نيٺ وسارينديون
منهنجي مئي ڪانپوءِ تون...

# زمان خاصخيلي

چيٽ ۾ چٽي ويو ايندس پر ڪتي بہ گذري وئي
هيءَ مند هئن مان نڪري وئي ڪا ساجن جي خبر نہ پئي
**هيءَ مند هئن مان...**

سيءَ بہ آيا سَر نسريا، هر ڪنهن جا محبوب وريا
پر منهنجو جاني ڪونہ وريو، ڏاڍي دير منهنجي دلبر آ ڪئي
**هيءَ مند هئن مان...**

وري بہ موسم وئي مٽجي، هُن جي آئي ڪونہ چٺي
هن دنيا ۾ ٻيا جوڙ ڏسي هي پوندو آ روح روئي
**هيءَ مند هئن مان...**

لڙڪ وهن پيا اکڙين مان، ساعت ڀانيان سال زمان
ارمان اٿم ويو خاصخيلي هن دل کي آ درد ڏئي
**هيءَ مند هئن مان...**

## زاهد راڄپر

دنيا وارؤ ظلم هي ڪيسين
ويل اويلي سڏڙو ٿئي ٿو
پوڙهو اڄي ٿو وڪرو ٿئي ٿي
ڏڄ ڏياڻي ڪيئن وڪاڻي
ڪنهن جي نياڻي ڪيئن وڪاڻي

زندگي هن جي کهڙي آ
موت کان بڇڙي رهڻي آ
جڻ هن جي ڪا ماءُ نہ آ
گهر ۾ هُن لاءِ جاءِ نہ آ
اڄ مري ٿي- پار ڪڍي ٿي
ڪنهن جي نياڻي...

ناٿ سياري ماڪ پوي ٿي
پاڻ اٿي ٿي گاهہ لڻي ٿي
ڏينهن ڏکن جا پئي ٿي گهاري
هوءَ جوانيءَ ڪي ٿي ٻاري
رت روئي ٿي پار ڪڍي ٿي
ڪنهن جي نياڻي...

پوڙها توکي معاف نہ ڪرڻو
هن جيون جو ڏوهہ ٿي ڏيڻو
ٻار ڄڻي مجبور رهي ٿي
هاڻ گذاري دور رهي ٿي
رت روئي ٿي پار ڪڍي ٿي
ڪنهن جي نياڻي...

سنڌ ڌرتيءَ جون ڏتڙيل نياڻيون
تن لاءِ منهنجا گيت ۽ وايون
اهڙي سماج جا باغي آهيون
راڄپر جنهن ۾ جلن جوانيون
دل ڏکي ٿي پار ڪڍي ٿي
ڪنهن جي نياڻي...

# سچل سرمست

ننگڑا نماڻي دا، جيوين تيوين پالڻا
جيوين تيوين پالڻا، جيوين تيوين پالڻا

ميلي هان يا مندي هان
بيشڪ تيڏي بندي هان
ڏکين ميڏا ڏولڻا- غيب نہ کولڻا
ننگڙا نماڻي دا...

پئي هان پناري
لڳي تيڏي لاري
جوڳي نال جالڻا، ول ول آوڻا
ننگڙا نماڻي دا...

يار سچل کون
لٿي هن کشالي
گهونگهٽ کولڻا،
ٻه ٻه ٻولڻا
ننگڙا نماڻي دا...

## سرڪش سنڌي

بيءَ کهڙيءَ ڌرتيءَ ڌي وجهي

جن ڪلندي ڪلندي ڪيڪاريا
سي محسن گولين پئي ماريا
جي نينهن ڌنا نقصان ڪٽي
بيءَ کهڙيءَ ڌرتي...

ڪلهه ڪير ڪُنو اڄ ڪير ڪنو
ڪا ماءُ مُني ڪو پيءُ مُنو
هي گهوٽن جا گلدان ڪٽي
بيءَ کهڙيءَ ڌرتي...

جن ڪرسيءَ جي ڪايا ڪي ڏسي
آ ماءُ وِڪي مايا ڪي ڏسي
سي نوڏن پٽ نادان ڪٽي
بيءَ کهڙيءَ ڌرتي...

هي سينو چيري دل تہ ڏسو
مانڌاٽن جي محفل تہ ڏسو
هن تند تتل جي تان ڪٽي
بيءَ کهڙيءَ ڌرتي...

منصور تہ سوري پاتي آ
سرڪش بہ سڌي ڪئي ڇاتي آ
نہ تہ پنهنجا مانَ ۽ شان ڪٽي
بيءَ کهڙيءَ ڌرتي...

پيار لاءِ ساجن صديون گهرجن
هيءَ حياتي توري آ- ڳالهه تہ ڏاڍي ڳوڙي آ

ننڊپڻ هو ڇڻ خواب اکين جو
پن پن ٿي ويو ساٿ سکين جو
وقت ڪري ويو زوري آ
ڳالهہ تہ ڏاڍي ڳوڙي آ...

پيار جا پيچ پڪا ٿيندا هن
نينهن جا ڏينهن ننڍا ٿيندا هن
پرم انهيءَ دل پوري آ
ڳالهہ تہ ڏاڍي ڳوڙي آ...

جوڀن ايندي ڇت ٽڪرائي
اکڙيون اٽڪن مَن گهبرائي
چاهت ناهين چوري آ
ڳالهہ تہ ڏاڍي ڳوڙي آ...

## سرمد چانڊيو

□

سيج بہ خالي ساھ بہ ساري، رات نہ تي گذري
رات نہ تي گذري، نينھن نہ ٿو نبري

توسان گھاريل گھڙيءَ گھڙيءَ کي ڪوئي ڪيئن وساري
سيج بہ خالي....

ويڻيس اوسيئڙي ۾ تنھنجي اڄھنڊڙ اندر ٻاري
سيج بہ خالي....

سرمد سونھن پوڄاري رھندو، جيتي توڙي ھاري
سيج بہ خالي....

نظر جا پياسا نظر ڪيئن هٽائن
خطا تي خطا پيي ڪرڻ ڪين چاهن

اوهان چنڊ جهڙو چهرو لڪايو
پرين پيار پياسن پو ڪهڙو ڪمايو
انهيءَ ڪان چڱو جو اکيون نہ اڙائن
نظر جا پياسا....

صدين ڪان سڻي آ گهڙي هڪ خوشيءَ جي
وري مند موٽي نہ ايندي وهيءَ جي
ڪٿي ديد خالي نہ واپس ورائن
نظر جا پياسا....

اسان نيهن ناتو وسارڻ نہ چاهيون
پرين پيار ڪي پاڻ هارڻ نہ چاهيون
پلي وقت وارا اچي آزمائن
نظر جا پياسا....

ڪتي ڪونج ٻر ۾ اڪيلي رهي آ
جتي سونهن سرمد اتي زندگي آ
سيئي پيار وارا اهو تا ٻڌائن
نظر جا پياسا....

## سميع بلوچ

سار پهرين پيار جي
بوند آهي بهار جي

هُلي وئي آ ڳالهه تنهنجي
نيڻن جي نهار جي
بوند آهي بهار جي...

سڏڪن کي به ضرورت آ
ساهن جي سهڪار جي
بوند آهي بهار جي...

ساري توکي ٿو سميع
آئي مند ملهار جي
بوند آهي بهار جي...

□

تون جو وئين هن پار
سار بہ اهڙي سار
ساھہ منجهي ٿو سائين...

ڳَنڍجي ساھہ ڪنيا سين
ٻانهون ناهي هارَ
ساھہ منجهي ٿو سائين...

ٻن ڇڙ ۾ او سائين
مون لاءِ تون ئي بهار
ساھہ منجهي ٿو سائين...

سميع توکان وڇڙي
هينئڙو ڦارون ڦار
ساھہ منجهي ٿو سائين...

تنهنجي ياد جي وري آ ور
لڳي رهي آ ٿڌڙي هير

پيار جي ملندو پوءِ نہ ٿينده
آهي ساجن کو دلگير
تنهنجي ياد جي...

توکان ڏور گذاريل ڏينهڙا
جيءَ کي ڏيندا آهن جهير
تنهنجي ياد جي...

چاهہ جو چنڊ بہ ايري پوندو
توکي ساريو آهي سرير
تنهنجي ياد جي...

ڪيئن وساري سگهندس توکي
من تي تنهنجي ئي تصوير
تنهنجي ياد جي...

تنهنجو منهنجو ٿيندو سنگم
هٿ ۾ آهي اهڙي لڪير
تنهنجي ياد جي...

□

آءُ پرين چيٽ ۾ تون ياد اچين ٿو
الا ياد اچين ٿو...

ڪيئن گهاريان مان ٿو گهڙيون ڪوئي نہ ڄاڻي
ٿيندو ڇا هاڻي...
منهنجا پرين پوءِ بہ پري تون ڇو رهين ٿو
الا ياد اچين ٿو...

ڪانگ ٻڌايو تہ پرين هاڻ اچي ٿو
ڄاڻ اچي ٿو...
تنهن ڪان اڳي سڄ پيلا تون ڇو لهين ٿو
الا ياد اچين ٿو...

تون جي پري جيءُ ٿو جهري
تنهنجي ڪري...
ڇا جي ڪري مون ڪان پيلا ميت رسين ٿو
الا ياد اچين ٿو...

پاڻ وڏي تي هينئڙي هير
هونئن اچي هيئن هر هر ڪير

روز ڏئي آواز تي مون کي
تنهنجي خوشبوءِ سانجهه سوير
پاڻ وڏي تي...

سرت ۾ رهجان هاڻ سسئي تون
ڏاڍ نہ ڪن جيئن توسان ڏير
پاڻ وڏي تي...

پاڻ گهرائي پاڻ وٺ مونکي
پاڻ چو ايڏي لاتئي دير
پاڻ وڏي تي...

تنهنجي مون سان ناتي جو سُنهن
تو بن سميع جو ناهي ڪير
پاڻ وڏي تي...

## سائل آزاد

□

مهراڻ جي موجن جو سفر جيسين آ جاري- استاد بخاري
توکي نہ وساريندي ڪڏهن سنڌ سونهاري- استاد بخاري

شعر و ادب جي بزم ۾ جي رنگ پريا توجي چيٽ چٽيا تو
پٿر تي ليڪ آهي اِها نقش نگاري- استاد بخاري
مهراڻ جي موجن...

بيمار ٻڌو سين وجي لاچار ڏنوسين- پر ڪجھ نہ ڪيوسين
تنهنجا ئي پرستار ٿيا تنهنجا مياري- استاد بخاري
مهراڻ جي موجن...

توکي مرڻ ڪانپوءِ مليو جيڪو ثمر آ- دنيا کي خبر آ
ڪلچر ۽ ثقافت جي ڏٺين ڪئي جا ڏناري- استاد بخاري
مهراڻ جي موجن...

ممتاز کي شابس هجي آخوند کي شابس- اٿهوند کي شابس
مرده پرست قوم جي ڏِس ڪارگذاري- استاد بخاري
مهراڻ جي موجن...

□

دلدار دلبر دل جا سهارا
سگهو ور خدارا پرين پيار وارا

برهه باهه ٻاري وڌي بيقراري
سڄو ڏينهن تڙپان روئان رات ساري
لڇندي لنگهي ويا سيارا اونهارا
سگهو ور خدارا...

اچين تون جي سهڻا پلا پاڳ پايان
قدمن ۾ تنهنجي اکڙيون وڇايان
کيان ساهه صدقي گهوريان چنڊ تارا
سگهو ور خدارا...

ڪل ڪا نه پيئي اهو وقت ايندو
سڄڻ جان سائل وڇوڙو وڃيندو
ڏنگيندا هجر جا نرا نانگ ڪارا
سگهو ور خدارا...

□

حال منهنجا پڇي منهنجا ڳوڙها اگهي،
ڪو تہ اهڙو هجي، ڪو تہ اهڙو هجي.

زندگيءَ جو سفر ڪيئن اڪيلو ڪٽيان،
ڪو تہ مون سان هلي، ڪو تہ اهڙو هجي...

مون تہ ڪنهن ڪان خوشي ڪو نہ آهي گهري،
غم گهٽائي سگهي، ڪو تہ اهڙو هجي...

ايڏو رئندو نہ ڪر، ايڏو رلندو نہ ڪر،
ڪوئي مون کي چوي، ڪو تہ اهڙو هجي...

جيءُ پيو ٿو جلي روح پيو ٿو رڃي،
مينهن وانگر وسي، ڪو تہ اهڙو هجي...

## سڪندر شاهه

اڄ عيد مبارڪ تئي او عيد ڪرڻ وارا
جيءُ جڳ ۾ شال سدا سينگار ڪرڻ وارا

هت سهڻا هزارين هن ڪنهن جي دل ڪي نہ تا چاهن
ڪر ياد اهي ڏينهڙا اقرار ڪرڻ وارا
اڄ عيد مبارڪ...

پل گهم تون غيرن سان، توکي ڪهڙا ڏيان مهڻا
پنهنجي قسمت اهڙي آ، او ڏار ڪرڻ وارا
اڄ عيد مبارڪ...

چوي سڪندر شاهه هاڻي، منهنجو محب خوشيون ماڻي
يلي هر ڪو ڏسي هاڻي مون ڪي تہ ڇنڻ وارا
اڄ عيد مبارڪ...

اسان جي يار ياريءَ جو،
اوهان وٽ ڪو قدر ڪونهي.

چوانءِ ٿو سچ، لڳئي ٿو مچ
راهه ربانيءَ ۾ يار تون اچ
وڏو اڻ چاڻ آهيان مان
مون وٽ اهڙو اکر ڪونهي
اسان جي يار...

رلايو يار پاڻ مون
اوهان کي ڇا رلايان مان
اسان وٽ بيوفائيءَ جو
اهڙو ڪو وکر ڪونهي
اسان جي يار...

پنائي آس سڪندر شاهه،
متو مارڻ اجايو آ
اسان جي شعر ۾ شايد
اهڙو جاني اثر ڪونهي
اسان جي يار...

# سڪندر شاهه

پوءِ يار اگهڙ ايندين- جڏهن منهن تي ڪفن هوندو
ڏک تنهنجي جدائيءَ جو گڏ مون سان دفن ٿيندو
پوءِ يار اگهڙ ايندين...

هاڻي يار ڪنهن سان رسندين
منهنجون ڳالهيون ڪنهن کان پڇندين
اڃي اکڙين سان ڏسندين- اجڙيل هي چمن هوندو
پوءِ يار اگهڙ ايندين...

وئين يار هجر ڏيئي
هاڻي ڳالهه ڪيان ڪيهي
ارمان ڪجاڻ ويهي- جڏهن خالي پڌر هوندو
پوءِ يار اگهڙ ايندين...

سچ چوندين جدائي آ
سڪندر شاهه فنا ئي آ
آباد خدا ئي آ- سارو جڳ روشن هوندو
پوءِ يار اگهڙ ايندين...

□

اتر واءُ ٿو لڳي ايريو لاڙ ٿو اڇي
گهر گهر مچ ٿو مچي اڃان ڏڙ ۾ دم آ
جيئي سنڌ جيئي سنڌ...

مڙس اسان جا آهن مانجهي
آخر ٿيندي سوڀ اسان جي
اتر واءُ ٿو لڳي...

ياڙا ٻڌجي دودا ايندا
سر ڏيندا پر سنڌ نہ ڏيندا
اتر واءُ ٿو لڳي...

ڪارونجهر تي رنگ نہ رچندو
ڪينجهر ڪپ تي ميلو مچندو
اتر واءُ ٿو لڳي...

وڪ وڏي سرتاج وڌايو
پٽ ڌٽيءَ جي پونءَ بچايو
اتر واءُ ٿو لڳي...

## ساگر ڪمبوھ

□

بادلن مان جڏهن چنڊ پاتو ليئو
ياد توکي انهيءَ وقت ڏاڍو ڪيو

رات ساريءَ سڄڻ ننڊ آئي نڪي
بي قراري وڌي درد ٻيٽو ٿيو
بادلن مان جڏهن...

يار مون سان ملي ڏار تنهنجو ٿين
ان گهڙيءَ جو اثر موت جهڙو هُيو
بادلن مان جڏهن...

سڪ ۾ ڪمبوھ ساگر سڪي ٿو سدا
روح هجرت ۽ الفت ۾ اٽڪي پيو
بادلن مان جڏهن...

قيدي ڪيو باندي ڪيو سختي ٻه هيڪانڊي ڪيو
سر سنڌ تان قربان آ سر ديس تان قربان آ

او سنڌ جا او هند جا- سنڌي ٻڌو هر هنڌ جا
رکوال تي راڪا اچو جيجل اسان جي جند جا
هر ڪو اچي واهر ڪري- اڄ تي ويو اعلان آ
سر سنڌ تان...

گولي هلي- لولي ملي جيجل وٿان ٻولي ملي
پٽ تون ڪڏين تو ڪاڻ ڇو سينگار ڪا سولي هلي
هاڻي اٿو ماري مرو- جيجل سندو فرمان آ
سر سنڌ تان...

سندرا ڇڪي وارا ڪٽي ڪٽبو هتي جانا هٽي
اڻ ٻُڌ مٺا مرندا اجان نادان تون ڇو تو ڳٽين
هر ڪو ملهائي پاڻ تو ڪنهن تي نہ ڪو احسان آ
سر سنڌ تان...

ٽڪرا ڪيو ڇيپاٽيو سنڌ سنڌ کي پل ڪاٽيو
گيس جا گولا هٽي پل ساهہ کي ٻوساٽيو
هٽبو نہ هاڻي پوئتي جيڪو هٽي بي ايمان آ
سر سنڌ تان...

□

پڪارون مون توکي ڪيون ڪيئن نہ هونديون
اتي توکي هڏڪيون ٿيون ڪيئن نہ هونديون

هتي مان ٿو رتڙو روئان روز تو لاءِ
اتي تنهنجون اکڙيون پسيون ڪيئن نہ هونديون
پڪارون مون...

لکيم خط ادب ساڻ اوهان ڏانهن جيڪي
چميون تو تہ تن کي ڏنيون ڪيئن نہ هونديون
پڪارون مون...

هتان ڪانگ تو لاءِ اڏاريان پيو مان
اتي تو تہ ڦارون وڌيون ڪيئن نہ هونديون
پڪارون مون...

هت تنهنجي سرويچ کي ڏکڙا ڏاڍا
دعائون تو تنهن لاءِ گهريون ڪيئن نہ هونديون
پڪارون مون...

هڪڙي ڳالهه چوان من ڪا محب مڃي
ڇوري ڇپر ۾ ڇاڪئون ويا ٽم ڇڏي

اوڪا پنڌ پهاڙ جا
ڏينهن ٽٽو آ مئيءَ جا پير ڇني
هڪڙي ڳالهه چوان...

سڱَ سڄاتم ڪين ڪي
تنهنجو وڇوڙو مئيءَ جا هڏڙا ڇڃي
هڪڙي ڳالهه چوان...

اديون عبداللطيف چئي
حسن حسين ٿل ڪا رنگڻ رڱي
هڪڙي ڳالهه چوان...

□

جيڪر هيس ڏاري آلا
مارُن تڏهن وساري

انڙا مينهن ملير تي
گاهن ڪئي گلزاري
مارن تڏهن وساري...

ويندیس رهندیس ڪينڪي
توڙي رات انڌاري
مارن تڏهن وساري...

لائيون لال لطيف چئي
پنهنجي وس نہ ويچاري
مارن تڏهن وساري...

لائي تہ نماڻيءَ سان نينهن،
محب ائين نہ منهن مٽجي.

مون ڪان پاليو نہ ٽئي- شوق اوهان جي جو شينهن
ماس هڏن تان پيو ڪٽجي...

هتان حيدر شاهہ جي- پرت پيالو پيءُ
گهور پرين ڏانهن نہ گهٽجي...

لالٺون لال لطيف چٺي، ويا تہ ڏولائي جا ڏينهن
موتي محبن سان ملجي...

عمر مون نہ وڻن تنھنجون ماڙيون آلا
اسين ڏوتيئڙا ولر واريون آلا
اسين ماروئڙا مال چاريون آلا
عمر مون نہ وڻن...

پيرون تہ چوندبينديس پاندن م
کبڙن لامون لاڙيون آلا
عمر مون نہ وڻن...

اُنڙا مينھن ملير تي
ڦوڳن تي ڦرڙا چاريون الا
عمر مون نہ وڻن...

اديون شاهہ لطيف چئي آلا
مرشد واڳون واريون آلا
عمر مون نہ وڻن...

□

آءُ اڄڻ جي ويل وڃي ٿي آءُ وري راڻا
آءُ وري راڻا- مُور نہ ڪر ماڻا

توريءَ ڪاڪ محل جا- ڪنول ڪوماڻا ويار
مارڻ مُئيءَ کي ساڻن سان اڄ سوڍل سياڻا وو يار...

گهوريان پنهنجي گهوٽ تان- مڙئي ماڻداڻا وو يار
توريءَ تارا ڪتيون راڻا- وطن ويڳاڻا ويار...

جيئڻ گهوريو جيڏيون- پريڻ پڇاڻان او يار
مون کي تيل قليل پريڻ ريءَ روح ٿيا ساڻا او يار

ٻولي منهنجي ٻانيياڻي الا
ناهيان خان ڪتياڻي
ٻولي منهنجي...

ننڊڙي لاڪون ڏک ڏنا مون
سورن ۾ جند ساڻي الا
ٻولي منهنجي...

لڙهندي آيس لهرن وچ مان
پتوڙيس نہ پاڻي الا
ٻولي منهنجي...

اديون شاهہ لطيف چئي
سيد ٿيندم ساٿي الا
ٻولي منهنجي...

آهي ڙي ڪا ساهيڙي جا مونکي پنهل پرچائي ڏي

ويندس رهندس ڪينڪي
سپ اوڪا پوڪا لاهي ڙي
آهي ڙي ڪا ساهيڙي جا مونکي پنهل...

ڏينديس باهه ڀنڀور کي
چئني ڪندن ڪان ناهي ڙي
آهي ڙي ڪا ساهيڙي جا مونکي پنهل...

اديون شاهه لطيف چئي
منهنجو هتڙي چاهي ڙي
آهي ڙي ڪا ساهيڙي جا مونکي پنهل...

ڏار ڪري ويا ڏاري هُو جي ويا هليا
وڻ وڻ هيٺ آئون برهہ پئي پانيان

ليڙا لڏيائون راتِ پنهور مان
بار ڪٽي ويا باري باري

هُوجي ويا هليا...

چوري چپر ۾ راتِ چڏي ويا
ڏار ڪري ويا ڏاري

هُوجي ويا هليا...

سور مڪائون سوڪڙيون ڪري
ڳالهہ انهيءَ ڳاري ڳاري

هُوجي ويا هليا...

اديون عبداللطيف چئي
مون سان پٽ پنهونءَ پاري پاري

هُوجي ويا هليا...

ڏاگهن ڏيرن سان ڪرهل ڪيچين سان
متان ڪا ٻي لنوءُ لائي

آءُ ستي هُو هليا ويڙا ڪرهل ڪاهي
متانُ ڪا ٻي لنوءُ لائي

جيڪا هُيڙن من ۾- ويڙا پنهنجي پڄائي
متان ڪا ٻي لنوءُ لائي

اديون شاهہ لطيف چئي- ايندم واڳ ٻورائي
متان ڪا ٻي لنوءُ لائي

□

تي ماڪ وسي ميخاني تي، ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائن ٿا،
ڪجھ ڳاٽ ڳهر مان ڇرڪن ٿا ۽ جامَ جھلي واجھائن ٿا.

مون، سُهڻا! تنهنجي ساک ڪنئي ۽ لوئيءَ تنهنجي لاڪ هنئي،
سي ڪانئر ٻئي ڪنهن ڪُڙم منجهان، جي پريت ڪري پڇتائين ٿا.

ڪا هرڪُ نہ هاري، هوتن تي، هي پَنڌ نہ آهي پونن جو،
ٿا ڏاڍا ڏونگر ڏيکارن، جي پيچ پيارل پائن ٿا

ڪي ڪنڌ جهڪائي ڪنڌيءَ تي، ٿا پاڙ ڇُپائن ڇوهي ڪان،
ڪي وانجهي سِير وسائن ٿا، دَرياهَ جڏهن دَڙ لائن ٿا.

هَن شيشي-گهر جا دروازا، نادان، اگر ٻوٽين ٻہ تہ ڇا!
پٿَر تہ پري، پوري گهر کي ڪجھ ٺهڪ رڳا ٿڙڪائن ٿا.

آ مهڪ هوا ۾ مينديءَ جي، سي گهوٽ اڃن ٿا گهايل تي،
جي لالُ لهوءَ ۾ ليٽڙجي، اڄ رُت جي ريت نڀائن ٿا.

ڪي پنهنجي ڀَو ۾ ڀُڙڪن ٿا، ڪي ڪانيارا تي ڪُڙڪن ٿا،
تو ڇوري چنگَ "اياز اتي جت ڳاڙها ڳيرو ڳائن ٿا.

وجو، كنويليو، وجو!
وجي پرينءَ كي ڇٺو،

”اجان پيو جيان،
اجان پيو جيان.

اَجوڳُ هيءَ جاٽَ آ،
اُساٽ ئي اُساٽ آ،
ٻہ چار پيرڙا ڪٽان،
تہ پنُ پنُ تي ڇٽان!
سنيهُ، آ نہ سنگُ آ،
نہ آس، ۽ اُمنگُ آ،
تڏهن ٻہ مار ڏاڙ ۾،
اُجاڙُ واڙِ واڙ ۾،
رڙهي رڙهي رڙهاَن پيو،
وڙهي وڙهي رڙهان پيو.“

وجو، ڪَنويليو، وجو!
وجي پرينءَ ڪِي ڇٺہ،
”اجا تہ هانوَ هيڪلو
اوهان ٻِگَر ڪيو ٻِلو،
اجانَ پيو جيان،
اجان پيو جيان.

ڪڏهن اقت مران تہ پوءِ
بہ چار لڙڪ هارجو،
ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو،
تہ ڪير ماڳ ۾ مُئو!
جڏهن بہ سانوٽيون اچن،
چمرَ الوٽ تي نچن،
جڏهن بہ پٽ پٽ تي
گهٽا گجي گجي وسي،
جڏهن بہ مورُ ٽورَ ۾،
ڏسو نہ ڪنهن بہ هورَ ۾،
جڏهن بہ روجهہ ريجهہَ ۾،
ڏسو ابوجهہ ريجهہَ ۾،
تڏهن نہ هي وسارجو
تہ ڪير سُج ۾ سُتو!

اجا تہ جاڳ تي جلي،
اجا تہ ويڙهہ تي هلي،
اجا تہ گهاوَ تاوَ ۾،
لهوُ لهوُ لڳاوَ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهن پيا،
وڙهي وڙهي رڙهن پيا،
اجا ٽيون نہ ماٽڪيون
اچاتريون، اُپاٽڪيون،
اجا گهڙي پُني نہ آ،
اجا تہ رات تي نہ آ،

اجان پيو جيان،
اجان پيو جيان. ”

□

رات آئي وئي تون نہ آئين کهي
ماڪ ۾ مينڌرا ڪاڪ رئندي رهي

مينهن موٽي ويا ڏينهن ايري لٿا
تون نہ آئين پرين وهِ لڳي ٿي وهي
رات آئي وئي...

سانورا تو سوا چانورا چا کبا
لوءِ تنهنجي لڏِي لوءَ لڳندي رهي
رات آئي وئي...

او وڃان مان وڃان ڪيئن ٻيرو ٻڃان
سچ ويندو لهي پير ويندا ڌهي
رات آئي وئي...

سڻ اياز اڄ ڏنو ڪنهن نہ ڄاتو تہ چو
رت اڏيءَ تان اُڏيو سنڌ ڏسندي رهي
رات آئي وئي...

□

نہ تڙ تي تماچي نہ گندريءَ گذارا
اسارا اسارا ڪينجھر جا ڪنارا

اتر واءُ اوتي جتي عطر توتي
هيا هنج سنهنجا اتان هي اڏارا
آسارا آسارا...

اجان رَج مان رڙ اچي ٿي اچي ٿي
متان ائين سمجھين مئا مور سارا
آسارا آسارا...

وڏا وڙ ڪيا نڙ يلي آئين چارڻ
جڏا جيءَ جاڳي پيا او جيارا
آسارا آسارا...

اڙي هي امارا مئي ناهہ مڪلي
اياز اڄ وتاسين پٽر جا پنارا
آسارا آسارا...

□

ٺڙي پوندا ٺارئين جڏهن ٻاڙها ڳـل
تڏهن ملنداسين.....

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون
هر هر ڪري هـُل.
تڏهن ملنداسين.....

ويڇوڙي جا ڏينهنڙا
پورائيءَ جي پـُـل
تڏهن ملنداسين.....

ڳلن ڳوڙها ٽمندا
جڏهن موتين تـُـل
تڏهن ملنداسين.....

اڙي چنڊ اڙي چنڊ پرين تو تہ ڏٺو ناھ
سندس روپ سندس رنگ ائين آهي جيئن تون
اڙي چنڊ اڙي چنڊ...

اڙي گل اڙي گل پرين تو تہ ڏٺو ناھ
سندس ساٿ سندس سنگ ائين آهي جيئن تون
اڙي چنڊ اڙي چنڊ...

اڙي رات اڙي رات پرين تو تہ ڏٺو ناھ
سندس وار سندس ونگ، ائين آهي جيئن تون
اڙي چنڊ اڙي چنڊ...

اڙي نانگ اڙي نانگ پرين تو تہ ڏٺو ناھ
سندس ڏاھ سندس ڏنگ، ائين آهي جيئن تون
اڙي چنڊ اڙي چنڊ...

□

دیس ڇڏي پرديس رلي ٿي....
دلڙي ٿي ديواني ڙي.

من سوري ٿو ڪنهن جي مالها،
ڪير ڳچيءَ جي ڳاني ڙي.
ديس ڇڏي پرديس رلي ٿي....

سارَ اٿي ٿي پيار پرينءَ جا،
ساري تن ۾ تاني ڙي.
ديس ڇڏي پرديس رلي ٿي....

چوڏهينءَ چنڊ ٻه اهڙو ناهي،
جهڙو منهنجو جاني ڙي.
ديس ڇڏي پرديس رلي ٿي....

# شيخ اياز

☐

کنڍيءَ نہ سگري- ٻير نہ پلڙو- سائو نہ سلڙو
چانگھون نہ ڇيلڙا- مارو اڪيلڙا...

پنڍيءَ نہ ڳيڙو- وھ وات ويلا- منھڙا بہ پيلا
ڳوڙھا ڳھيلڙا- مارو اڪيلڙا...

سارو سيارو تي مانُ ماري- سومر اڱاري
ماٺھو نہ ميلڙا- مارو اڪيلڙا...

تا جيءُ جھمورن ۽ روح رولن- جنھن وقت ٻولن
ڪٽيچيون، ڪنويلڙا- مارو اڪيلڙا...

□

ڏور ٿيندا وڃن روز جوڳيئڙا
تون اڃان تو جيئين هاءِ ڙي جيئڙا

اوچتو مون ڏٺو آءٌ آسائتو
رات ڪاري هئي ڏيئڙا ڏيئڙا
ڏور ٿيندا وڃن...

مون نہ ڄاتو تہ اي سج جهڙا پرين
روز پاتا پئي تو لڪي ليئڙا
ڏور ٿيندا وڃن...

آءُ منهنجي تڏي ويهہ اوري اڏي
ساهہ توکي سڏي تو سانگيئڙا
ڏور ٿيندا وڃن...

□

هاڻي آءُ نہ آءُ
اسان پليو آسرو

بہ ٽي ڪٽيون مينهن جون
واڪا ڪري واءُ
اسان پليو آسرو...

چڙا چپ ڪري ويا
چنگ نہ ساڳيو چاهہ
اسان پليو آسرو...

ڪنڌيءَ ٽٽل ڪانھ لئہ
کهڙو هير هڳاءُ
اسان پليو آسرو...

اي قوم ٻڌايا ٿئي قصا مون ڪالهه توکي تقديرن جا
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سر تي ٿو تاج ڏسان تعزيرن جا

هن لال لهوءَ جي سرگم تي ٿي ذرتي منهنجي رقص ڪري
منهن هيڊا ٿيا غدارن جا ٻي شرم وڏيرن پيرن جا
اي قوم ٻڌايا...

ڪو ڪيئن نہ ڊوڙي مقتل ڏي آ رت ۾ خوشبو مينديءَ جي
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي- ٿا زلف ڇڪن زنجيرن جا
اي قوم ٻڌايا...

هي ماڻهو وهڙ جو ڍڪ ٿيا- جيئن لڪ لڳي تيئن رڪ ٿيا
اڄ آزاديءَ جي نعري تي سڀ درد ويا دلگيرن جا
اي قوم ٻڌايا...

اڄ هر ڪنهن جو هي نعرو آ- تو نينهن اياز نڀايو آ
تو ڳاتا گيت بغاوت جا- تو لاٿا زنگ زنجيرن جا
اي قوم ٻڌايا...

جهوپڙيءَ ٻاهران رات جانجهر وڳي
پير ڪنهن جا هئا ڪير مون ڪان ڀڳي

سون جهڙي اسان ڪان جواني وئي
وار چاندي ڪيئي عمر ڪيڏي ٺڳي
جهوپڙيءَ ٻاهران...

ڪير هيءَ سُج ۾ ٿي وڃي رُج ۾
ٿي نہ پنٿي ڏسي لار ڪنهن جي لڳي
جهوپڙيءَ ٻاهران...
سور تو لاءِ سَنا سار تنهنجي رهي
زندگاني پرين تار تنهنجي رهي
جهوپڙيءَ ٻاهران...

# شيرل گاڏهي

□

تون هيل تہ بادل ترسين ها
هن پياسي ٽر تي برسين ها

هيل ٽريءَ جي نوٽ ڇپن تي
مارئيءَ جي معصوم ڳلن تي
موتين وانگر جرڪين ها
هيل تہ بادل ترسين...

هيل پٽن سان ياڪي پائي
وڏ ڦٽي جي مرڪ سجائي
ويڙهيل وانگي پرچين ها
هيل تہ بادل ترسين...

پيار پريا من پياس ۾ آهن
آليون اکڙيون آس ۾ آهن
گهايل دل تي ترسين ها .
هيل تہ بادل ترسين...

## شفيع

هت ٻل ٻل ڪيئي پاپ ٿين
هن پاپ نگر جي ڳالهہ نہ ڪر

هت ڏاڍن جي سهزوري آ
هت هيڻن جي ڪمزوري آ
هت ڪنهن جو ڪوني داد نہ آ
بي داد سندو فرياد نہ آ
هت ڏاڍو آهي ڏاڍ ڏمر
هت ٻل ٻل ڪيئي پاپ ٿين...

هت سوچ سندو ٿو ساهہ منجهي
هت لوچ سندو ٿو دم گهُٽجي
هت سچ مٿي ٿو مچ مچي
هت ڪوڙ ۽ ڪچ ٿو مانُ لهي
هت ڪنهن وٽ ناهي نينهن نظر
هت ٻل ٻل ڪيئي پاپ ٿين...

هت سيٺ وڪامن سون مٿي
۽ جهوپا مٽجن ماڙين تي
هت جو ايندو بي ڏوهي ٿي
بي ڏوهي ٿو هت ڏوهي ٿئي
هت روز ٿين ٿا ڪيس قهر
هت ٻل ٻل ڪيئي پاپ ٿين...

□

ڪري ڏور مون کي تون رڙندو تہ هوندين
تون ڳولهي ڳلين ۾ پوءِ ڳرندو تہ هوندين

نہ ظاهر ملين تو مگر خواب گهر ۾
ڏسي رات ساري تون ٻرندو تہ هوندين
ڪري ڏور مونکي...

جڏهن پونديون هوندئي پرين ياد ڳالهيون
سچو ڏينهن ڏکن ۾ تون ڏرندو تہ هوندين
ڪري ڏور مونکي...

جڏهن گهر جي پرسان متيندو تون هوندين
نماٽا ڪٽي نيڻ ڏسندو تہ هوندين
ڪري ڏور مونکي...

وڏو ناز آ شاهده کي وفا تي
جفا تي پشيمان رهندو تہ هوندين
ڪري ڏور مونکي...

اکين کي جهليو مون مڙيون ڪين آخر
پري راڄ ۾ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳيون هن
تو جي راڄ سامهون پڇيو ڳالهه ڇاهي؟
نتائي ڇيم پريشانيون وڏي ويون هن

اسان کي زماني سَنو ڪين پيارا
جدا ٿي وياسين هڪڙي ٿي جهڙ سان
ٿي برباد وياسين ڪنهن کي دانهن ڏيون جو
اسان جون خوشيون ساريون لٽيرن لٽيون هن
اکين کي جهليو مون...

صبر ڪر صبر ڪر چري تون صبر ڪر
مون سمجهايو پنهنجي دل کي گهڻو ئي
مڙي ڪا نه ٿي هيءَ چوي ٿي مان ڇا ڪيان
سڄڻ سان گذاريل گهڙيون ياد پيون هن
اکين کي جهليو مون...

اندر تون ٿي روئين ٻاهر تنهنجا سهرا
آ دهلن جو ڌمچر ۽ تنهنجو آ سڏڪڻ
آ بي ترس دنيا ڪنهن کي دانهن ڏيندينءَ
هت ڪنهن نه ڪنهن جون دانهون ٻڌيون هن
اکين کي جهليو مون...

اڇي شاد گڏجي پينر ۽ پائر
اهي رسمن جون ڪوڙيون ديوارون ڪيرايون
جنين پي آ ڪا هيو تتيءَ ۽ ٿڌيءَ ۾
ڏنيون تن جي پيرن کي منزل چميون هن
اکين کي جهليو مون...

□

لولي شهيدن جي لولي
لولي شهيدن جي لولي

ڌرتيءَ جي تَوَ تِج ملهائي
جيجل جي تَوَ جهولي
لولي شهيدن جي لولي....

تو لاءِ واٽن تي واجهائي
معصومن جي ٽولي،
لولي شهيدن جي لولي....

سنگتَ سياپا توسان ڌرتي،
ٽوڙيندي ڇا گولي،
لولي شهيدن جي لولي....

تو لاءِ آهي جيجل منڙي
جندڙي پنهنجي رولي
لولي شهيدن جي لولي....

ڪيئن وساري طالب تنهنجو
ٻاجهاري سا ٻولي
لولي شهيدن جي لولي....

□

ساٿ هلندو رهي لاٽ ٻرندي رهي

نوجوان ساٿيو- سنڌ جا وارثو
مونکي سنڌ جيجل جو آهي قسمُ
تہ جيسين آ سينو ۽ سيني ۾ دم
تني ديس خاطر هي سر ڀي قلم
لاٽ ٻرندي رهي...

نہ جيلن کان ڌهليا هي جوڌا جوان
سندم سنڌ سائينءَ جا پهلوان
ڪپي ڪير سگهندو اسان جي زبان
لاٽ ٻرندي رهي...

ڪر ڪٽي تو ڀتائي اوهان کي ڏسي
ڏسي همتون ڪيچ مان تو ڪلي
درازن جو دولهہ دعا تو گهري
لاٽ ٻرندي رهي...

گدائي غلاميءَ جون راتيون ڪُٽيون
وٺي ٻاٽ اوندهہ ۽ ٻاڪون ڦٽيون
اجهو ڇاڻ زنجير ٻيڙيون ٽٽيون
لاٽ ٻرندي رهي...

گهور وجي توتان ماءُ
ڌرتيءَ جي ٽئين ايل- اوڪيءَ ويل ايل- گهور وجي...

پاڪ زبان سان نعرو هڻي
وڏندو رهجان راڄ ڏٺي
آزادي رڪجانءِ منزل- گهور وجي...

وڏڙو تي وڪ ڪٽين
هڪ هٿ ۾ جهنڊو جهلين
ٻئي هٿ ۾ تون جهلجان رائفل- گهور وجي...

مُڇن جي سانول لهندئي
ماءُ هٿين ميندي هڻندئي
موڙ ٻڌي ڏيندئي موڪل-گهور وجي...

رت گاڏڙ تج منهنجي
لاهي تبسم اُج تنهنجي
پونءِ سڄي رت رينيل- گهور وجي...

## عبدالغفار تبسم

□

يلا ڪيئن نہ رنو هوندئي جيءُ ڪيئن نہ جَهريو هوندئي
پرين پيار جو ڳانڍاپو جڏهن جو ڇنو هوندئي

برسات جي موسم ۾ بوندن جي رم جهم ۾
منهنجا گيت ڇپا هوندئي مونکي ياد ڪيو هوندئي
يلا ڪيئن نہ رنو...

مڃان ٿو تہ توکي آ نفرت منهنجي نالي کان
پوءِ بہ پرين پڪ آ منهنجو هر ڪنهن کان پڇيو هوندئي
يلا ڪيئن نہ رنو...

چانڊوڪين جون راتيون اندر ۾ هوندئي ڪاتيون
اڌما بہ اٿيا هوندئي طوفان گهليو هوندئي
يلا ڪيئن نہ رنو...

سو ڀيرا سامهون سپرين ڏسي ڪنڌ پري ڦيرئي
ترڇي نظر ڪري پوءِ بہ تبسم کي تڪيو هوندئي
يلا ڪيئن نہ رنو...

□

چاھ آھي ڪو چرچو تہ ناھي پرين
شعاع آھي ڪو شعلو تہ ناھي پرين

پيار خيرات وانگر تون ڏيندو نہ ڪر
دل ڪا جھولي يا ڪستو تہ ناھي پرين
شعاع آھي ڪو شعلو...

تون وسارڻ گھرين ۽ وساري ڇڏين
عشق ڪا راند رونشو تہ ناھي پرين
شعاع آھي ڪو شعلو...

محل تي نہ سگھيو ساپيان پيار جي
ڪنھن شھنشاھ جو سپنو تہ ناھي پرين
شعاع آھي ڪو شعلو...

ھا تبسم جو ئي پر اٿل سمجھجان
ڪنھن يت چت جو پاڇو تہ ناھي پرين
شعاع آھي ڪو شعلو...

## غفار تبسم

□

هٽ جنڊ تي ٻري پئي هُت سنڌ تي سڙي پئي
هٽ اڪ ٽمي ڳڙي پئي هُت قوم تي ڪڙهي پئي

ڌرتيءَ جي دانشورن کي- پنهنجي ڏيهه جي ڏاهن کي
پُنگ لاءِ پيا پڪوڙيو- انسانيت ٽڙي پئي
هٽ جنڊ تي ٻري پئي...

سنڌ جون ٻنيون ٽا ساڙيو- ونين جا ور اجاڙيو
سياٽا ٽيو اياٽا- لوئي لڄائجي پئي
هٽ جنڊ تي ٻري پئي...

او سنڌ جا سپوتو- ڌرتيءَ جا دليرو
تاريخ کان ڏڄو ڪجهه تاريخ تي لکجي پئي
هٽ جنڊ تي ٻري پئي...

پنهنجن ۾ روح آهن غيرن ۾ ڇيڇ آهن
سنڌين هٿان تبسم اڄ سنڌ سلهاڙجي پئي
هٽ جنڊ تي ٻري پئي...

## غفار تبسم

□

ها نڪ جي قلبيءَ جهڙو، ڪٿي آ نصيب منهنجو اهڙو
تنهنجي ڪن جي واليءَ جهڙو، ڪٿي آ نصيب منهنجو اهڙو

يا مان هجان ها ململ جو چولو پائين ها پنهنجي بدن تي
يا تہ هجان ها پازيب تنهنجي پيو تہ چمان ها پيرن کي
يا گل تيان ها سڳيءَ جهڙو، ڪٿي آ نصيب.......

يا تہ هجان ها چوڙيون جو سنگمرمر جهڙيون ٻانهون ڇهان ها،
يا تہ هجان ها چلڙو پڇاڙيءَ چيچ ۾ پيو تہ هجان ها
ناهيان ٻنڙ ڳچيءَ جهڙو ڪٿي آ نصيب......

اي ڪاش تنهنجو سپنو هجان ها- ساري رات سوچين ها جنهن کي
يا مان هجانَ ها آئينو تبسم هر هر ڏسين ها تون مون کي
ناهين ڀاڳ ٻنهي جهڙو- ڪٿي آ نصيب......

## غفار تبسم

گل جي جواني منهنجا جاني- تنهنجي ملڻ سان مرڪي ٿي
موسمَ تنهنجي مست اکين جي اونهائين مان اپري ٿي

ڪاريون راتيون آهن آتيون- تنهنجي ڪارن وارن لئہ
چاندوڪيءَ جي شب تنهنجي ٿي مرڪڻ ڪانپوءِ مهڪي ٿي
گل جي جواني...

تون جي ٻولين ڇيڙا کولين- سُرن جا سائين ڪوڙ ڪنديرين
تنهنجي چپ تي ڌرتي ڌڙڪي- نڪرن وانگي ٽهڪي ٿي
گل جي جواني...

تنهنجي اکين ڪنڌ جهڪائي- منڊ ٻہ هاڻي ٿي شرمائي
گهور گهٽا پي گهونگهٽ پائي- گهنڊ ورائي گذري ٿي
گل جي جواني...

# عبدالحڪيم ارشد

□

چوريءَ چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي وينو آ
هيڏيءَ ساري محفل ۾ ڪو پاڻ وڄائي وينو آ

اڏري آئي ديوي دل تي جنهن جو ڪوئي ديس نه ويس
مورک ماڻهو پنهنجو ان سان- انگ اڙائي وينو آ
چوريءَ چوريءَ...

ٽمڪي پيئي لاٽ وفا جي- ڪاريءَ ڪاريءَ واٽ مٿي
طوفانن ۾ اڄ بہ ڪوئي جوت جلايون وينو آ
چوريءَ چوريءَ...

واهڻ جو هڪ سادو ماڻهو- جنهن جي دل ۾ مير نہ هو
شهر جي سياڻن واپارين ڪان پاڻ ڦرائي وينو آ
چوريءَ چوريءَ...

## علي محمد اڏيرائي

بيوفا بي قدري جي دانهن ڀلا ڪنهن کي ڏيان
پاڻ خوشين سان وقت گذاري آءُ سورن ۾ پيو سڙان

منهنجي دل جو دلبر هو- منهنجي من جو محرم هو
ان دلبر ڪان ڌار رهي اڄ ڪيئن ڀلا سک سان سمهان
بي وفا بي قدري...

جنهن جو هر هر حڪم مڃيم- ان بي دردي درد ڏنم
معصوم دل تي ترس نہ آيس ڪاڙي وجي ڪاڏي وڃان
بي وفا بي قدري...

ڇيم سڄڻ ڪو سرجائي- علي محمد پرجائي
پوءِ تہ اڏيرائي ڇئي ان جا ايندي ويندي پير چمان
بي وفا بي قدري...

## علي محمد اڏيرائي

او سج لٿو آ، شام ڍلي آ- چنڊ چڙهيو آ سڪ لڳي آ
سڪ ۾ تنهنجي ڏک ۾ تو ٿئي ڏکن ساڙي دل ته پڇڏي آ

واءُ وري پيو، هير لڳي پئي ياد اچي پئي سوچ وڌي پئي
ساهه سڪي پيو، روح سڪي پيو، مينهن وسي پيو هيانءُ سڙي پيو
توکي ساريان سمنڊ ڪناري- تنهنجا گس پنڌ راهه نهاري
تون ڇوڙي وار هلي آ- سج لٿو آ...

سڪ ستايم لڙڪ وهايم- سڏڪي سڏڪي رات نيايم
ننڊ ڦٽي وئي باک ڦٽي وئي- رات هلي وئي آس رلي وئي
هي پياري موسم پياري تو ڪيئن يلا آ وساري
لهه منهنجيَ سار هلي آ- سج لٿو....

رات سُهاني، مست جواني آءُ وري علي محمد ي
ڏک منا مون ڪي ته اهو آ تو ۾ اڏيرائي نه [illegible]
هت آءُ يار اڪيلو- مڇي توڪانسواءِ ڪيئن ميلو
منهنجو هينئڙو ٺار هلي آ- سج لٿو آ...

# علي محمد اڏيرائي

آ درد ڀري دل جي ڪو دانهن ٻڌڻ وارو
ڪو حال پڇڻ وارو ڪو پيار ڏيڻ وارو

مون ڪان پيار چنو آهي مون سان ظلم ٿيو آهي
هيڏو حال منا منهنجو ڪنهن جي پيار ڪيو آهي
تڏهن تہ پيو ڳولهيان ڏک سک ۾ رهڻ وارو
ڪو حال پڇڻ وارو...
هيءَ ديواني دل آهي مستانو من آ
سڏڪن جي سامهون ڪيو لوڪ جي مهڻن آ
هت روز روئان ٿو مان ڪونهي راز رکڻ وارو
ڪو حال پڇڻ وارو...

بي درد دنيا وارن منهنجي راهہ ڪئي آ بند
مان دانهن ڏيان ڪنهن کي اڏيرائي علي محمد
هر ماڻهو ڪلي مون تي ڪونهي دلڙي ڳنڍڻ وارو
ڪو حال پڇڻ وارو...

# علي گل سانگي

ڏسي وج تون سهڻا منهنجا ويس ڪارا
اکين جا هي ڳوڙها رت جا ڦوهارا

نک نيهن واري نرمل وڇايون مان وينو آهيان راهہ ۾
هلي ايندين مون وٽ ڪڏهن ٿيندو اثر منهنجي آهہ ۾
دل مان ٿا نڪرن دونهان درد وارا

ڏسي وج تون...

اچن ياد تنهنجون ڳالهيون مونکي پرين ڪي پرائيون
وساريان نہ وسرن سي ٿيون توسان ڪيون رس رهائيون
ڪيم ڏوهہ ڪهڙو ڪري وئين ڪنارا

ڏسي وج تون...

ڪهڙو تنهنجو پيار هو مون سان ڪهڙي تنهنجي مون سان ياري آهي
ڇوي ٿو علي گل سانگي ڪيو تو مون سان هي نہ چاهي
وساري وينئين تون ڇني سڀ سهارا

ڏسي وج تون...

# علي گل سانگي

□

کو تو سنيالي سڌکي سڌکي
کنهن وٿ تئي تي هڌکي هڌکي

روئڻ ڳوڙها ڳاڙڻ کان پوءِ
لڳندي آ دل هلکي هلکي- کو تو سنيالي...

خواب ۾ اهڙا خيال ڏسي پيو
ويهندو آهيان ڇرکي ڇرکي-کو تو سنيالي...

آس علي گل هوندي آ کيڏي
ملندو آ کو مرکي مرکي... کو تو سنيالي...

## عاشق جهنگلاٹي

□

ٻولهيان ٿو ٿيو شام جو آ ويلو
تنهنجي شهر ۾ اڪيلو نہ ڪنهن ڏسيو گهر تنهنجو
ٻولهيان ٿو...

جهاڳي جبلن سندا گهير وو
منهنجا ڦٽجي پيا هن پير وو
ملي زخمن جو ڪو دارون دوا
دم ويندو ڪندين جي دير وو
ٻولهيان ٿو...

مونکي ماڻهن ڏنو آ اوپرو
پڇي هر ڪو ٿو مون کان ڇوڪرو
او مسافر ادا تون ڪير آن
روئين ڇا لاءِ پيو ٿو ايترو
ٻولهيان ٿو...

ليڙون ليڙون ٿيا آهن لٽا
ڏک منهنجا اڃان ناهن گهٽيا
جهير تنهنجي جگر ۾ ٿي پون
جي حال ڏسين تون منهنجا منا
ٻولهيان ٿو...

ٻالهہ تنهنجي ٿي مون وٽ هلي
پيار پنهنجو اندر ۾ پيو پلي
منهنجي اکڙين کان آهين اوٽ تون
تنهنجو عاشق ٿو جهنگلاٹي ڏري
ٻولهيان ٿو...

مين نہ آسان تيڏي ويڙهي يار هُڻ نہ آسان
شهر تيڏا ڇوڙ ويسان، تيڏي نال نہ اليسان
جدائي وچ جان اپڻي ڏيسان، مين نہ آسان

تيڏي سور سهڻا كيتا جهور ميكون
ڏتئي درد دلبر كيتئي ڏور ميكون
مين نہ آسان....

تيڏي سر كون سائين ڏيتم اپڻي جهولي
تيكون سمجه آندي نهين ميڏي ٻولي
مين نہ آسان....

حياتي گذر گئي تيڏي ستم تي
تيكون رحم آندا نهين ميڏي غم تي
مين نہ آسان....

سڻيا تئين نہ ميڏا كوئي هك سوالي
لكهي سي پيا جهنگلائي قصي درد والي
مين نہ آسان....

## عاشق جهنگلاڻي

□

اڄ رات جو آويلي-مون تنهنجو دڙ کڙڪايو آ
تو ڏاڍو تڙپايو آ
ننڊ منهنجي وئي ڦٽي- ننڊ منهنجي وئي ڦٽي

اهڙو مان اڙجي ويو آهيان روز هنن اوجاڳن مان
اٿندي ويهندي روئندو آهيان اجڙيل پنهنجن ڀاڳن سان
سياڻن سياڻن سنگتين مون کي يار گهڻو سمجهايو آ
تو ڏاڍو تڙپايو آ...

شهر شهر جا ماڻهو مون کي ديوانو دلدار چون
گهر گهر جا ٽا ڀاتي مون ڏي عجب عجب سان يار تکن
تنهنجي سور ۾ سڏڪي سڏڪي ڳوڙن ۾ مون ڳايو آ
تو ڏاڍو تڙپايو آ...

مان ٻه اڃان تو تون ٻه هلي آ. همت ڇا لاءِ هاريئون ٻئي
مان نه چوان تو هيءَ حياتي گڏجي آءُ گذاريون ٻئي
راڻا منهنجي راءِ اها آ تنهنجو کهڙو رايو آ
تو ڏاڍو تڙپايو آ...

ڏک سک ۾ مون سهڻا توتي پنهنجو آهي ساهه ڏنو
تنهنجي درد ۾ ڏرتيءَ کي مون ڳوڙهن جو درياءُ ڏنو
پيار ۾ پيارا جهنگلاڻيءَ کي تو نه کڏهن پرچايو آ
تو ڏاڍو تڙپايو آ...

# عاشق جهنگلائي

دل منهنجي چڏي آ تو اجاڙي
بس پيارا تو اهو ئي سور ساڙي

تنهنجي اتندي ۽ ويهندي تات آ
مون سان روئندي هتي هر رات آ
پرين ناهين تون منهنجي پاڙي
دل منهنجي چڏي...

ڏک اهڙا ڏئي وئين پيار ۾
مان آهيان اڃان آزار ۾
من جان چٽي قيامت جي ڏهاڙي
دل منهنجي چڏي...

ڪائي رات هجي يا ڏينهن ڪو
وسي لڙڪن جو هتي مينهن پيو
اکيون چلڪن تيون ڳوڙها ڳاڙي
دل منهنجي چڏي...

ڪر مهر منا پاڻيءَ جي
جلي جدائي تي جهنگلاڻيءَ جي
مري ويندئي هي عاشق الاڙي
دل منهنجي چڏي...

## علي بخش پريالوي

□

تون ئي تہ منهنجي ابتدا- تون ئي تہ منهنجي انتها
تڙن پلي ئي ڄاڻ نہ ڄاڻج ڄاڻي تو هڪڙو خدا

روئيندي روئيندي راتيون گھاريم
تڪيندي تڪيندي ڏينهن گذاريم
لوڪ سڄي کان تنهنجو پڇايم
چو نہ توکي ڪا آئي صدا
تون ئي تہ منهنجي...

محبت من ۾ مچ آ ٻاريو
من وري آ توکي ساريو
جي تو سمجهين پنهنجو پيارو
اچڻ جي ڪر تون ابتدا
تون ئي تہ منهنجي...

ڪڏهن تہ اهڙو ڏينهڙو ٿيندو
موٽي وري هو مون وٽ ايندو
مون سان دل جا حال اوريندو
شل ٻڌي رب هي دعا
تون ئي تہ منهنجي...

## عبدالوهاب

کپڙا ڦاٽل تن تي پاتل- ليڙون ليڙون پوتي ڙي
ڏکڙيا منهنجا ڏوٿي ڙي...

پنڙو ڇنئي ٿو پنهنجي پيءُ کي بابا مان اسڪول وڃان
پيءُ چوي ٿو منهنجا ٻچڙا بيهه وڏيري کان تہ پڇان
هاءِ منهنجي ماروئڙن سان اهڙي تعدي ڇو ٿي ڙي
ڏکڙيا منهنجا ڏوٿي ڙي...

پيٽ بکايل کنهن جي نياڻي روئي ٿي ٻاڏائي ٿي
سڏکي سڏکي جيجل جي جهوليءَ ۾ ڪنڌ جهڪائي ٿي
اهڙن سورن کان تہ امڙ اڄ منهنجي ٽئي شل موئتي ڙي
ڏکڙيا منهنجا ڏوٿي ڙي...

ڪوڙن وعدن ساڻ وڏيرو ووٽ وٺڻ اڄ آيو آ
ٻهراڙيءَ جي سادن ماڻهن اڄ ان کي موٽايو آ
سمجهہ اسان جي گيتن پاران گهر گهر تائين پهتي ڙي
ڏکڙيا منهنجا ڏوٿي ڙي...

حيف هجئي ڙي هاءِ ڪامورا- حيف هجئي ڙي حيف هجئي
مٽڙن منهنجي ماروئڙن تي ڪيڏا ڦهري ڪيس ڪيئي
مسڪينن جي رڪڙي ماني تو آ ڇا لاءِ روکي ڙي
ڏکڙيا منهنجا ڏوٿي ڙي...

# عمر خاصخيلي

□

اڄن ياد مون کي ٿا پنهنجا اباڻا
مون کان کين وسريا سي ڏوتي ڏاڏاڻا

پرديس ۾ مان آهيان اڪيلي
ناهي ساڻ مون سان ڪا پنهنجي سهيلي
ڏينهن رات آهن جيءَ ۾ جهوراڻا
اڄن ياد مونکي...

وطن کان جي وڇڙيس ڪٺي هٿڙا خالي
هئا ڏک اندر ۾ جهلي مون آ جهولي
ٿيا اڄ مارن کان منهنجا لاڏاڻا
اڄن ياد مونکي...

غلام چوي مارن جا مونکي پـور آهن
پرديس ۾ پرين جا ناسور آهن
اڄن ياد مارن جا ٿا پڪڙا پراڻا
اڄن ياد مونکي...

□

قومي بيداريءَ جو بيڙو پار ڪرڻ آ پهريون ڪم
پاڻ منجهان جي پنهنجا دشمن ڌار ڪرڻ آ پهريون ڪم

پهرين پنهنجو پاڻ ڏسو تہ قوم هئڻ جون خوبيون ٿـوَ
هيٺن جي ڪا هوُر اٿوَ پاڙي جي پرگهور اٿوَ
قومي جذبو قومي تعاون قوم اٿارڻ ياد اَٿوَ
قومي غدارن کي ٿاري خوار ڪرڻ آ پهريون ڪم
پاڻ منجهان جي پنهنجا...

پاڻ منجهان جي پنهنجيءَ وارا پنهنجن کي ئي پست رکن
پنهنجن جي همت، جرئت جي تہ شجر جي پاڙ پٽن
ڪمتريءَ جي احساس جو پنهنجن ۾ ئي سنگ رکن
اهڙن رئيس وڏيرن کي سنگسار ڪرڻ آ پهريون ڪم
پاڻ منجهان جي پنهنجا...

پاڻ منجهان جي پنهنجيءَ وارا پنهنجن جو ٿا ڪاٽ هڻن
همت، جرئت، جوش و جذبي حريت جو ٿا ڳاٽ پڇن
ڪانئر، بزدل پنهجن جي ئي خوبين جو ٿا خون پيئن
اهڙن آدم خورن کي مسمار ڪرڻ آ پهريون ڪم
پاڻ منجهان جي پنهنجا...

ڪاش هن ڌرتيءَ جا ڪي دودا هوشو هيمون ٿي پون
ٻار جوان ۽ "شيخ" بہ شامل ديس جا دلبر يار ٿين
پنهنجن جي دک درد ۾ شامل پنهنجا پرور ٿي پون
اهڙي قومي جذبي جو اظهار ڪرڻ آ پهريون ڪم
پاڻ منجهان جي پنهنجا...

# غلام حسين رنگريز

انسان جي عظمت کي وڌائڻ ٿو گهران مان
هڪ وار وري سوري سجائڻ ٿو گهران مان

اڄ مانَ منيءَ ماءُ مٽائڻ ٿا گهرن جي
تن جي ته سڄي ڪاڪ ڦٽائڻ ٿو گهران مان
انسان جي عظمت کي...

ڌرتيءَ تان ڌڪارڻ لاءِ پريو زهر ٿي جيڪو
تنهن زهر جو تاثير مٽائڻ ٿو گهران مان
انسان جي عظمت کي...

هڪ شهر هو آباد جو برباد ڪيو. تو
ان شهر تي نئون شهر اڏائڻ ٿو گهران مان
انسان جي عظمت کي...

هڪ ٻول جي خاطر تو وڏو داءُ هڻين تون
رنگريز وچن پنهنجو نڀائڻ ٿو گهران مان
انسان جي عظمت کي...

# غلام حسين رنگريز

□

چيٽ آيو چڙهي تون بہ آءُ لڙي،
ڪيت ڪيڙيون مڙي پيار پوکيون پرين.

ساھ پنهنجا ڪٽو لاھ سارا ڪڍو
ورنہ ويندي سڄي سونهن ساري سڙي،
چيٽ آيو چڙهي...

گيت رنگريز جا ڏس ڏيندي ويا
صبح ٿيندو وري رات ويندي لڙي
چيٽ آيو چڙهي...

نفرتن جو نگر ڪوڙ سارو ڪلر
سچ چئبو مگر ڳالھ آهي ڪڙي
چيٽ آيو چڙهي...

## غفور شاھ

□

بي رنگ برھ جي بازيءَ ۾ دل پنھنجي ھاري ويناسي
جا آگ اجھامي ويئي ھئي سا ٻيھر ٻاري وينا سي

اڄ واٽ لنگھندي واٽ مٿي ڪو راھ مسافر رولي ويو
بس اوٽ ڇڏيسي واٽ مٿي ھر واٽ وساري ويناسي
بي رنگ برھ جي بازي ۾...

جا محفل ھئي مستانن جي جتي جام مٿان ٿئي جام ھليو
ڪنھن محفل ۾ مئہ نوش ڪري ھڪ رات گذاري ويناسي
بي رنگ برھ جي بازي ۾...

ھن محبت جي ميخاني ۾ ويو ماہِ لقا محبوب ملي
ھن ناز ڪري جو نيڻ ڪنيا پوءِ نيڻَ نھاري ويناسي
بي رنگ برھ جي بازي ۾...

## غوثل

هُو ڪير تو پڪاري الفت جو ڇئي ترانو
وري ياد تو ڏياري گذري ويل زمانو

گلشن ۾ رات ساري گذجي اسان گذاري
گلڙن سان منهن ملائي بلبل وتي بهاري
هر شاخ تي اڏيل هو- بلبل جو آشيانو
هُو ڪير تو پڪاري...

محفل اداس هئي پر محبوب پير پاتو
ساقي ورهائي ساغر محفل کي رنگ لاتو
رنگين تي رهيو هو سارو شراب خانو
هُو ڪير تو پڪاري...

دنيا ڇوي تي آهي هي خواب جو فسانو
غوثل ڇوي تو آهي گذري ويل زمانو
اهي قربتون گهٽيون هيون- ڪو وقت هو سهانو
هُو ڪير تو پڪاري...

مارو خواب ۾ ڏٺا مون پيڻ رات آيا
وجان تي ملير سمجهيم ونڻ رات آيا

غسل ڏئي غريب جو ڪيئون لاش تازو
ڪلي ڪينئون خوشيءَ مان جڏيءَ جو جنازو
دعائون درود ختما- ڏيڻ رات آيا
وجان پئي ملير...

ڏسي حال منهنجو هنن پيي رنو پئي
رڳو ڳوٺ وارن دلاسو ڏنو پئي
لڪين آسرا ڏکيءَ کي ڏيڻ رات آيا
وجان پئي ملير...

ڪٽي ڪر متي مان جُهڙن ڏي ڏسان پئي
جڏي جيءَ کي روئي دلاسا ڏيان پئي
سينگاري انن کي ڪٽڻ رات آيا
وجان پئي ملير...

منهنجي لاءِ مارو رنا ڪيئن نہ هوندا
روئي روئي نيڻ تن جا ٿڪا ڪيئن نہ هوندا
غلام نبي وٽ رهڻ رهڻ رات آيا
وجان پئي ملير...۔

## فتاح ملڪ

□

دل تہ چوي ٿي اڏري وڃجي
اي سمورو اُڪري وڃجي

پيچ پني پنيور نہ ڏسجي
گهن گرج گنگهور نہ ڏسجي
جيون سارو مُڪري وڃجي
اي سمورو....

ڏک سک جو سنسار نہ ڏسجي
پاتل چندن هار نہ ڏسجي
ماضي سارو وسري وڃجي
اي سمورو....

چم چم جي چمڪار نہ ڏسجي
دلبر دل ڪان ڏار نہ ڏسجي
محفل مان پي نڪري وڃجي
اي سمورو....

وجي ٿي تہ وڃ پر وساري نہ ڇڏجان
گهڻو ڏور گهاري ڏکاري نہ ڇڏجان

وري مينهن ايندا وري گل بہ ٽڙندا
بهارن ۾ پر بي سهاري نہ ڇڏجان
وجي ٿي تہ...

مڃان ٿو حياتيءَ جي منزل بہ ايندي
بنا موت منڙي تون ماري نہ ڇڏجان
وجي ٿي تہ...

دعا آ تہ شل خير سان پار پهچين
اسان کي مگر هن ڪناري نہ ڇڏجان
وجي ٿي تہ...

□

تنهنجي ڳل تي تر هي ڪارو، ايڏو ئي لڳي ٿو پيارو
پهرينءَ جي چنڊ جي ليڪ اڳيان جيئن تارو

جنهن ڪان وٺئي تہ اڄ سهڻا وٽ هي لڪرائي
تنهنجي ڳل تي ڪاري تر جو جواب نہ آهي
تو سهڻو لڳي جيئن موتي مَنڊيءَ وارو
پهرينءَ جي چنڊ جي....

تون وار ڪنڌيري جڏهن اچين ٿو سامهون
جو ڏسي ٿو تنهن ڪان نڪري وڃن ٽيون دانهون
جنهن کي چاهيندين سو هوندو قسمت وارو
پهرينءَ جي چنڊ جي....

جو توکي ڏسي سو چِين وڃائي ويهي
سهڻو ڇا ڏسي چانڊوکي بہ شرمائي
تنهنجي حسن جو راز تہ تر ۾ سارو
پهرينءَ جي چنڊ جي....

چوي قاصر چنڊ کي داغ بچائي نظر ڪان
ڳل جي حفاظت ممڪن آ سهڻا ڪنڊڙن سان
تنهنجي سنڀال جو ضامن آ تر ڪارو
پهرينءَ جي چنڊ جي....

گهه ۾ مارن سان وهه ۾ مارن سان
جيئڻ مارن سان مَرڻ مارن سان

تنهنجون کير وٽيون- سچي گيهه جون ڪُٽيون
بسريون مٺيون مٺيون شربت پريل مٽيون
ڄٽيون ڪٽيون مٺيون اٽي تي هن چٽيون
داليون مون لاءِ سنيون ڇٽن مٽن جون
مهري مگن جون تنهنجون خوراڪون
بن ڏئي اڇلي ڇڏيان مارن ڪان نه ڇڃان- جيئڻ مارن سان...

لالچ ۽ لوڀ مان آءُ ڇا ڄاڻان
ماني رکي سُڪي توريءَ پاڻيءَ ڇُڪي
هجي اوبر ئي پيل جان مائٽن جي
منٽرن مارن جي ڪائي پي تيان سُڪي
واريءَ تي ويهي پڪڙن منجهه رهي
بن ڏئي اڇلي ڇڏيان
مارن ڪان نه ڇڃان- جيئڻ مارن سان...

ماڙيون محل توکي الله بخشي ڏي
مون لاءِ سپ ڪان سٺي منهنجي ٿر جي مٽي
منهنجي ڪچي جُهگهي ويهڻ واري تڏي
گهر جي ڇپَل رلهي- مونکي مارن جي تن ۾ تات لڳي
آزادي ڏي رڳي- حاويلي هي تنهنجي
بن ڏئي اڇلي ڇڏيان
مارن ڪان نه ڇڃان- جيئڻ مارن سان...

قاصر نواز شاهه مارئي جيئري آ
شاهه جي بيتن ۾ ٿيهن ئي سُرن ۾
خصوصاً مينگهن ۾ ملهارن راڳن ۾
سُر سارنگن ۾ پنهنجن لفظن ۾
چو رهان کوٽن ۾ وجان مارن ۾
ميرن ڪپڙن ۾ بخمل راهن ۾ بن ڏئي اڇلي ڇڏيان
مارن ڪان نه ڇڃان- جيئڻ مارن سان...

## قاصر نواز

□

هٿ ۾ ڪٽي هٿيار قلم جا گلڙن جهڙا ھي معصوم
هڪ آواز جڏهن ٿي ويندا دنيا ڪي ٿيندو معلوم
پورو ٿيندو منهنجو خواب- آئيندا ھي انقلاب...

ٿيندا اڄ جا ننڍڙا ٻار وڏي مستقبل جا معمار
وقت جون واڳون هٿ ۾ ڪٽندا ظلم خلاف هميشه وڙهندا
کوليندا نئون روشن باب- آئيندا ھي انقلاب...

پيڙهين ڪان جا ٻاھ لڳل آ ء گهر گهر ڪي وڪوڙي ويل آ
پڳهر ء خون سان ان ڪي وسايون- پنهنجا اينڌڙ نسل بچايون
ظلم جو ڏئي منهن ٽوڙ جواب- آئيندا ھي انقلاب...

حق ڪي ونڻ تن ڪي سيڪاريون غير ڪي قاصر نواز ٻيهاريون
گهر ڪي ٻاڻ ٿي پوءِ ٿاهيندا مُلڪيت تي خود پهرا ڏيندا
سمجهي ويا جو گناھ ثواب- آئيندا ھي انقلاب...

□

اخبار جي سرخيءَ جيان تون روز بدلبو آن
ڪڏهن خير جي خبر آن تہ ڪڏهن تون ڌماڪو آن

اخبار پڙهڻ ڪانپوءِ رديءَ ۾ وڪامي ٿي
تون ڊائري آن ڊيلي نئين طرح سان لکبو آن
اخبار جي سرخي جيان...

تون چنڊ نہ آهين چنڊ ڪڏهن آهي ڪڏهن ناهي
چنڊ وانگي تون وڌندو آن ۽ نہ ئي تون گهٽبو آن
اخبار جي سرخي جيان...

ڪالهہ قاصر نواز ڪان جو معلوم ڪيم پڇيائين
تون صديون پراڻو ڪو سنڌيءَ جو پهاڪو آن
اخبار جي سرخي جيان...

## قاصر نواز

الائي مان پيئان تو شراب کي الائي مونکي پيئي شراب تو
بس ايتري آ خبر پيئڻ سان وات تي پئي گلاب تو

سائين ء صاحب مان وجي "تون" تي تو پهچي معاملو
مون م پرينء م پيئڻ کان پوء کو رهي نہ حجاب تو
الائي مان پيئان تو...

پيئڻ کانپوءِ تہ عرش جون ڳالهيون کرڻ تي دل تي چئي
پرواهہ کونہ تي تئي چڱو تو چئي يا چئي کو خراب تو
الائي مان پيئان تو...

الله جي رحمت کان چو مايوس ٿيان قاصر نواز
بلڪل ڊيڄاري کونہ پيو تهمت جو مونکي عذاب تو
الائي مان پيئان تو...

□

دل نہ لڳي تو سواءِ هن هيڏي شهر ۾
ناهي نہ ٿو ڪو جاءِ سگهي منهنجي نظر ۾

گذري ٿو جيئن ڏينهن تيئن ڪٽجي رات ٿي
روئندي اک لڳي ٿي وڃي پوئين پهر ۾
ناهي نہ ٿو ڪو...

منهنجي دعا ئي صرف اثر ڇو نہ ٿي ڪري
لڙهندي سڄي دنيا ٿو ڏسان اهڙيءَ لهر ۾
ناهي نہ ٿو ڪو...

تنهنجو قصور ناهي ڪمي مون ۾ آهه ڪا
قاصر نواز آئين جو تون هئي جي اثر ۾
ناهي نہ ٿو ڪو...

## قاصر نواز

اڏر ڪانو توڪي منڙي ماني ڏيان
پرديسي پرينءَ جي اچڻ جو ڪو احوال تہ ڏي

تيرهون مهينو مٿان اچي ويو
انهن ڪي پرديس وٺي ويو
مينهون مڙيون ڪير ڏنئون- توڪانسواءِ ڏک ڪيئن پريون
اڏر ڪانو توڪي...

چنڊ ماما گوگڙو سائو لڪڻ هٿ ۾
منهنجا پيارا ڪاتي ڙي، چڱہ پيرن جي پاسڙي
سارو ساوڻ سڪندي گذريو- اجهو سيارو مٿان اچي ويو
انب لٽا ڪارڪون لٿيون پرينءَ بنا مونکي ڪونہ وڻيون
اڏر ڪانو توڪي...

منوئڙا ٻاتڙيون ٻوليون ٻول ٻہ ٽي
ويڄڙيءَ جي دل کي ڪجھ تہ قرار اچي
چاھ مان توکي چُوري کارايان- تولاءِ سون جو پڃرو جوڙايان
چلھ ٻري تيئن دل دکي- سڄڻ بنا منهنجي ڪونہ سري
اڏر ڪانو توڪي...

ڦر ڦر سوئنٽو دبلي تي ڪڙڪي
ڪيڏندي مون کي هڏڪي تي
ڪيئي نانوَ وٺم پر هڏڪي ڪونہ وئي
قاصر نواز پاٽي پيتم- دل ۾ تنهنجو نانءُ اچاريم
هڏڪي تہ وئي پر دل تڙپي- ياد تنهنجي تہ روئاري وئي
اڏر ڪانو توڪي...

هر شخص جي چهري جي مٿان چهرو چڙهيل آ
ڏئي ويندو دغا نرڙ تي ڪنهن جي نہ لکيل آ

افسوس جو ماڻهوءَ کي سڃاڻي نہ سگهيس مان
دعويٰ هئي سڄي دنيا کان وڌ مون کي عقلُ آ
هر شخص...

حيرت آ تہ ماڻهن مان توکي خوف نہ ٿو ٿئي
ماڻهن ۾ تہ نانگن کان بہ وڌ زهر ڀريل آ
هر شخص...

نہ ٿي چوٽ لڳي قاصر نواز خوش آن تڏهن نہ تہ
نوڙيءَ کان بہ ڊڄندو پيو نانگن جو ڏنگيل آ
هر شخص...

## قاصر نواز

هڪ ماءُ مصيبت ۾ آ پئي هر هر مون کي پڪاري
ٻي ماءُ ڏئي لولي ٿي جھوليءَ ۾ مون کي سمهاري

هڪ گھر جون گونگيون ٻوڙيون ٻي جاڻ پٽيون هن منهنجي
ٻئي گھر جي پٽين کي ليڪن سَو سَو ڪن آهن منهنجي
هڪ گھر تو اڇي ڪاڻ ٻيو گھر تو مون کي رئاري
هڪ ماءَ مصيبت...

منهنجي هڪڙيءَ ماءُ جا منهنجا پاءُ ۽ پيڻ سڏايا
ٻيءُ ماءُ مان پائر پيئر، آهن جڻ ته پراوا
هڪ کي نہ پاڻ ڏيان ڇهنڊي ٻيءُ کي پل ڪو ماري
هڪ ماءَ مصيبت...

منهنجي هڪڙي گھر جا ياتي منهنجي ڏک سک جا هن ساٿي
منهنجي ٻئي گھر جي ياتين جي سر تي ٿي لڙڪي ڪاتي
هڪڙن جي مرڻ تي ماتم ٻين لاءِ نہ نند ڪو ڪاري
هڪ ماءَ مصيبت...

مان ڪنهن سان درد ونڊايان مان ڪنهن کي سيني لايان
حق آهي ٻنهي جو مون تي پهريون ڪنهن جو حق مان لاهيان
هڪ قرض تي ياد ڏياري- ٻي فرض تي ياد ڏياري
هڪ ماءَ مصيبت...

هڪ گھر الله جو آهي اڄ ان ڪان پڇڻو آهي
هڪ ماءُ ڄڻيو آهي ٻيءَ ۾ دفن بہ ٿيڻو آهي
ڪهڙي ڪعبي کي مان پٺي ڏيان ڪنهن کي قاصر ڇڏيان وساري
هڪ ماءَ مصيبت...

# قاصر نواز

☐

ماروئڙن کي ڪيئن وساريان ڪيئن وساريان پنهنجو ديس
ڪيئن مان پايان قيمتي ڪپڙا، ڪيئن ڦٽي ڪيان پنهنجو ويس
مولا ٽوڙيندو زنجير- ويندیس پنهنجي ملڪ ملير

وڻ صمو وو ڪونجون رڃ ٿيون
ڏجو مارن کي منهنجون ميارون
ڇا ڪان ڏکيءَ کي وينا وساري
جيئري ڇڏيائون مونکي ماري
نيڻن وهايم ڏاڍا نير

ويندیس پنهنجي...

ڪوٽن ۾ آءٌ قيد گذاريان
پنهنجي پکڙن کي پيئي ساريان
ڪونہ وڻن ٿا محل ۽ ماڙيون
روئندي ٿي ويون اکڙيون ڳاڙهيون
اندر ۾ آهي ڏاڍي اڪير

ويندیس پنهنجي...

قاصر نواز ڏينهن ڏٺي جو
ڪليل اکين ۾ خواب ڏٺو هو
ڏٺم تہ منهنجا مارو اچن ٿا
پنهنجا ڳوڙها پاڻ اگهن ٿا
آءٌ ٿئي سويا جن لاءِ پير

ويندیس پنهنجي...

## قاصر نواز

□

مونکي لولي نہ ڏي- امڙ لولي نہ ڏي
مونکي آ جاڳڻو- جبل آ جهاڳڻو
قوم کي جاڳائڻو- مون کي لولي نہ ڏي...

هيءَ منهنجي قوم آ جا صدين کان ستل
هن کي آ ماءُ جي شايد لولي ڏنل
مون کي لولي نہ ڏي...

جيڪو ڪسجي ويو آ ابي کان امان
پنهنجي ننڍڙي ادي لاءِ واپس وٺان
مون کي لولي نہ ڏي...

دعا ڪر قوم قاصر جي سڌ تي اچي
منهنجي سڌ ۾ خدا شل اثر کو رکي
مون کي لولي نہ ڏي...

□

سهڻا پنهنجي اکين کي جهل
هڪ ڪاريون ٻيو تن ۾ ڪجل
مون تي ايڏو نہ ڪن ٿيون عمل
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل....

مان تہ راهہ ورتيون پيو رستو وڃان
کهڙو ڏوهہ ڪيم توهي ڏڪڙا ڏنا
مان مري ويندس دم اتي ئي ڏيندس
تاون توتي ٿيندس- ٿيندو تنهنجن هٿ ۾ ڪفن
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل....

حال هيڻو اٿئي متان پاپ پوئي
ناهي ملڪ منهنجو نڪو سنگتي سهي
ڪجان دل سان دفن ناهي منهنجو وطن
ٻنڊي ڳانداپو پوَن ٿيون ڳل
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل....

اهو طيب تڏهن مان توکي ڏنو
جڏي شهر وڃي ٿيس شاعر چنو
قادن ڪونهي قدر- هُيو ڏوڪڙ جو ڏر
جڏهن ڏنم شهر- مان تہ ڳولهيو گلاب جو گل
سهڻا پنهنجي اکين کي جهل....

## ڪوثر برڙو

رڳو ويڙهه جهيڙو جنبا پٽ جون ڪالهيون
اها آهي سنڌ جي اديبن جي دنيا

ڪڏهن ڪين ماڻي سگهياسين محبت
عجب آ اسان جي نصيبن جي دنيا
رڳو ويڙهه جهيڙو...

تون راڄن جي راڻي ۽ منهنجو وجود
اميرن جي وچ ۾ غريبن جي دنيا
رڳو ويڙهه جهيڙو...

ڦٽن تي وجهن لوڻ چيڻن جي بدران
بدلجي وئي آ طبيبن جي دنيا
رڳو ويڙهه جهيڙو...

نراليون ته رسمون نرالا رواج
نرالي آ منهنجي نجيبن جي دنيا
رڳو ويڙهه جهيڙو...

# ڪوثر ٻرڙو

□

تو سان ڳالهيون ڪندي چپ نہ ٿا ڊاپجن
پر ايڏا لفظ منڙا ڪٿان آڻجن

ڀلا ڪنهن کي چاهڻ جي ڪا حد آ هوندي؟
محبت جون موجون نہ ٿيون ماپجن
توسان ڳالهيون...

هڪڙي حياتي تہ پوري نہ پوندي
پرين پيار لاءِ ڪي حياتيون هجن
توسان ڳالهيون...

تون تہ سائين اڇي پو هليو ٿو وڃي
پوءِ ڏوراپا ڏس جاني ڪنهن کي ڏجن
توسان ڳالهيون...

# ڪرم خان

سڄڻ بي سبب تون جدا ٿي ويو آن
ڪسي دل پرين بيوفا ٿي ويو آن

رسڻ لاءِ جاني بهانا پيئي ڳولهيئي
بنا ڪنهن خطا جي خفا ٿي ويو آن
سڄڻ بي سبب تون...

جدا توکان جاني مان جي ڪونہ سگهندس
منهنجي درد دل جي دوا ٿي ويو آن
سڄڻ بي سبب تون...

ڪرم تي ڪرم جي نظر ڪا ڪرين ها
صنم تون تہ سنگدل صفا ٿي ويو آن
سڄڻ بي سبب تون...

اڄ پکيئڙا اڄ منھنجي سڏ تي اچ
منھنجي مارن جي ڪائي خبر ڏڄ

پنھوارن ڪان پري ٿي- او جيجل ياد اچي ٿي
ھاڻ برِي ٿو مڇ- او پور پون ٿا ڳچ
اڄ پکيئڙا اڄ...

اباڻن جي آس آ- سورن جي سڪرات آ
نياپو نماڻيءَ جو ڏڄ- الا سگھو سانگين ڏي پڇ
اڄ پکيئڙا اڄ...

روئي پاند پُسائيان- پل مَ پرين کي وساريان
حال انھن ڪان پڇ- الا ڳالھ چوانءِ ٿي سچ
اڄ پکيئڙا اڄ...

# لوڪ گيت

□

لوڑھ منجهان لڙهندي اچي
تارن مان ترندي اچي
چولين مان چلندي اچي
جبل مان جلندي اچي

دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري
دل ڪوهيارل ڪوهيارل پئي ڪري
هتان اوڏا منهنجا سپرين
وسارِي وينا الا
دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري

هلڻ هارا منهنجا سپرين
وڃڻ وايون ڪن الا
دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري

ڇڄي پنهنجي مارَن ڪان
ڏني ٻ ڏاڍي ٽيس الا
دل ٻاروچل ٻاروچل پئي ڪري

## لوڪ گيت

منان ڪوڙا ٻول سٽائي
دل ماري لي گيوري دل

کهڙي ملڪ سي جوڳيئڙو آيو
من مرليءَ ۾ ريجهائي- ماري لي گيو ري دل...
اهو پرديسي سدا مارو ساٿي
او وري وري آئي ستائي- ماري لي گيو ري دل...
گهڙي ڏي سونارا سوني پٽڪي
مني هٿري نشاني ڏئي- ماري لي گيو ري دل

□

چوٿئي ڇٺيئي اهڙيون ڌيئر امان
ڌيئر پرائو ڌن اٿئي ڙي امان
گوڏي تي سمهاري ڏنئي لوليون امان
لوليون ڏنئي پرديس وڃڻ جون

ابي امان کي ٿيون سين چار ئي نياٽيون
ننڍڙيون ويڄهيون پرٽيون ڏور ٿيون وڏڙيون
ڏک سک ۾ سڀ ڏور امان- لوليون ڏنئي پرديس وڃڻ جون...

سس طعنن سان مون کي ڏکائي
سهري جي تابش ساهه سڪائي
گوندر مُنجهه گذاريان امان- لوليون ڏنئي پرديس وڃڻ جون...

ڌيئر هميشه پراوا گهر ٿيون وسائن
ماءُ ۽ پيءُ کي غم جا داغ لڳائن
هيئن نه ڏئين ها پرديس امان- لوليون ڏنئي پرديس وڃڻ جون...

□

جيجل تو ڏني سا ٻڏي مون...
ڏکن جي تہ لولي ڏني آ- سورنَ جي تہ لولي ڏني آ

اچڻ جهڙي ناهيان
موڪل ڪو ماڻهو الا- جيجل تو ڏني سا ٻڏي مون...

مائن ڏيئن پاڻ ۾
ڏک بہ تئي اوريئون الاجيجل تو ڏني سا ٻڏي مون...

وڻ وڍي واٽون ڪيان
واٽ بہ ڪا نہ ڏسيئون الا- جيجل تو ڏني سا ٻڏي مون...

پينر پائرن آسري
عيد بہ ڪا نہ مڪئون الاجيجل تو ڏني سا ٻڏي مون...

## لوڪ گيت

مينهون ڙي ميهار تنهنجون بيلي م
اهي چرن ڦرن پيون بيلي م

جي تون چاهين كير پيئارين
پيڙي ميهن ميڙاڪ بيلي م
مينهون ڙي ميهار...

جي تون چاهين كير پيئارين
ماڻڪ مينهن ميڙاڪ بيلي م
مينهون ڙي ميهار...

جي تون چاهين كير پيئارين
ڪنڍڙي مينهن ميڙاڪ بيلي م
مينهون ڙي ميهار...

مان نہ ٿو مڃان- مان نٿو مڃان
گندي دستور کي- بي تکي تـُور کي
مان نہ ٿو مڃان- مان نہ ٿو مڃان...

نہ ڪو دل ٿي ڪري ڳالهہ تسليم ھي
نہ ڪو منھنجو ذھن ٿو ڪري ھي يقين
بير ڇٽبو ناھي ٻبر جي ٻـُور کي
مان نہ ٿو مڃان- مان نہ ٿو مڃان...

ناھي زور جي ميندي لڳندي ڪڏھن
ناھي واريءَ جي ديوار ٺھندي ڪڏھن
اھڙي ڪوڙي قلم ڪوڙي منشور کي
مان نہ ٿو مڃان- مان نہ ٿو مڃان...

چنڊ ڪاري ھينان ڪو نہ لڪندو ڪڏھن
ناھي طوفان ۾ ڏيئو ٻرندو ڪڏھن
ڪير پابند ڪندو منھنجي ھن شعور کي
مان نہ ٿو مڃان- مان نہ ٿو مڃان...

چاھي گوليون ھڻو يا ڏيو ڦاسي
وڪ اڳتي ڪٽي سولي سينگاربي
يلي ماري ڇڏيو لاڪي منظور کي
مان نہ ٿو مڃان- مان نہ ٿو مڃان...

## منظور لاکو

هڪ پاسي مينهن آ تيرن جو، ٻئي پاسي ڄار زنجيرن جو
اي جيجل هڪڙو سرڙو آ، جنهن تي بہ آ قبضو اميرن جو

جي هٿ اُتن تا هٿڪڙيون، جي پير ڇُرن تا زنجيرون
جي وات کڄي تو ڪنڌ لهي، اي سنڌڙي تنهنجي اسيرن جو
هڪ پاسي مينهن....

جي سچ چئون تا ڪوڙن ڪي ان مهل ئي سوليءَ تي لٽڪئون
ڪيئن ڪوڙ ٻڌايان اي جيجل، ڪيان سودو ڪيئن ضميرن جو
هڪ پاسي مينهن....

ساڄي ڪان ڏونگر ڏاڍايون، کاٻي ڪان جبل ۽ جلدايون
چوطرف ظلم جا ڪوٽ ڪڙا، قانون بہ آ بي پيرن جو
هڪ پاسي مينهن....

# محمد خان مجيدي

پل يار اسان جو يار نہ ٿيءُ
پر ڌرتيءَ جو غدار نہ ٿيءُ

جو هن ڌرتي جو دشمن آ
ان جي تہ ڳلي جو هار نہ ٿيءُ
پر ڌرتيءَ جو غدار...

جا لاش اماڻي شهرن مان
ڪا اهڙي تون سرڪار نہ ٿي
پر ڌرتيءَ جو غدار...

بازار ڦرائين چورن ڪان
ڪو اهڙو چوڪيدار نہ ٿي

جا سچ لڪائي ڪوڙ لکي
ڪا اهڙي تون اخبار نہ ٿيءُ
پر ڌرتيءَ جو غدار...

## ميهر فقير

□

تنهنجيون ڏاڙيل اکيون منا- مونکان زوريءَ ويون دل ڦري
تنهنجو مرکڻ تہ ماهِ لقا ويو جهٽ پٽ کو جادو کري

رات سياري جي آ جن مهينو
پوءِ بہ هر هر پئي آيو پسينو
عشق تنهنجي ۾ اڄ دلربا- پيو آڙاهہ اندر ۾ ٻري
تنهنجو مرکڻ...

ڏسي توکي اصل کو نہ ڌاپان
خوشيءَ مان بہ نہ کپڙن ۾ ماپان
توکي مون وٽ تہ آڻي خدا- ياڳ منهنجو کو اهڙو وري
تنهنجو مرکڻ...

کوئي رب کان گهري روز دولت
ڏئي سجدا گهري کنهن تہ جنت
خدا آڏو کري التجا- تنهنجو ميهر ٿو توکي سڏي
تنهنجو مرکڻ...

## منظور خاموش

□

جوڙا او جوڙا، اٿي پئہ دودا
اڇو اڳي ساٿي، اڳيان آهي پنڌڙو

گهوريو پنهنجو جندڙو
ڪٽي اٿو پالا، جوڙا او جوڙا....

ماري وک ڪٽجو، وڏي ڏک هٿجو
ڏاريو آ بي ڏٽڪو
ولهہ دودا ايندا جوڙا ، او جوڙا...

هٿ ۾ سمجهو پيارا آ آزادي
ڪٿو هيءَ بازي
وشو هيمون ايندا، جوڙا او جوڙا...

خاموش ناهيون، توسان گڏ آهيون
سينگارين ڦاهيون
نڌا وڏا ايندا، جوڙا او جوڙا...

# منظور خاموش

سهڻا تنهنجي سامهون ڪيڏي منت ڪئي مون
پوءِ بہ يار تو آ ستايو آ ڪهڙو ڏوهہ ٻڌايو

تنهنجي حُسن تي گيت لکيا مون شاعر ٿو سڏرايان
ڏوهہ سڀ تنهنجن جلون جو آ عاشق يار سڏايان
هٿ جي ترِيءَ تي آهي مون تنهنجو نانءُ لکايو
آ ڪهڙو ڏوهہ ٻڌايو...

اڪڙين ۾ توکي آ ڪاوڙ دل ۾ پيار گهڻو آ
مان سمجهان ٿو ساري جڳ ۾ توکي ڪير وڻيو آ
مرڪي پوءِ من مُهڻا ساٿي چو ٿا رعب ڄمايو
آ ڪهڙو ڏوهہ ٻڌايو...

خاموش اوهان چو آهيو سائين ڇا جو آ شرمائڻ
ماري وجهن ٿا مونکي پيارا تنهنجا نيڻ ملائڻ
ساري دنيا هڪڙي پاسي مون آ توکي چاهيو
آ ڪهڙو ڏوهہ ٻڌايو...

## منظور خاموش

□

اڄ سونهن جا سائين هلي آ حال ڏسي وڃ- اڱڻ اسان جي ڙي
هر هر دل کي روئاري جلائي جاني- ياد اوهان جي ڙي

ياد اچي ٿي دل ترسي ٿي- شوق ۾ دلڙي شور ڪري ٿي
مست فضا ۾- تيز هوا ۾ اندر ايامي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

رُت ٿي توکي ويني ساري- قرب ڪري اڄ يار تون پاڙي
جيئين سدائين مـَن جا سائين ويو ڏيئو اجهامي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

ساهه ٿي ڪوئي بانور ناهي ڪوئي نه ڪنهن سان سينو ساهي
ڪارڻ تنهجن سپ ئي ڇڏيو سي- مان لوڪ رنجايو ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

خاموش تنهنجي راهه ڏسان ٿو- پرت تنهنجي جي چنڙي لکان ٿو
سڪ ۾ سڙان ٿو مفت مران ٿو وئي عمر اجائي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

## منظور خاموش

□

ميڏي دل دا خيال رکو جاني اي ماہِ جبين اي ماہِ لقا

ايوين عجب نظران کون نہ چائو- دل دا ڌڙکڻ رکدا پئي
سانول سڏا نہ تير هلا- ميڏي دل دا خيال رکو جاني...

تيڏي سونهن دي سامهون سحر نهين- شام دا سايہ زلف تيڏي
اهي ناز اندازؔ ۽ تيز نگاهہ- ميڏي دل دا خيال رکو جاني...

مٺا مرکندا هين تہ موتي کِرن- جي هلندا هين تہ مور سڙن
هر بدنظر کنون رکئي خدا- ميڏي دل دا خيال رکو جاني...

نال لبڙان جام دي پيالي- خاموش ماريان ويندا اي
ايهي اکڙيان تيڏيان ميکدہ- ميڏي دل دا خيال رکو جاني...

# منظور خاموش

□

اڄ سونهن جا سائين هلي آ حال ڏسي وڄ آءُ اڳڻ اسان جي ڙي...
هر هر دل کي روئاري جلائي جاني ياد اوهان جي ڙي...

ياد اچي ٿي دل ترسي ٿي- شوق ۾ دلڙي شور ڪري ٿي
مست فضا ۾ تيز هوا ۾- اندر اپامي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

رُت ٿي توکي ويني ساري- قرب ڪري اڄ يار تون پاڙي
جيئين سدائين من جا سائين- ويو ڏيئو اجهامي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

ساهه تي ڪوئي بانور ناهي- ڪوئي نہ ڪنهن سان سينو ساهي
ڪارڻ تنهنجي سيئي ڇڏيوسي- مان لوڪ رنجايوڙي
اڄ سونهن جا سائين...

خاموش تنهنجي راهه ڏسان ٿو- پرت تنهنجيءَ جي چنڙي لکان ٿو
سڪ ۾ سڙان ٿو مفت مران ٿو- وئي عمر اجائي ڙي
اڄ سونهن جا سائين...

## میر صوبدار سعید

جتان رت وهيو جتان ڳوڙها ڪُـٽا
اجان تون ٿو پڇين مان ڇو ٿو روئان
ٿيا ٽر جي ماڻهن جا ليڙون لٽا
اجان تون ٿو پڇين مان ڇو ٿو روئان

جنهن جي قلم سدائين سچ لکيو
نہ تن جو ڪڏهن هٿ رُڪيو
تن اديبن جا تو هٿ ڪٽيا
اجان تون ٿو پڇين...

جنهن ٽج پياري جهوليءَ ۾
ءِ لولي ڏني منيءَ ٻوليءَ ۾
تن امڙن جا تو پٽ ڪنا
اجان تون ٿو پڇين...

جتي باغ هئا اتي باھ لڳي
ءِ لوڙها جهڳيون ويا يار سڙي
جڏهن سعيد سيني ۾ چاڪ چڪيا
اجان تون ٿو پڇين...

## محمد خان مخمور

هيءَ ويل واهيري واويلا ڪو ماري اڄ پيو آيو ڙي

ڦرڙاٽ مٿان ڦرڙاٽ ڏسو- چيخاٽ مٿي چيخاٽ ٻڌو
ڏير ڪيون هو ڏيڏ وجي پيو ڪهڙا پنيڇي گهايو ڙي
ڪو ماري اڄ پيو...

هيءَ ويري ڪي ڪنهن واٽ ڏسي- هن پونءِ پلاريءَ جي ساٿي
پڪ ڄاڻ تہ پنهنجن مان هوندو- جنهن سونهن کي آ ساڙايو ڙي
ڪو ماري اڄ پيو...

ريت رتولي پرڙا پکڙيل-پڙپانگ ويون ٿي پيٽيون بگليل
اي پاپي پاريهڙي تو- هي ڪهڙو ويل وهايو ڙي
ڪو ماري اڄ پيو...

## منظور مگسي

هير دکن جي گھلئي
آ مند ملڻ جي اچڻي آ

کيستائين کوئي تنها- جيئندو جانيءَ کان سواءِ
ويل ورڻ جي ورڻي آ- مند ملڻ جي اچڻي آ

کو تہ هن کي يار ٻڌائي ،کو تہ هن کي يار ٻڌائي
تو سوا دل جھلڻي آ- مند ملڻ جي اچڻي آ

نيڻ تارا ڏسندا رهندا- راھ تکي بس روئندا رهندا
تو بنا نہ سَرڻي آ- مند ملڻ جي اچڻي آ

ٽيندي جنهن پل چيٽ چانڊوکي ياد ايندي ٿي کا ويل اڄوکي
سوچ نہ منهنجي مرڻي آ- مند ملڻ جي اچڻي آ

منظور اداس نہ رهندو کر- نيٺ ملڻ لاءِ ايندو کر
پريت پرينءَ جي ڏسڻي آ- مند ملڻ جي اچڻي آ

## منصور ميرائي

□

جند جڙي مال چڙي رات ڪٽي ٿي اجها ڀاڪ ڦٽي ٿي
هاري هليا هر ڪَٽي ڪيت ڪيڙيندا- ايٺ جوڙيندا
سوجهري ۾ سانوري ڪا سنگ ڪُٽي ٿي
الا رات ڪٽي ٿي...

چنگ چوريو پير سوريو- نيند سيني ڪي ڏيو سيند سِين ڪي
هر ڪو ڏسي هٿ ڪڙي ڪيئن ٽٽي ٿي
الا رات ڪٽي ٿي...

رات وئي سارا پکي لات لنون تا- ڪا ٻات چون تا
گهور انڌيري مان اجها جان ڇٽي ٿي
الا رات ڪٽي ٿي...
الا رات ڪٽي ٿي...

## مسيحا بلوچ

□

چيٽ جون راتيون چنڊ مٿان ٿو ٻري
مان لڇان پئي هت توکان ڪيڏو پري

رات جي هنج ۾ دور تون ڪٿ سٿل
ڇاروئين پيو پرين ياد مونکي ڪري
چيٽ جون راتيون...

جڏ چوي پيو چنڊ مونکي هر هر اڄين
هو سڄي ڏيهه کي اوپرو ويو ڪري
چيٽ جون راتيون...

مونکي هر پل ويڳاڻو ويڳاڻو لڳي
تون هليو وئين پرين مون کان مونکي ڦري
چيٽ جون راتيون...

## مومل

جيجل لوڙهي ڇڏين ها ڏارين ۾ نہ ڏئين ها
ڏس ڏارين جو سور آهيان ڏاڍي مجبور
جيجل لوڙهي ڇڏين...

هت مان اڪيلي نڪو ٻانهن ٻيلي
ڪاڏي وڃان مان ڪنهن کي چوان مان
جيجل لوڙهي ڇڏين...

جڏهن ياد پون ٿا پنهنجا اباڻا
روئي ڪيان ٿي آلا وهاڻا
جيجل لوڙهي ڇڏين...

قسمت ڪيو ڪلور تيم پنهنجن ڪان ڏور
جڏهن پون ٿا پور وڌن ويتر ٿا سور
جيجل لوڙهي ڇڏين...

## مومل

مون کي منڙا ٻول ٻڌائي- دل منهنجي ويو ڪٺي دل
ويو ڪٺي دل- او دلبر ويو ڪٺي دل

اهو پرديسي جنهن سان دل ڦاٿي
ويو دل جو درد وڌائي
دل منهنجي ويو ڪٺي........

ڪهڙي شهر کان جوڳيئڙو آيو
من مرليءَ ۾ ريجهائي
دل منهنجي ويو ڪٺي........

سکر شهر مان چلڙو گهرائي
منهنجي هٿ ۾ نشاني ڏئي
دل منهنجي ويو ڪٺي........

## مشتاق احمد

مون کي تنهنجي جدائيءَ جو هڪ منٽ بہ ماري ٿو
گج هنيانوَ جو ٻاري ٿو- سڏڪن سان روئاري ٿو

مون کي ساهہ کان وڌ آهين
تون الائي ڇا ٿو چاهين
سگهو موٽ سڄڻ سهڻا- منهنجو پيار پڪاري ٿو
مونکي تنهنجي جدائيءَ جو...

مونکي ڪنهن بہ نہ پرچايو
سيني آهي ستايو
هرڪو مون ڏي الائي ڇو-نفرت مان نهاري ٿو
مونکي تنهنجي جدائيءَ جو...

مشتاق سان ملي وڃ
اچي حال تون ڏسي وڃ
صبح شام آنڌي سانجهيءَ پيو توکي سنياري ٿو
مونکي تنهنجي جدائيءَ جو...

## محمود جمالي

□

منهنجي معصوم ٻچڙن جي سار لهجو پيا مون کان پوءِ
منهنجي بي سمجهه ننڍڙن جي سار لهجو پيا مون کان پوءِ

دڳ نہ پنهنجو هي ڀلجي وڃن
راهه تان نہ هي ڀٽڪي وڃن
هن گلاب جي گلڙن جي- سار لهجو پيا مون کان پوءِ

مرض منهنجو وڌي آ ويو
موت مون کي سڏي ٿو پيو
تنهنڪري منهنجي مٺڙن جي...سار لهجو پيا مون کان پوءِ
وڌي محمود ڏي سڀ اچو
هي جماليءَ جي وصيت ٻڌو
منهنجي پيارن پٽڙن جي... سار لهجو پيا مون کان پوءِ

□

ماٺو سهڻو سيڪو آهي
من موهيندو ڪو ڪو آهي

چند ٻہ سهڻو آهي ليڪن
ماٺو سونهن ۾ سرسو آهي

ڏک جو دنگ اتي ئي آ جت
ساٿي ساٿ ڇڏيندو آهي

هر ڪنهن هٿ ۾ گل هجي پر
ڪنهن ڪنهن هٿ ۾ سونهندو آهي

تون ئي ڇڏ اي ملهہ ڪٿائو
پيار جو ڪوئي ڪاتو آهي

شاهي رستن تان اورانگهي
تنگ گهٽيءَ مان لنگهبو آهي

مقصود ٿيندو آهي شفيع
ڪير پرايو پنهنجو آهي

## ممتاز / دالي موري

□

دل دردن جي آ ماري- مان روئندي رات گذاري
تون نہ آئين پرين پرديسي- هي نير تو لاءِ وهندا رهيا
تون ساهہ کان ويجهو آهين- شال پيارل پيار نڀائين
آزار ڪيا ٿئي پيارا- هي نيڻ تو لاءِ وهندا رهيا

ناهي ساهہ تي ڪوئي ڀروسو- هيءَ دنيا آهي يار ڏوکو
اسان پل پل پريت نڀائي- توڙي يار ڪري وٺين جدائي
پرين سات نہ تنهنجو جدبو- هڪ ڏينهن نہ توسان ملبو
پلي لوڪ جلي ٿي سارو هي نير تو لاءِ ....

دنيا کي مون آ سجاتو پر مون کي ڪنهن نہ سجاتو
دنيا جو اهو دستور آ- دل پيارا پرين مجبور آ
اسان پنهنجي وس ۾ ناهيون- جو پنهنجي ڳالهہ مڃايون
منهنجي واڳ پرين تنهنجي وس- هي نير تولاءِ......

جي هوند اچين مون ڏي پيارا- تو لاءِ لاهيان چنڊ ستارا
اسان جان بہ گهوري ڇاڏون پر نينهن نڀائي ڇاڏون
ڏکيو وقت جي اچئي پيارا ڇڏي وڃني پنهنجا سارا
تنهن وقت هليو آ پيارا- هي نير تو لاءِ......

مارنُ چوڙيا مالڙا اَسُر جو اٿي
اسُر جو، اٿي جڏهن هير ٽئي گهَلي

ڏاڍا وُنا مينهڙا
ساوا ڦٽا گاهه
مارُن چوڙيا مالڙا...

وري ايندا وٿاڻن تي
وري ڪاهي مالُ
مارُن چوڙيا مالڙا...

ڏيندُن رب امانَ
۽ ڏيندن ججهو مال
مارُن چوڙيا مالڙا...

محفوظ شل وسن پيا
جهوپا جهانگين جا
مارُن چوڙيا مالڙا...

## نثار بزمي

□

اي دل نہ روءِ ايڏو مونکي بہ ٿي روئارين
ڪنھن بيوفا جي خاطر ڇو پاڻ کي ٿي ڳارين

قسمت جي فيصلي کان انڪار آهي ڪھڙو
آرام ڪجھ تہ ڪر تون ويھي ٿي سچ اپارين
اي دل نہ روءِ ايڏو...

توکي ڇڏيو ڏکاري جنھن پنھنجي در تان باقي
اهڙي جي لاءِ ڪھڙي تون سيج ٿي سنوارين
اي دل نہ روءِ ايڏو...

ڪجھ ٿيءُ تون سياڻي بزميءَ جي ڳالھ مڃ تون
بيدرد کي تون ويھي ڇا لاءِ ٿي سنڀارين
اي دل نہ روءِ ايڏو...

## نماڻو سنڌي

□

سرخ ڪوئي سڌ ٿيئي ته هنياوَ سان هنڊائجانءِ،
خواب چچريل منهنجا تعبير تائين پڄائجانءِ،

روڳ جي جٺاوَ مان ٻاڪ جي ڦٽي پوي،
آباد سنڌ ٿئي جڏهن ۽ رات هي ڪٽي پوي،
تنهنجا پير ناچ ۾ ڇير ئي ڇني ڇڏن،
خوشي ۾ سپ وڄي وڄي تنبور ئي ٽٽي پون،
ساز ماٺ ٿئي متان- ڇڄون ورائي چاڙهجانءِ،
سرخ ڪوئي سڌ ٿئي ته....

سوچ تي گوليون وُٺيون هر رات گذري راڙ ۾،
جلاد هن ستا وڃي اوڄ جي ست ماڙ ۾،
بيرڪون جلي ويون بارود جي بوڇاڙ ۾،
جذبن جو قيدي آهيان ٿو مارجان ڪنهن آڙ ۾،
پر هيئن ته منهنجي موت تي تون اڄ نه ڳوڙها ڳاڙجانءِ،
سرخ ڪوئي سڌ ٿئي ته....

آواز ٿا گهُٽيا وڃن ۽ پونءِ سڀ آ چوڪنيي،
ڏاڍ جي هٿن ۾ آ ڏات جي ٻچي ڏنيي،
ضرب آ سنگين جي ۽ تون ٻہ تي اکيون ڇنيين
مان تہ قيد ۾ پڪي ۽ تون ٻہ قيد ۾ سڙين
چپ سبين مٿان چري گيت ۾ گهرائجانءِ
سرخ ڪوئي سڏ ٿئي تہ....

آڪاش ۾ ٻتيون ٻريون تارا نچي سمهي پيا
ڏئي تہ اپ سڀ مٿان وري وري وڃون ڪريون
ڏسين اتر ڏکڻ منجهان ارمان جا ڪکر ٿٿن
رات ٿڌڙي جي هجي ۽ سوڳ ۾ خوشيون هجن
هانوَ تي تري اڃانءِ تہ چنڊ ۾ چتائجانءِ.
سرخ ڪوئي سڏ ٿئي تہ....

ياد جيئن تي اڃي گهاءُ تيئن ٿو ڪرين.
ڏينهن ٻہ تي هن ڏکيا تون ٻہ پير آءُ پري
ڏر تتيءَ جيان دليون ذرو ذرو پيون ٻري
سنڌ ديويءَ جي رسم شروع ۾ تي رت گهري
ڪفن منهنجو وٺيون ڪري ڏيئا لهوءَ مان ٻارجانءِ.
سرخ ڪوئي سڏ ٿئي تہ....

پڙاڏا پيار تي ڦٽي پٽن جي پر مهاڙ ۾،
چنڊ جڏهن چڙهي اچي سڄ لٿي ڪراڙ ۾،
بندش نہ ڪا هجي جڏهن وائيءَ جي اڏام تي
تنهنجا ڪنل اچي وڃن سونهن جي سلام تي
مان ٻہ تن جي اوٽ ۾ نماٽو ٿو نهارجانءِ.
سرخ ڪوئي سڏ ٿئي تہ....

مان ڏاڍو اداس آهيان سڪ ڏاڍي لڳي آهي
تو هيل وڇوڙي ۾ وڏي يار وٺي آهي

تارن سان ڪري ڳالهيون پيو رات گذاريان مان
جڏهن تو ٿئي ڏينهن تہ راهون پيو نهاريان مان
گذري ويو حياتيءَ جو حصو ڪوڙ لڇي آهي
مان ڏاڍو اداس آهيان...

مون ڪٺي نہ نيائڻ جي دکھي ڪيڏي نظر آهي
پيارل بہ پڪائيءَ ۾ ڇڏي ڪا نہ ڪسر آهي
ڪنهن ساڻ تي ساڙيلي ڏني هن ڪي هشي آهي
مان ڏاڍو اداس آهيان...

تعويذ ٻڌم ٻانهن ۾ ديدار جي سانگي
دعائون بہ گھرايون مون وجي پيار جي سانگي
سمجھان تو دعا ڪا بہ اجان ڪا نہ اگھي آهي
مان ڏاڍو اداس آهيان...

ڪو وهم نہ ڪر دل جو گھنگھار ٿي ويندينءَ تون
ناظم سان نہ ڪر ليکو آزارجي ويندين تون
جو دعاگو منگي محب جو هر چيڻ ڪتي آهي
مان ڏاڍو اداس آهيان...

## نجم نور قلپوٽو

پکيئڙا مارن جا ڏي ڏسَ
مون تہ ڪيا وڏا وسَ
پکيئڙا...

منهنجي مارن جون چُنريون جهولا
پيچ پنا بيوس

مون تہ ڪيا...

سگهڙين اڇڙا لٽڙا پاتا
نچي اٿين نس نس
مون تہ ڪياَ...

مون تہ پرين جا پڪڙا پچايا
گهيڙ گهتيون ۽ گس
مون تہ ڪياَ...

مون تہ مارن لاءِ لڙڪ وهايا
نور نهوڙي نس نس
مون تہ ڪياَ...

## نياز پتافي

■

سور پٽيندي صديون گذريون پوءِ بہ لٽا نہ پور
ماروئڙا مجبور منهنجا سانگيئڙا مجبور

لاش ڏسي اڄ جوڏن جا ڪارا اوڍيا سنڌ ڏياڙين
اڄ ڪلهہ جو انصاف ڏسي پاڻ کي ساڙيو آهي نياڙين
ٽوڙي، ٽنڊو، ستر ڪلفٽن ملڪن ۾ مشهور
ماروئڙا مجبور...

ڪنهن جا ڪونٽرپٽ ڪُتا ڪنهن جي هٿن ۾ هٿ ڪڙول
چو نہ ڪيان مان ڳالهہ سچي چو نہ لڪان مان اهڙا ٻول
ڇا بہ ٿئي پر سيني کي مان چوندس سچ ضرور
ماروئڙا مجبور...

عيش ۾ آهن ڏن پرور مسڪينن تي مارو ماري
پگهر وهائي پورهيو ڪن پوءِ بہ آهن قيد ۾ هاري
نياز پتافي ڪنهن نہ ڦيرايو دهشت جو دستور
ماروئڙا مجبور...

## نذر محمد بسمل

□

لاش منهنجو ڏسي چو تي روئين اماں
مان تہ جيئرو آهيان ڏِس شهيدن جيان

تنهنجي ڳوڙهن مان لاشون تو ڪرندو ڏسان
تنهنجي سڏڪن مان نعرا تو سنڌ جا ٻڌان
تنهنجي ممتا جي خوشبوءِ تو محسوس ڪيان
مان تہ جيئرو آهيان...

منهنجا موڙ ۽ ميندیون سنڀالي تون رک
منهنجي سيج سهڻي سنڀالي تون رک
هي نشانيون تنهنجي پيار جون تو پسان
مان تہ جيئرو آهيان...

سنڌ ڌرتيءَ تي جاڳيا اٿي سومرا
ڪو هوشو ڪو هيمون آهي در اسان
ڪهاڙي ۽ اجرڪ آ جن جو نشان
مان تہ جيئرو آهيان...

تون جنهن کي ڏسين ڳاڙهي ٽوپي امان
سو تنهنجو ئي پٽ آهي بسمل جيان
سنڌ ڌرتيءَ جا وارث آهن ڳڻڻ کان گهڻا
مان تہ جيئرو آهيان...

توکانسواءِ تنها رهڻ منظور مونکي ناهي
پر ڇا ڇوان قسمت کي ڇڏي ساٿ ويئي آهي

آس تنهنجي ملڻ جي هردم آ
جدا توکان ٿيڻ جو وڏو غم آ
توکانسواءِ زنده رهڻ منظور مونکي ناهي
پر ڇا ڪيان...

سچ ايري لهي ويا ڪيئي دفعا
هر رات ڪٽي مون توکان سواءِ
توکانسواءِ ڪا رات ڪٽڻ منظور مونکي ناهي
پر ڇا ڪيان...

راتيون قربن واريون ياد ڪري
روئي تو لاءِ دانهون ناز ڪري
توکانسواءِ ڪا باک ڏسڻ منظور مون کي ناهي
پر ڇا ڪيان...

□

سدائين خوش رکئي سهڻا خدا توکي وڃڻ وارا
مچائي عشق جي محفل وري ويران ڪرڻ وارا

اهي برسات جون راتيون جڏهن ايندڀون روئاريندڀون
اهي گهٽ گهير ڪائيندا سڄڻ تنهنجي گهمڻ وارا
مچائي عشق جي...

وري ڳالهيون هي ماضيءَ جون سبب بڻيون اداسيءَ جون
اهي ڏينهڙا ڪيئن وسرن ڏيئي هٿ هٿ ۾ هلڻ وارا
مچائي عشق جي...

اڄ ويجهو سڄڻ سهڻا نديم روئي ته سڪ لاهيون
وري قسمت ڪري ميلو روئاري اڪيلو ڪرڻ وارا
مچائي عشق جي...

هو عيد جو ڏهاڙو ان ڏينهن ۾ تو ڏڪاريو
انهيءَ مهل مونکي ڇڻ زهر تو پيئاريو

عيد اچڻ جي آس هئي دل ۾
توسان ملڻ جي پياس هئي دل ۾
ڏينهن خوشيءَ جي ڏيل ڏري تو
لوڪ سچو ير مون تي ڪلي تو
ڪري ويل جاني ڇڻ ساهه ڪي گهٽايو
هو عيد جو ڏهاڙو...

سوچيندو هان عيد جي ايندي
منهنجي وهيءَ ڪي يار ڏنگيندين
ڪلندي ڪلندي گهاوَ ڏئي وئين
ملندي ملندي باهه جان ٻري پئين
ڪري منتر سارو تو لوڪ ۾ روئاريو
هو عيد جو ڏهاڙو...

عيدون ايندون يار نه وٽنديون
دل تي ڪارا زخم ڇڏينديون
پيارا پيار ۾ ڪين ڏنو هان
قسمت پنهنجيءَ تي ئي رُنو هان
وڏي ڏينهن مون آ آزار ۾ گذاريو
هو عيد جو ڏهاڙو...

تو ڪنڌ ڪپيا سرويچن جا
منهنجو نيڻ تہ وارو ورتو ا
ڏس ،اب وهاڻي ڄاڻ وئي
مون ٻارڻ تو لاءِ ٻاريو آ

اڄ لال لهوءَ جي گردش آ چوطرف انڌارو ڇانيل ا
لڳو مقتل ۾ اڄ نعرو آ- هڪ وار مري وري جيئڻو آ
ڌرتيءَ سان ناتو نہ ڇنڻو آ- منهنجو نيڻ تہ وارو ورڻو آ...

ڏس سنڌوءَ ۾ گجگوڙ ٿيا- ڏس جيجل سر جي سَين هنئين
ڏس رت ۾ ريٽا يار ٿيا- ڏس ڪيئي گهوٽ نثار ٿيا
ڪو دولهہ نيڻ تہ ڄمڻو آ- منهنجو نيڻ تہ وارو ورڻو آ...

توکي ڪير چوي تو مئل آهين تون زنده آن تون زنده آن
شهيد مغل مئا ناهن- سي گهوٽ ٻڌيا ڇڻ وينا هن
سي اڄ نہ سياڻي ورڻا هن- منهنجو نيڻ تہ وارو ورڻو آ...

## نامعلوم

مليا سوکڙيءَ ۾ وري اڄ بہ لاشا
ڪيا غير ڪيڏا اسان سان تماشا

اڃان هن جي هٿ تان نہ ميندي لٿي هئي
اڃان لال جوڙو نہ بدلايو هن هو
ونيءَ جو وري رات ور کو ڪهي ويو
امڙ جي اميدن جو گهر ڇڻ ڊهي پيو
مليا سوکڙيءَ ۾...

وري رات غيرن جي گولين سان گهايل
چرڙات چيخون ۽ آهون پڪارون
پکيون پاڻ وٽ پڻ ڪٽي رت جي خوشبوءِ
جهنجهوڙي جهنجهوڙي چيائون ٻڌو ڙي
مليا سوکڙيءَ ۾...

## نامعلوم

□

نااهل اسان جو مالهي آ- هن منهنجي چمن جو ڇا ٿيندو
بد ذوق جي هٿ ۾ باغ رهيو معصوم وڻن جو ڇا ٿيندو

ڪانوَنَ کي اجازت ڪان ڪان جي- بلبل جي صدا تي بندش آ
هر شاخ تي ظالم ويڙهو آ- مرغانِ چمن جو ڇا ٿيندو...

جتي مور هڻا اتي ڪانو ڪٻر- ڊپ ٿو پوکين جت آهه ڇپر
خراسانيءَ کي ڪا ناهي خبر- هن منهنجي ماتا جو ڇا ٿيندو...

هي نرم ۽ نازڪ ٻئي هٿڙا- مضبوط ڳلو خنجر جو وزن
تون منهنجي ڪسڻ جو فڪر نہ ڪر- پر تنهنجي هٿن جو ڇا ٿيندو...

## نامعلوم

آزاد وطن جي حب محڪوم جي حسرت آ
هڪ مان نہ چوان ٿو پر قومن جي ضرورت آ

انڌير نہ ٿيو هوندو اهڙو جو هتي آهي
حق چوڻ تي ڦاهي آ- حق گهرو تہ قيامت آ
آزاد وطن...

هر طرف تشدد ۽ تعصب ئي تعصب آ
افسوس امڙ سنڌ جي ڪنهن ڪئي نہ حفاظت آ
آزاد وطن...

اسلام جا رکوالو! انسان ڪهو ٿا ڇو
قرآن ۾ ڏس ڪيڏي انسان جي عظمت آ
آزاد وطن...

مارو لولي الوڙي نينگر لولي الوڙي

درياءَ دي پرون ڪوئي تتر تنواري
هيڪر ملياسين ٻيهر مولا ملائي
او ٻگا لولي...

ٻگا جو ڏاند تيڏي ڏاند ڪون چير هي
ٻگا ڪيون ويندا اين تيڪون مرشد جي ميڙ هي
او ٻگا لولي...

در تيڏي تي ڪائي بندي ڪڙي هي
مين نہ ڄاتم اها اجرڪ دي جهنڊ هي
او ٻگا لولي...

ويندا جو پيا اين ڳڏي آوين آئينا
هڪ ڏينهن دا وعده پورا لاتئي مهينا
او ٻگا لولي...

مهري ڙي مهري تيڏي مهري ڪون جهل هي
اي تي ميڏي هڪ اجرڪ دا ملھ هي
او ٻگا لولي...

۳۰

سدا خوش هجن نہ ڏکيو ڏينهن ڪو ڏسن
منهنجا ماروئڙا- منهنجا جهانگيئڙا

پيار محبت پاڻ ۾- وندن ۽ ورچن
منهنجا ماروئڙا...

ڏور شل رهن ڏکن کان- هجن ساڻ سکن
منهنجا ماروئڙا...

وحيد چئي هجن آباد- ڪليو ڪير پيئن
منهنجا ماروئڙا...

## ولي محمد

□

جا ڪون جدا ٿياسين اکين ناهي آرام
منهنجا مارُن کي ساري چئجو سلام

هيڏي ساري ولر مان وڇڙيس هڪ ڇٽي
آيا سور سامهون منهنجي باب ٻٽي
نہ ڪاغذ نہ قاصد- نہ ڪي مڪئون پيغام
منهنجا مارُن کي...

منهنجي هيءَ وصيت سڻ تون نام خدا
پورا ٿيم پساھ مارُن کان تہ سوا
اتي لوڙھ لٽجان- جتي مارُن مقام
منهنجا مارُن کي...

مارو ياد اٿم اها ھؤائي دم دم
مرڻ تائين مارن جو اهو لهندم نہ غم
قضا ڏينهن منهنجا لکيا منجھ ماتام
منهنجا مارُن کي...

ولي محمد وسارڻ آهي ڪم ڪچن
اهي دانهون ٻڌي مارو پيرو ڪن
فرمان "فذڪروني اذڪر ڪم" جام
منهنجا مارُن کي...

□

اهڙو ڪو اسرار رڪيل هو شوخ نظر ۾
نيزي ۾ نه ناهي نه تلوار خنجر ۾

مون سان مرڪي محبوب آ ڳالهايو
منهنجي گھايل هن دل کي آ گھايو
گھور سان سَوَ گھاوَ ٿيا جان مگر ۾
نيزي ۾ نه ناهي...

ڪٺي نازن سان نيڻ نهاري
پوءِ ته جيئرا به جانب تو ماري
اهڙو اثر آهيَ رڪيل اک جي ڇپر ۾
نيزي ۾ نه ناهي...

دل ماندي هي دلبر کي چاهي
منهنجو دنيا وارن ساڻ ڇا هي
تنهنجو آهيان تنهنجو رهان ساري عمر ۾
نيزي ۾ نه ناهي...

ڏسي جادوءَ ڀري هيءَ جواني
ساري دنيا ٿي پئي آ ديواني
ڪونهي ڪشش اهڙي هادن شمس قمر ۾
نيزي ۾ نه ناهي...

گفتگو: خليل چنڊ

# سرمد سنڌيءَ جو ريڊيو انٽرويو

خليل چنڊ: سرمد! سڀ کان پهريان توهان ٻڌايو توهان ڪٿي پيدا ٿيا؟ ڪٿان تعليم حاصل ڪئي؟

سرمد سنڌي: سڀ کان پهريان تہ مان سامعين جو بيحد ٿورائتو آهيان. جن خط لکي منهنجو انٽرويو ڪرڻ جي فرمائش ڪئي. منهنجو نالو عبدالرحمان مغل آهي. ڳوٺ پريالوءِ ضلع خيرپور آهي. ميٽرڪ پنهنجي ڳوٺ پريالوءِ مان ڪيم. پوءِ خيرپور ۾ پڙهيم. اڄ ڪلهہ ڪراچي ۾ K D A ۾ اسسٽنٽ انجنيئر آهيان.

سوال: فن جي دنيا ۾ ڪيئن پير پاتو؟

سرمد: آواز قدرت جي طرفان مليل هڪ وڏي ڏات آهي. ننڍو هوندو هوس تہ منهنجي امڙ مون کي ٻڌائيندي هئي تہ بابا جڏهن تون پٽي ميٽي اسڪول ويندو هئين تہ اچڻ ۽ وڃڻ وقت سهڻا سهڻا آلاپ آلاپيندو هئين، پوءِ مان تنهنجي پيءُ کي چوندي هيس تہ ڏس تنهنجو پٽ ڳائي ٿو. ان ڪري شوق ننڍپڻ کان ئي هو. ڪو سريلو فنڪار ٻڌندو هوس تہ اهو مون کي متاثر ڪندو هو. پوءِ اهو روبرو ٻڌان يا ريڊيئي تي پر مان چاڪاڻ تہ ڳوناٽي ماحول ۾ رهندو هوس، جتي ڳائڻ کي سٺو نہ سمجهيو ويندو هو. پوءِ جڏهن مڪمل طرح سان ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳس تہ باقاعدگيءَ سان فن طرف توجهہ ڏنم. سٺا سٺا دوست، مهربان ۽ همدرد انسان مليا. منهنجي ڪاميابيءَ ۾ منهنجي سٺن دوستن جو وڏو هٿ رهيو آهي.

سوال: پوءِ باقاعده ڳائڻ ڪڏهن کان شروع ڪيو؟

سرمد: 1985ع کان مون باقاعدگيءَ سان ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ريڊيو تي بہ 85ع کان آيس.

سوال: ريڊيو، ٽي وي، اسٽيج ڪيسٽ سيني ۾ اوهان ڳايو آهي. خوشي ڪٿي ڳائڻ ۾ ٿيندي اٿوَ؟

سرمد: اسٽيج تي پرستار ۽ ٻڌندڙ سامهون ويٺا هوندا آهن. فوري طور تي ڪليپنگ ڪندا آهن، داد ڏيندا آهن. فنڪار لاءِ سڀ کان وڏي

خوشيءَ واري ڳالهه ڳائڻ دؤران ملندڙ داد هوندو آهي.
سوال: ان جو ڪهڙو سبب آهي تہ اوهان گيت ڳائڻ طرف وڌيڪ توجهه ڏنو آهي؟
سرمد: ڇاڪاڻ تہ ننڍپڻ کان وٺي منهنجو لاڙو گيت ڳائڻ طرف هو. سوچيم تہ جيڪا شئي قدرتي طور منهنجي اندر ۾ موجود آهي، ان تي وڌيڪ محنت ڪري ان کي اجاڳر ڪندس تہ ڪامياب ٿيندس.
سوال: ڪهڙي فنڪار کي وڌيڪ ٻڌندا هئا؟
سرمد: ڊول فقير کي مان ڏاڍو ٻڌندو هوس فقير عبدالغفور کي ٻڌندوهوس. انهن فنڪارن جي هڪ انفراديت هئي. نرالو انداز هو. انهن نج لوڪ رنگ ڳايو. انهن کي ٻڌڻ جو هڪ مزو ۽ سُرور ئي پنهنجو آهي. هنن نقل ڪنهن جو بہ ڪونہ ڪيو.
سوال: اهي تہ پراڻي جڳ جا فنڪار هئا. نئين رنگ مان ڪنهن جو اثر قبول ڪيو؟
سرمد: نئين دؤر ۾ سڀ کان وڌيڪ منظور سخيراڻيءَ کان متاثر رهيو آهيان.
سوال: پنهنجي گيتن جون ڌنون پاڻ ٺاهيندا آهيو يا ڪنهن کان ٺهرائيندا آهيو؟
سرمد: گهڻي ڀاڱي مان پاڻ ٺاهيندو آهيان. باقي شاعر زاهد شيخ جيڪو آهي اهو پنهنجي گيتن جون ڌنون اڪثر ڪري پاڻ ٺاهيندو آهي.
سوال: توهان جو نالو عبدالرحمان آهي. سرمد سنڌي نالو ڪيئن ۽ ڪڏهن کان اختيار ڪيو اٿو؟
سرمد: سرمد تاريخ جو هڪ تمام وڏو نالو آهي. مان ان جي ڪردار کان گهڻو متاثر آهيان. ان جي نالي پويان ئي مون پاڻ کي سرمد سنڌي سڏائڻ شروع ڪيو. ماڻهن بہ جيڪا منهنجي موٽ ڏني آهي، مونکي سڃاڻپ ڏني آهي. اها بہ رحمان مغل جي ڪري نہ پر سرمد سنڌيءَ جي ڪري.
سوال: اوهان جي آلاپن ۾ درد ۽ پيڙا نمايان هوندي آهي ڇو؟
سرمد: ڪهڙو ماڻهو آهي جنهن وٽ درد ڪونهي. هر ماڻهوءَ جي دل ۾ درد سمايل آهي. ڪنهن کي ڪنهن جي بيوفائيءَ جو درد. ڪنهن کي پاڻ سان ٿيل ناجائزيءَ جو درد. جتي خوشيون آهن اتي درد بہ آهن.
سوال: پاپ ميوزڪ بابت راءِ؟

سرمد: پاپ ڪجهہ عرصي لاءِ آهي. فوڪ کي زندگي آهي. مونکي پاپ ميوزڪ جي مقابلي ۾ فوڪ تمام گهڻي وڻندي آهي.

سوال: توهان تمام ٿوري وقت ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. ان جو راز ڪهڙو آهي؟

سرمد: مان ڪڏهن ويهي سوچيندو آهيان تہ مان هڪ غريب جو ٻار. جنهن جي ڪا حيثيت ئي ڪونهي. بس سڻن دوستن ۽ ٻڌندڙن مان ڏنو آهي. ايتري محنت نہ ڪئي اٿم جيتري موٽ ملي آهي.

سوال: ان موٽ سان اوهان ۾ ڪهڙي احساس جنم ورتو آهي؟

سرمد: مان سوچيو آهي تہ مان اهڙا گيت ڳايان. اهڙي شاعري ڳايان جيڪا انهن ماڻهن جي احساسن جي ترجمان هجي.

سوال: زندگيءَ ۾ سول انجنيئر آهيو. اها الڳ فيلڊ آهي. وري سڄيءَ سنڌ ۾ وڃي فنڪشن بہ ڪيو ٿا. ان کي ڪيئن Manage ڪندا آهيو؟

سرمد: اوهان جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ترتيب آهي. ڪو شيڊول آهي تہ پوءِ ٻئي ڪم گڏ هلائڻ ۾ تڪليف ڪو نہ ٿي ٿئي. مان چوندو آهيان تہ نوڪري سڀ کان پهرين. پوءِ ڳائڻ. نوڪري منهنجي ضرورت آهي. فن شوق آهي. جو تہ مان ننڍيءَ عمر ۾ تجربو حاصل ڪيو آهي. اهو هي تہ جيڪي فنڪار رڳو ڳائڻ تي ڀاڙين ٿا. انهنجي ڀڃاڙي ڇڱي ڪونہ ٿي ٿئي. فن هڪ لهر آهي. اڄ مان هڪ سرمد آهيان. سڀاڻي ڏهہ ٻيا سرمد پيدا ٿيندا.

سوال: هڪ موٽ تہ اوهان کي اسٽيج تي ملندي آهي. ٻي روبرو دوستن ۽ ٻڌندڙن وٽان. موٽ جو ٻيو بہ ڪو ذريعو اٿو؟

سرمد: مون کي روز ڪڏهن سٺ سٺر خط بہ ملن ٿا. مان بہ روز 20 خطن جو جواب لکندو آهيان. پوءِ مختصر ئي سهي. ڪجهہ دوستن ۽ مهربانن کي جلد جواب ڏيندو آهيان. ڪن کي دير سان جواب ضرور لکندو آهيان. پرستار آهن تہ اسان فنڪار آهيون. اسان انهن کي ٻيو ڇا ٿا ڏئي سگهون؟ اخلاقي طور بہ هنن خط جو جواب تہ لهڻو نہ. ماڻهو مري ويندو. سندس ڳالهيون ۽ اخلاق ماڻهن کي ياد رهندا.